الجزء ۴

لَنْ تَنَالُوا الْبِرَّ حَتّٰى تُنْفِقُوْا مِمَّا تُحِبُّوْنَ ۬ؕ وَمَا تُنْفِقُوْا مِنْ شَيْءٍ
فَاِنَّ اللّٰهَ بِهٖ عَلِيْمٌ ﴿۹۲﴾ كُلُّ الطَّعَامِ كَانَ حِلًّا لِّبَنِيْۤ اِسْرَآءِيْلَ اِلَّا مَا
حَرَّمَ اِسْرَآءِيْلُ عَلٰى نَفْسِهٖ مِنْ قَبْلِ اَنْ تُنَزَّلَ التَّوْرٰىةُ ؕ قُلْ فَاْتُوْا بِالتَّوْرٰىةِ
فَاتْلُوْهَاۤ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿۹۳﴾ فَمَنِ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ الْكَذِبَ مِنْۢ بَعْدِ
ذٰلِكَ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿۹۴﴾ قُلْ صَدَقَ اللّٰهُ ۫ فَاتَّبِعُوْا مِلَّةَ اِبْرٰهِيْمَ
حَنِيْفًا ؕ وَمَا كَانَ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿۹۵﴾

وقف جبريل عليه السلام

توهان نيڪي (جو اعلىٰ مقام) هرگز حاصل ڪري ڪو نه سگهندو، جيستائين توهان (الله جي راهه ۾) محبوب ترين شين مان خرچ نه ڪندا ۽ توهان جو ڪجهه به خرچ ڪيو تا بيشڪ الله ان کي پوري طرح ڄاڻي ٿو. (92) (توريت نازل ٿيڻ کان اڳ) بني اسرائيل لاءِ کاڌي جي هر شيءِ حلال هئي. سواءِ انهن شين جي جيڪي يعقوب (عليه السلام) پاڻ پنهنجي مٿان حرام ڪيون هيون. (اي حبيب خاتم النبيين صلى الله عليه وآله وسلم) هنن کي چئو ته تورات کڻي اچو ۽ ان کي پڙهي ڏسو جيڪڏهن اوهان (پنهنجي هن دعوىٰ ۾) سچا آهيو.(93) ان هوندي ان کان پوءِ به جيڪو شخص الله تي ڪوڙا الزام هڻي ته اهي ماڻهو ظالم آهن. (94) تون هنن کي آگاهه ڪر ته الله سچ فرمايو آهي. سو اوهان ابراهيم عليه السلام جي دين جي پيروي ڪريو جيڪو هر باطل کان منهن موڙي صرف الله جو ٿي ويو ۽ هو (هرگز) مشرڪن مان نه هو.(95)

پوئين آيت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ڪافر قيامت ۾ پنهنجي ڇوٽڪاري لاءِ پوري زمين جيترو سون به بدلي ۾ ڏئي ته به نجات حاصل ڪري ڪو نه سگهندو. هن آيت ۾ الله جي راهه ۾ پلي مان پلي شيءِ خرچ ڪرڻ جو ذڪر آهي ۽ الله تعالىٰ جي رضا ۾ خوشنودي

حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي، جنهن جي ترغيب لاءِ ارشاد خداوندي آهي: ”لَنۡ تَنَالُوا الۡبِرَّ“ هت ”اَلۡبِرَّ“ جي نسبت ٻانهي ڏانهن ڪجي ته پوءِ اطاعت، صداقت، احسان جي وسعت ۽ خير ڪثير مراد آهي، پر جيڪڏهن ”اَلۡبِرَّ“ جي نسبت الله تعاليٰ طرف هوندي ته پوءِ رضا، رحمت، مغفرت ۽ جنت جي نعمت مرادهوندي. دنيا ۽ آخرت ۾ ڪامياب زندگي بنائڻ ۽ نيڪيءَ جو اعليٰ مقام ماڻڻ تيستائين ممڪن ناهي، جيستائين اوهان پنهنجي مال ۽ دولت مان وڌيڪ پياري شيءِ الله جي راهه ۾ خرچ نٿا ڪريو. اوهان جو ڪجهه به خرچ ڪريو ٿا، الله ان کان بي خبر ناهي. (البقره: 2/ 361-195-177، آل عمران: 3/117-180، النساء: 38/4) خدا کي پوريءَ طرح معلوم آهي ته اوهان ڪهڙي نيت ۽ ڪيتري محبت سان پنهنجي ڪهڙي شيءِ انسانن جي فلاح ۽ بهبود ۽ دين اسلام جي تعمير و ترقي لاءِ خرچ ڪئي آهي. (الدهر: 76/ 8-5، الانفطار: 13/82) ”اِنَّ اللّٰهَ طَيِّبٌ لَا يُقۡبَلُ اِلَّا طَيِّبًا“ الله طيب پاڪ صاف آهي ۽ پاڪ صاف شيءِ قبول ڪري ٿو. ”اِنَّ اللّٰهَ جَمِيۡلٌ وَّ يُحِبُّ الۡجَمَالَ“ الله تعاليٰ خوبصورت آهي، خوبصورت شيءِ پسند ڪري ٿو. (البقره: 267/2، 264، 254)

صحيح مسلم ۾ آهي الله جي راهه ۾ حلال ڪمائي مان جنهن هڪ ڪجور جي برابر به صدقو ڏنو ته اهو احد پهاڙ برابر شمار ڪيو ويندو. شرعي حڪمن جي ظاهري شڪل جو لبادو ڍڪي رياڪاري ۽ خودنمائيءَ سان ديانداري ظاهر ڪرڻ سان اصل نيڪي حاصل ڪري نٿي سگهجي، نيڪ انسان جو مقام بالاتر آهي، نيڪيءَ جو اصل روح، الله جي محبت آهي. اهڙي محبت جنهن ۾ انسان پياري کان پياري شيءِ الله جي راهه ۾ قربان ڪري. جهڙي طرح حضرت ابوطلحه رضي الله تعاليٰ عنه پنهنجو پياري مان پيارو قيمتي ۽ نفع بخش باغ ”بيرحا“ حضور خاتم النبيين صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جي خدمت ۾ پيش ڪيو ته دين حق ۽ انسانن جي بهبود لاءِ خرچ ڪيو، جيڪو پاڻ ڪريمن خاتم النبيين صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جي مشوري تي ذوالقربيٰ ۾ تقسيم ڪيو ويو. اهڙيءَ طرح حضرت ابراهيم عليه السلام ڪيو. (الصّٰفّٰت: 37/107-101) يهودين جو هڪ اعتراض هو ته اوهان مسلمان دين ابراهيم عليه السلام جا مجيندڙ سڏايو ٿا، پر ڪي شيون جهڙوڪ اٺ جو گوشت ۽ کير، سڀ جو گوشت دين ابراهيم ۾ حرام آهي، مگر اوهان وٽ اهو حلال ڇو آهي، ان جو جواب آهي ته ڪاڏي جون سموريون شيون جيڪي عام طور ماڻهن جي استعمال ۾ آهن، اهي سڀ شيون بني اسرائيل لاءِ به حلال هيون ۽ انهن جي ڪاڏي ۾

استعمال ٿينديون هيون. پر ڪجهہ شيون جيڪي بني اسرائيل يا اسرائيل تورات جي نازل
ٿيڻ کان اڳ پنهنجي مٿان پاڻ حرام ڪيون هيون. هت ”پاڻ تي حرام ڪيون“ مان اهو تاثر
بہ ملي ٿو تہ هن پاڻ کائڻ بند ڪيون، جن کي يهودي پاڻ لاءِ حرام سمجهندا رهيا حالانڪہ
اهي شيون الله طرفان حرام ڪيل نہ هيون. (النساءِ: 160/4، الانعام: 146-147/6) پر ان
هوندي بہ جيڪڏهن بني اسرائيل (يهودي) هن بابت تڪرار ڪرڻ گهرن ٿا تہ پوءِ کين ٻڌاءِ
تہ جيڪڏهن اوهان پنهنجي دعوىٰ ۾ سچا آهيو تہ پوءِ تورات کڻي اچو ۽ ان کي پڙهي ڏسو
تہ حقيقت جو پتو پئجي ويندو. پر جيڪڏهن ڪو بہ هن اصلاحي بيان بعد پنهنجي ضد ۽
هٺ تي قائم رهي، غلط بياني ڪري ۽ الله طرف ڪوڙي نسبت ڪري خدا تي بهتان هڻي
تہ اهڙا انسان وڏا مجرم ۽ ظالم آهن. هنن کي ٻڌايو تہ الله سچائي بيان ڪئي آهي، پوءِ
جيڪڏهن واقعي اوهان حضرت ابراهيم عليه السلام جي دين جا سچا پيروڪار آهيو تہ پوءِ هر ٻئي
طرف کان منهن موڙي يڪ طرفا ٿي ابراهيم عليه السلام جي دين جي پيروي ڪريو. ابراهيم
عليه السلام شرڪ ڪندڙن مان ڪو نہ هيو، پر هو خدا جو سچو رسول ۽ اطاعت گذار ٻانهو هو.
قرآن انهن شين کي حرام قرار ڏنو آهي، جيڪي ابراهيم عليه السلام جي ملت ۾ حرام هيون.
ان ڪري ملّت ابراهيميءَ جي پيروي ڪريو مشرڪ نہ ٿيو. (آل عمران: 95/3)

إِنَّ أَوَّلَ بَيْتٍ وُضِعَ لِلنَّاسِ لَلَّذِي بِبَكَّةَ مُبَارَكًا وَهُدًى لِّلْعٰلَمِينَ ﴿٩٦﴾
فِيهِ اٰيٰتٌۢ بَيِّنٰتٌ مَّقَامُ إِبْرٰهِيمَ ۚ وَمَن دَخَلَهُ كَانَ اٰمِنًا ۗ وَلِلّٰهِ عَلَى النَّاسِ
حِجُّ الْبَيْتِ مَنِ اسْتَطَاعَ إِلَيْهِ سَبِيلًا ۚ وَمَن كَفَرَ فَإِنَّ اللّٰهَ غَنِيٌّ عَنِ الْعٰلَمِينَ ﴿٩٧﴾
قُلْ يٰٓأَهْلَ الْكِتٰبِ لِمَ تَكْفُرُونَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ ۖ وَاللّٰهُ شَهِيدٌ عَلٰى مَا
تَعْمَلُونَ ﴿٩٨﴾ قُلْ يٰٓأَهْلَ الْكِتٰبِ لِمَ تَصُدُّونَ عَن سَبِيلِ اللّٰهِ مَنْ اٰمَنَ
تَبْغُونَهَا عِوَجًا وَّأَنتُمْ شُهَدَآءُ ۗ وَمَا اللّٰهُ بِغٰفِلٍ عَمَّا تَعْمَلُونَ ﴿٩٩﴾

بيشڪ سڀ کان پهريون گهر ماڻهن (جي بين الاقوامي اجتماع) لاءِ ناهيو ويو
هو، اهو ئي آهي، جيڪو مڪه ۾ آهي. وڏي برڪت وارو آهي ۽ تمام جهان

وارن لاءِ (مرڪز) هدايت آهي. (96) هن ۾ چٽيون نشانيون آهن. (انهن مان) ابراهيم (عليه السلام) جي قيام جو مقام آهي، جيڪو به ان گهر ۾ داخل ٿي ويو، امن ۽ پناهه ۾ اچي ويو ۽ تمام انسانن لاءِ الله جي لاءِ هن گهر جو حج فرض آهي. جيڪو ماڻهو به هن گهر تائين پهچڻ جي استطاعت رکي ٿو، پر جيڪڏهن ڪو به (هن گهر جو) انڪاري آهي ته (اهو پنهنجو نقصان ڪندو) الله سمورن جهانن کان بي نياز آهي. (هن کي ڪنهن جي عبادت ڪرڻ يا نه ڪرڻ جي حاجت نه آهي). (97) (اي حبيب خاتم النبيين صلى الله تعالى عليه وآله وسلم) تون هنن کي چئو ته اي اهل ڪتاب! توهان الله جي آيتن جو انڪار ڇو ڪري رهيا آهيو. الله توهانجي سمورن ڪارنامن جو مشاهدو ڪري رهيو آهي. (98) تون (اهل ڪتاب کي) چئو ته اي اهل ڪتاب جيڪو ماڻهو ايمان آڻي ٿو توهان هن کي (ايمان واري) الله جي راهه کان ڇو ٿا روڪيو؟ توهان هن جي لاءِ به (سڌي راهه ۾) ڏنگائي ڪرڻ گهرو ٿا. حالانڪ توهان (هن جي سڌي راهه تي هلڻ جا) خود گواهه آهيو. (ان ڪري هي خراب روش ڇڏي ڏيو) ۽ الله اوهان جي هنن ڪارگذارين کان بي خبر ناهي. (99)

---

هنن اهل ڪتاب جو ٻيو اعتراض آهي ته قرآن ڪريم بيت المقدس جي بجاءِ ڪعبة الله کي ڇو عبادت جو مرڪز قرار ڏنو آهي، حالانڪ ڪيترن سالن کان بيت المقدس عبادت جو مرڪز رهيو آهي. (البقره: 142/2) هنن کي ٻڌايو ته دنيا ۾ سڀ کان پهرين جنهن مقام کي تمام نوع انسان جي لاءِ مرڪز طور تجويز ڪيو ويو هو، اهو مڪه ۾ آهي، حضرت ابراهيم عليه السلام به بيت المقدس کي نه، پر پهرين مرڪزي عبادت گاهه طور خانه ڪعبه کي ٻڌايو. (البقره: 130/2-125) جيڪو اقوام عالم جي اجتماعي ترقي ۽ تعمير لاءِ برڪتن، هدايت ۽ رهنمائي جو ذريعو آهي. انهيءَ کي ئي روشني جو مينار ٺيڪو آهي، جيڪو انسانن جي عالمگير اصلاح ۽ هدايت جو مرڪزي مقام هجي. هن ۾ دين حق جون روشن نشانيون موجود آهن، هتي ئي مقام ابراهيم عليه السلام آهي، جتان ڪيس دنيا جي امامت جو اعزاز عطا ٿيو. (البقره: 131/2-124) هي اهو محترم مقام آهي، جتي پهچڻ کان پوءِ هر

ماڻهوءَ کي هر طرف کان امن ۽ سلامتي ملي وجي ٿي. (ابراهيم: 37/14، 35، الحج: 28/22) هر زماني جي هر انسان لاءِ هن جا دروازا کليل آهن ۽ جيڪو ماڻهو به هن گهر تائين پهچڻ جي استطاعت ۽ قدرت رکي ٿو ته الله طرفان ان تي فرض آهي ته هو هن گهر جو حج (زيارت) ڪري. (الحج: 22/30-25) پنهنجي اکين سان ڏسي ته بين الاقوامي اجتماع ۽ عالمگير انسانيت جي بهبود ۽ ڀلائي لاءِ ڪيتري قدر نفعو بخشيندڙ مرڪز آهي.

تاريخي حوالن مان ثابت آهي ته بيت المقدس جو بنياد حضرت اسحاق ؑ رکيو ۽ ان جي تڪميل حضرت اسماعيل ؑ جي ڏينهن ۾ ٿي، جنهن بعد عبادتگاهه بڻيو ۽ هيڪل سليماني سڏجڻ لڳو. حديث شريف مطابق ڪعبة الله جو بنياد حضرت آدم ؑ رکيو ۽ اتي الله جي حضور عجز و انڪساري، ٻانهپ ۽ عبديت جو اظهار ڪيو، جيڪو طوفان نوح ؑ سبب ڊهي ويو ۽ ان کي حضرت ابراهيم ؑ آباد ڪيو ، تعمير ڪيو ۽ نوع انساني جي اجتماعي، فلاح جو مرڪز قرار ڏنو. هن مرڪز جي ظاهري فضيلت به آهي ته هڪ خشڪ ڀاڙي، بي گياهه و آب خطي ۾ الله طرفان ميوات ۽ رزق جو ڪشادو انتظام آهي، جنهن جي ڪا ڪمي ناهي. حج ۽ عمره دوران لکن جي تعداد ۾ حاجي سڳورن لاءِ قربانيءَ جي جانورن، رهائش، ٽرانسپورٽ جي ڪا به کوٽ ناهي. ازانسواءِ بيت الحرام جون برڪتون بيشمار آهن. هتي هڪ نماز جو ثواب هڪ لک دفعا ملي ٿو، جڏهن ته مسجد نبوي ۾ هڪ نماز جو ثواب پنجاهه هزار ۽ مسجد اقصىٰ ۾ هڪ هزار رڪعتن جو ثواب آهي. ڪعبة الله جو ڏسڻ ئي عبادت آهي. طواف به هن گهر جي خصوصيت آهي. ڪعبة الله تي پهرين نگاهه پوڻ وقت دعا جي قبوليت جو يقين آهي. حجر اسود به ”يدالله“ (الله جو هٿ) جو درجو رکي ٿو ۽ ان کي چمڻ الله جي هٿ تي بيعت ڪرڻ آهي، جنهن جي هر طرف کان ان ڏانهن رخ ڪرڻ ۾ عالم اسلام جي مرڪزي مقام، وحدت انساني، وحدت الاهي جو پيغام آهي. هن گهر جو باب (دروازو) حطيم ۽ هر حصو رحمت ۽ برڪت جو يقيني عمل آهي. اهي آهن هن مرڪز جا ڪجهه نفعي بخش پهلو، پر ان جي باوجود به جيڪڏهن ڪي ماڻهو ان جي هن بين الاقوامي حيثيت جو انڪار ڪن ۽ رڳو اهل ڪتاب جي مخصوص مرڪز تي با ضد رهن ته هو پنهنجو ئي نقصان ڪندا. خدا جو ڪجهه به بگاڙي نٿا سگهن، هو ڪائنات جي هر شيءِ کان بي نياز ۽ بي پرواهه آهي.

هنن اهل ڪتاب کان پڇو تہ اوهان ڏسي واسي ڄاڻي ٻجهي الله پاران عطا ڪيل انساني ڀلائي جي آيتن جو انڪار ڇو ٿا ڪريو. اهو اوهان جي هنن ڪارنامن کان پوري طرح آگاهہ آهي، جنهن جو نتيجو اوهان کي ضرور ملڻو آهي. هنن کي اهو بہ چؤ تہ جيڪڏهن اوهان کي هي نظام حيات قبول ڪرڻو ناهي تہ ڀلي نہ ڪريو پر اوهان ان شخص کي ڇو ٿا روڪيو جيڪو هن نظام طرف اچڻ گهري ٿو ۽ هن کي سڌي رستي کان هٽائي الٽي رستي تي وٺي وڃڻ گهرو ٿا. (الزمر: 41/39) حالانڪہ اوهان حقيقت حال کان پوريءَ طرح آگاهہ آهيو ۽ اوهان جيڪو ڪجهہ ڪري رهيا آهيو، الله اوهان جي هنن ڪڌن ڪرتوتن کان غافل نہ آهي ۽ اوهان کي پنهنجي هنن ڪارگذارين جو پورو پورو بدلو ملڻ وارو آهي. (آل عمران: 114-113/3)

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡٓا اِنۡ تُطِيۡعُوۡا فَرِيۡقًا مِّنَ الَّذِيۡنَ اُوۡتُوا الۡكِتٰبَ يَرُدُّوۡكُمۡ
بَعۡدَ اِيۡمَانِكُمۡ كٰفِرِيۡنَ ﴿۱۰۰﴾ وَكَيۡفَ تَكۡفُرُوۡنَ وَاَنۡتُمۡ تُتۡلٰى عَلَيۡكُمۡ اٰيٰتُ اللّٰهِ
وَفِيۡكُمۡ رَسُوۡلُهٗ ؕ وَمَنۡ يَّعۡتَصِمۡ بِاللّٰهِ فَقَدۡ هُدِىَ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسۡتَقِيۡمٍ ﴿۱۰۱﴾ ع ۱۰ ۱۰ ۱

اي ايمان وارو جيڪڏهن توهان اهل ڪتاب مان ڪنهن بہ ٽولي جي اطاعت قبول ڪئي، يعني هنن جو مشورو قبول ڪيو تہ اهي توهان جي ايمان آڻڻ کانپوءِ ڪفر ڏانهن واپس وٺي ويندا. (100) ۽ (مسلمانو) توهان (هاڻي) ڪفر ڪيئن ڪندو! حالانڪ توهان اهي (خوش نصيب) آهيو جن تي (توهان تي) الله جون آيتون تلاوت ڪيون وڃن ٿيون ۽ اوهان جي درميان (پاڻ) الله جو رسول (ﷺ) موجود آهي ۽ جيڪو شخص بہ الله سان (پنهنجو تعلق) مضبوط قائم ڪندو تہ ان کي ضرور سڌي رستي تي هلڻ جي رهنمائي ڪئي ويندي آهي. (101)

گذريل آيت ۾ اهل ڪتاب کي خطاب هيو تہ توهان الله تعالىٰ جون واضح ۽ چٽيون آيتون (نشانيون) ٻڌي، پوءِ بہ انهن جو انڪار ڪيو ٿا. نہ رڳو انڪار ڪيو ٿا، پر پنهنجي

هن شرارت ۽ بدنيتيءَ سان مسلمانن ۽ مؤمنن کي غلط ۽ ڪوڙيون تاويلون ۽ تدبيرون ڪري، حق جي راهه کان هٽائڻ گهرو ٿا. الله اوهان جي هن منصوبي کان پوريءَ طرح آگاهه آهي. هو توهان جي هر مڪر ۽ فريب کي ڏسي رهيو آهي، جنهن جو بدلو اوهان کي ضرور ملندو.

هاڻي مسلمانن جي جماعت کي خطاب آهي ته اي مومنو! جيڪڏهن اوهان اهل ڪتاب جي گمراهه ڪن ڳالهين ۾ اچي انهن جا پوئلڳ ٿي ويا ته اهي اوهان کي ايمان جهڙي عظيم نعمت کان هٽائي ڪفر جي رستي تي لڳائي ڇڏيندا. "وَدُّوْا لَوْ تَكْفُرُوْنَ" (الممتحنه: 2/60) هنن جي خواهش آهي ته اوهان ڪافر ٿيو. "وَاللّٰهُ يَعْصِمُكَ مِنَ النَّاسِ" (البقره: 109/2، المائده: 67/5، الحديد: 57/9-8) "وَمَنْ يُّؤْمِنْۢ بِاللّٰهِ يَهْدِ قَلْبَهٗ" (التغابن: 11/64) جيڪو الله تي ايمان آڻيندو ته الله ان جي قلب کي سڌي راهه تي هلائيندو. "وَمَنْ يَّعْتَصِمْ بِاللّٰهِ فَقَدْ هُدِيَ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ" (آل عمران: 101/3) جنهن الله سان مضبوط رابطو رکيو، ته اهو سڌي رستي تي هلي ويو. (البقره: 166/2) ۽ اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي جو اوهان کي الله جون آيتون پڙهي ٻڌايون وڃن ٿيون ۽ خدا جي قانون کان آگاهي ڏني ٿي وڃي ۽ خدا جو رسول ﷺ اوهان جي رهبري لاءِ اوهان ۾ موجود آهي. يعني خدا جو مڪمل ۽ آخري پيغام موجود آهي ۽ ان تي عمل پيرا ڪرڻ واري اتارڻي رسول اڪرم ﷺ جو وجود مبارڪ به موجود آهي. ان جي باوجود اوهان حق ۽ سچائي کي ڇڏي ڪفر جي راهه اختيار ڪريو. ياد رکو ته جنهن به الله سان مضبوط رستو جوڙيو ته اهو يقيناً صراط مستقيم يا سڌي رستي تي گامزن آهي ۽ پنهنجي منزل تي پهچي ويندو. "وَاعْتَصِمُوْا بِحَبْلِ اللّٰهِ جَمِيْعًا وَّلَا تَفَرَّقُوْا" (آل عمران: 104/3) سمورا الله جي رسي کي مضبوطي سان پڪڙي رکو ۽ ٽولا ٽولا ٿي نه وڃو. "اِنَّ الَّذِيْنَ قَالُوْا رَبُّنَا اللّٰهُ ثُمَّ اسْتَقَامُوْا تَتَنَزَّلُ عَلَيْهِمُ الْمَلٰٓئِكَةُ اَلَّا تَخَافُوْا وَلَا تَحْزَنُوْا وَاَبْشِرُوْا بِالْجَنَّةِ الَّتِيْ كُنْتُمْ تُوْعَدُوْنَ○ نَحْنُ اَوْلِيٰٓؤُكُمْ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَفِي الْاٰخِرَةِ" (حم السجده: 41/31-30) بيشڪ جن چيو ته اسان جو پالڻهار الله آهي ۽ پنهنجي انهيءَ قول ۽ اقرار تي ثابت قدم رهيا ته انهن تي فرشتا لهندا ۽ ڪين واڌايون ڏيندا ته ڪنهن شيءِ جو خوف ۽ غم نه ڪريو. اوهان جو ماضي، حال، مستقبل سڀ خدا جي بارگاهه ۾ محبوب ٿي چڪو آهي. دنيا توڙي آخرت ۾ اوهان جا حامي دوست رهياسون ۽ رهنداسون.

ياد رکو يهود ۽ نصاريٰ جي گمراهين ۾ اوهان لاءِ عبرت جو ڪافي درس آهي. ان

ڪري انهن جي طور طريقن ۾ چالبازين کان پنهنجي دل و دماغ کي مضبوط رکو. پر جيڪڏهن اوهان هنن جي گمراهه ڪندڙ خواهشن جي پيروي ڪندا ته هدايت حاصل ڪرڻ بعد وري گمراهه ٿي ويندا. ايمان جي برڪتن حاصل ڪرڻ لاءِ رڳو ايمان جو اظهار ڪافي نه آهي، پر اصل شيءِ ايمان جو سچي دل سان عملي مظاهرو آهي.

اَحَلَّ اُمَّتَهٗ فِيْ حِرْزِ مِلَّتِهٖ
كَاللَّيْثِ حَلَّ مَعَ الْاَشْبَالِ فِيْ اَجَمٖ

(قصيده برده شريف)

ترجمو: حضور اڪرم خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَآلِهٖ پنهنجي امت کي پنهنجي ملت ۽ دين جي پناهگاهه ۾ اهڙيءَ طرح محفوظ رکيو آهي، جهڙيءَ طرح شينهن پنهنجن ٻچن کي ٽم ۾ محفوظ رکندو آهي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ حَقَّ تُقٰتِهٖ وَلَا تَمُوْتُنَّ اِلَّا وَاَنْتُمْ مُّسْلِمُوْنَ ﴿١٠٢﴾
وَاعْتَصِمُوْا بِحَبْلِ اللّٰهِ جَمِيْعًا وَّلَا تَفَرَّقُوْا ۪ وَاذْكُرُوْا نِعْمَتَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ
اِذْ كُنْتُمْ اَعْدَآءً فَاَلَّفَ بَيْنَ قُلُوْبِكُمْ فَاَصْبَحْتُمْ بِنِعْمَتِهٖٓ اِخْوَانًا ۚ وَكُنْتُمْ
عَلٰى شَفَا حُفْرَةٍ مِّنَ النَّارِ فَاَنْقَذَكُمْ مِّنْهَا ۭ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمْ اٰيٰتِهٖ
لَعَلَّكُمْ تَهْتَدُوْنَ ﴿١٠٣﴾

اي مسلمانو! الله جي (مڪافات عمل واري) عذاب کان اهڙي طرح ڊڄو، جهڙي طرح ان کان ڊڄڻ جو حق آهي. (102) ۽ (ان ڪري) توهان الله جي رسول (دين قرآن) تي مضبوطي سان مستحڪم رهو. (پاڻ ۾) تفرقا (فرقه بندي) نه ڪريو ۽ پاڻ تي الله جي ان نعمت کي ياد ڪيو، جڏهن اوهان (هڪ ٻئي جا) دشمن هئا ته ان (الله) توهان جي دلين ۾ الفت پيدا ڪئي ۽ اوهان ان (الله) جي نعمت سان

پاڻ ۾ پاءُ پاءُ ٿي ويا ۽ توهان (دوزخ جي) باهہ واري کوري جي ڪناري تي (پهچي چڪا) هئا پوءِ هن اوهان کي ان باهہ جي کوري (۾ ڪرڻ) کان بچائي ورتو. اهڙي طرح الله توهانجي (هدايت) لاءِ پنهنجون نشانيون کولي کولي بيان ڪري ٿو تہ جيئن اوهان انهن مان هدايت حاصل ڪريو (سڌي رستي جو انتخاب ڪريو) (103)

اي مسلمان مؤمنو! خدا جو خوف ڪريو، اهڙو خوف، جو واقعي خوف خدا هجي يعني احڪام خداوندي جي نگهداشت ڪريو ۽ اسلام جا احڪام ۽ فرائض پوري پوري طرح بجا آڻيو. جهڙي طرح انهن جو ادا ڪرڻ جو حق آهي. ساري زندگي تقويٰ ۽ پرهيزگاري ۾ گذاريو ۽ جڏهن موت اچي تہ اوهان اهڙي حال ۾ هجو، جو سچا ديندار مسلمان آهيو. يعني الله جي قانون جا رکوالا آهيو ۽ ان کي پوري طرح بجا آڻيو. "تقويٰ" جي معنيٰ آهي احتياط ڪرڻ ۽ پاڻ کي بچائي رکڻ. ان ڪري خدا جو خوف ايترو هئڻ گهرجي، جيترو خدا عزوجل جو تصور ذهن ۾ آهي ۽ ان جو حق آهي، جيڪو مشڪل آهي، ان ڪري الله تعاليٰ فرمائي ٿو: "فَاتَّقُوا اللّٰهَ مَا اسْتَطَعْتُمْ" (التغابن: 16/44) پنهنجي استطاعت مطابق الله جو خوف دل ۾ رکو. "لَا يُكَلِّفُ اللّٰهُ نَفْسًا اِلَّا وُسْعَهَا" (البقره: 286/2) الله جا ٻانهي تي جيترا حق آهن، اوترا ڪنهن ٻئي جا نہ آهن. خدا جي انهن حقن کي ٽوڙڻ ۾ جيڪا قانون مڪافات جي سزا آهي، اها انسان کي خبردار ڪرڻ لاءِ آهي ۽ انسان جي مفاد ۾ آهي. هن ۾ الله تعاليٰ جو ڪوبہ فائدو ناهي. الله هر شيءِ کي ڏسي رهيو آهي. ڪابہ شيءِ هن جي علم جي دائري کان ٻاهر ناهي. خدا جي پڪڙ کان ڪنهن بہ صورت ۾ بچڻ محال آهي. (البقره: 122/2، 48، المعارج: 70/ 12 کان 16) هنن سمورن تقاضائن تي توجه هجي ۽ ان جي روشنيءَ ۾ بچڻ جو مناسب احتياط ڪجي. الله عزوجل سان اهڙو تعلق ڏينهن ٻن جو قصو ناهي، اهو ساري زندگي رهڻ وارو آهي ۽ مرڻ وقت تائين قائم رهي. زندگيءَ ۾ وڏا لاها چاڙها ايندا، آزمائشون ۽ فتنا دامن گير ٿيندا. مخالفن جا حملا جاري رهندا، پوءِ بہ استقامت سان آخري ساهہ تائين مضبوط طرح الله سان جڙيل رهڻ ئي نجات جو ذريعو آهي.

تقويٰ اسلام ۾ ايمان جو روح ۽ اعمال جو اصل مقصد آهي. تقويٰ جا ٽي درجا آهن: پهريون درجو آهي ڪفر ۽ شرڪ کان بچڻ، جنهن ۾ هر ڪلمه گو مسلمان مطلوب آهي. ٻيو درجو هر ان ڪم ۽ شيءِ کان پاڻ کي بچائي رکڻ جيڪو الله ۽ ان جي رسول خاتم النبيين ﷺ کي پسند نه هجي. ٽيون درجو آهي پنهنجي قلب کي غيرالله کان بچائي، الله سان مضبوط ڪان مضبوط رشتو جوڙڻ. "وَتَبَتَّلۡ اِلَيۡهِ تَبۡتِيۡلًا" (المزمل: 8/73) ٻين ڪان ڪٽجي رڳو الله سان جڙي وڃ. "لَا يَخَافُوۡنَ لَوۡمَةَ لَآئِمٍ" (المائده: 54/5) الله جي راهه ۾ ڪنهن جي ملامت ۽ ٽوڪ تي ڌيان نٿا ڏين. ڪجهه ماڻهن جو چوڻ آهي ته "اتَّقُوا اللّٰهَ حَقَّ تُقٰتِهٖ" جو ٻڌي اصحاب سڀ ڳورا پريشان ٿي ويا، ته اهو ٻانهي جي وس ۾ آهي يا ناهي. الله تعاليٰ سورة التغابن 16/44 ۾ ارشاد فرمايو ته "فَاتَّقُوا اللّٰهَ مَا اسۡتَطَعۡتُمۡ" الله جي قوانين جي نگهداشت پنهنجي استطاعت مطابق ڪريو. جنهن بعد اصحاب سڳورن جي پريشاني دور ٿي وئي. اهڙي طرح سورة البقره: 286/2 ۾ به دعا ۾ آهي ته "اي اسان جا الله! اسان جي برداشت ڪان وڌيڪ بار نه وجهجانءِ".

ياد رکو ته اوهان سڀ جا سڀ يڪ قدم ۽ يڪ آواز ٿي اجتماعي طور الله جي رسي يعني قانون خداوندي کي مضبوطي سان پڪڙيو. "وَاعۡتَصِمُوۡا بِحَبۡلِ اللّٰهِ جَمِيۡعًا" (البقره: 2/ 256، النساء: 4/ 175) قرآن ڪريم مضبوط رسي آهي، جنهن کي سمورا گڏجي اتفاق ۽ اتحاد سان مضبوط پڪڙي رکو. فرمانبرداري ڪريو.

حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنه کان حضور خاتم النبيين ﷺ جا اهي الفاظ نقل ٿيل آهن: "وَهُوَ حَبۡلُ اللّٰهِ الۡمَتِيۡنُ" (سنن ترمذي) قرآن ئي الله سان رابطي جو مضبوط ذريعو آهي. حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي ته حضور خاتم النبيين ﷺ جن فرمايو: "كِتَابُ اللّٰهِ حَبۡلٌ مَّمۡدُوۡدٌ مِّنَ السَّمَآءِ اِلَى الۡاَرۡضِ" (سنن ترمذي) الله جي ڪتاب (قرآن حڪيم) کي مضبوطيءَ سان پڪڙي رکو، اهو ئي اها مضبوط رسي آهي، جيڪا آسمان ڪان زمين تائين لڙڪيل آهي. حضور خاتم النبيين ﷺ فرمايو: "اَبۡشِرُوۡا اَبۡشِرُوۡا فَاِنَّ هٰذَا الۡقُرۡاٰنَ سَبَبٌ طَرۡفُهٗ بِيَدِ اللّٰهِ وَ طَرۡفُهٗ بِاَيۡدِيۡكُمۡ" (مسلمانو) خوش ٿيو، خوش ٿيو..! هيءُ قرآن هڪ واسطو آهي، جنهن جو هڪ سرو الله جي هٿ ۾ آهي ۽ هڪ سرو اوهان جي هٿ ۾ آهي. (بيان القرآن) حضرت علامه اقبال چيو آهي:

اعتصام مش کن کہ حبل اللہ اوست

کتاب الله سان مضبوط ايمان ۽ عمل جو رستو قائم ڪيو ڇو تہ ھي (ڪتاب) الله وٽ پھچائڻ جو وسيلو آھي.

پاڻ ڪي انفرادي يا گروھ بنديءَ کان بچائي رکو. الله جيڪا اوھان تي نعمت ڪئي آھي، ان کي هميشه ياد رکو ۽ ان ۾ ڪا بہ غفلت نہ ڪريو. هن کان اڳ اوھان جو اھو حال ھيو، جو ھڪ ٻئي جا جاني دشمن ھيو، پر ھينئر ھن جي فضل وڪرم سان پاڻ ۾ پيار تي ويا آھيو ۽ ھن اوھان جي دلين ۾ محبت پيدا ڪئي، حالانڪ اوھان جو ھن کان اڳ اھو حال ھو، جو جڻ اوھان باھ جي کوريءَ جي ڪناري تي بيٺا ھئا ۽ باھ جي شعلن ۾ ڪِرڻ وارا ھئا. جھڙي طرح انصار مان اوس ۽ خزرج جا قبيلا سالن کان ھڪ ٻئي جي خون جا پياسا ھئا، پر الله اوھان کي ھن خطرناڪ حالت کان بچائي ورتو ۽ اوھان کي ڪامياب ۽ ڪامران زندگي جي رستي تي پھچائي ڇڏيو. الله اھڙي طرح پنھنجي احسانن جون نشانيون اوھان کي ٻڌائي رھيو آھي تہ جيئن اوھان منزل مقصود تي پھچي وڃو. قرآن حڪيم مسلمانن جي اتحاد ۽ اتفاق کي سندن ڪاميابي ۽ ڪامراني جو رستو سڏي ٿو. فرقه بندي گروھ بندي کي تباھي ۽ بربادي چوي ٿو. اگرچہ "اِخۡتِلَافُ اُمَّتِیۡ رَحۡمَةٌ" ۾ دين جي مسائل جي مفھوم ۾ تحقيق ۽ پرک بعد اختلاف راءِ رکڻ درست آھي، پر پنھنجو پنھنجو ٽولو ناھڻ ۽ ٻئي ٽولي خلاف سازشون سٽڻ افتراق يا فرقه بندي آھي، جنھن جي سختيءَ سان منع ٿيل آھي. اختلاف ۽ افتراق ۾ اھوئي فرق آھي.

افسوس جو اڄ مسلمان فرقن ۾ تقسيم ٿي ويا آھن. حضور خاتم النبیین صلی اللہ علیہ وسلم جن جو بقول "مَا اَنَا عَلَيۡهِ وَاَصۡحَابِیۡ" يعني جنھن تي مان پاڻ ۽ منھنجا اصحاب سڳورا آھن اھو صحيح رستو آھي. فرقه بازي کي شرڪ (الروم: 30/31-32) ۽ عذاب الاھي سڏيو ويو آھي. (الانعام: 65/6) حديث شريف ۾ آھي: "مَنۡ رَاٰی مِنۡكُمۡ مُنۡكَرًا فَلۡيُغَيِّرۡهُ بِيَدِهٖ فَاِنۡ لَّمۡ يَسۡتَطِعۡ فَبِلِسَانِهٖ وَاِنۡ لَّمۡ يَسۡتَطِعۡ فَبِقَلۡبِهٖ وَذَالِكَ اَضۡعَفُ الۡاِيۡمَانِ" (صحيح مسلم) اوھان مان جيڪڏھن ڪو منڪر (برائي) ڪي ڏسي تہ ھن تي لازم آھي تہ ان کي طاقت سان روڪي، پر جيڪڏھن ايتري قوت ناھي تہ پوءِ زبان سان روڪي پر جي ايتري بہ ھمت ناھي تہ پوءِ دل ۾ برائي سمجھي نفرت ڪري، اھو ايمان جو ڪمزور ترين درجو آھي.

وَلْتَكُنْ مِّنْكُمْ اُمَّةٌ يَّدْعُوْنَ اِلَى الْخَيْرِ وَيَاْمُرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ وَيَنْهَوْنَ عَنِ
الْمُنْكَرِ ؕ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿۱۰۴﴾ وَلَا تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ تَفَرَّقُوْا وَاخْتَلَفُوْا
مِنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَهُمُ الْبَيِّنٰتُ ؕ وَاُولٰٓئِكَ لَهُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ۙ﴿۱۰۵﴾

۽ توهان مان اهڙن ماڻهن جي هڪ جماعت ضرور هئڻ گهرجي جيڪا ماڻهن کي نيڪي جي دعوت ڏئي ۽ معروف (ڀلائي) جو حڪم ڏئي ۽ منڪر (برائي) کان روڪي. اهڙا ماڻهو ئي مراد ماڻيندا آهن.(104) ۽ انهن ماڻهن وانگر نه ٿي وڃجو جيڪو ٽولن ٽولن ۾ ونڊجي ويا هئا ۽ جڏهن هنن وٽ واضح نشانيون اچي چڪيون هيون، ان جي باوجود به اختلاف ۾ رڌل رهيا. انهن ماڻهن لاءِ ئي سخت عذاب آهي. (105)

هن کان اڳ مؤمنن کي چيو ويو ته الله جو خوف دل ۾ رکو. تقويٰ اختيار ڪيو، الله توهان کي عداوت ۽ دشمنيءَ جي آڙاهه مان بچائي، هڪ امت وسط جو مقام عطا ڪيو آهي، جنهن جو فرض اسلامي نظام کي قائم ۽ مضبوط رکڻ آهي. الله جي هن نظام کي دائم قائم رکڻ لاءِ ضروري آهي ته اوهان ۾ هڪ اهڙي جماعت هئڻ گهرجي جيڪا هن فريضي جي ادائگيءَ لاءِ تيار هجي. (البقره: 143/2، آل عمران: 110/3) خير ۽ نيڪي جي ڪمن جي دعوت ڏئي ۽ برائي وارن ڪمن کان روڪي. هي اهڙي جماعت ئي هوندي جيڪا ڪاميابي حاصل ڪندڙ هوندي. ياد رکو ته اوهان اهڙن ماڻهن جي راهه اختيار نه ڪريو، جيڪي ڇتا دليل اچڻ باوجود فرقه بندي ۾ ونڊجي ويا، ڇو ته امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر جهڙو اهم فريضو تڏهن ادا ڪري سگهبو، جڏهن جماعت ۾ اتحاد ۽ اتفاق هوندو. جيڪا جماعت خود فرقه بازي جو شڪار هوندي، اها ٻين کي حق جي تبليغ ۽ ناحق کان روڪڻ جهڙو مشڪل ڪم ڪيئن ڪري سگهندي، جيڪا خود ڇڙوڇڙ آهي. هي اهي انسان آهن، جن کي درد ناڪ عذاب جو مزو چکڻو پوندو، ڇو ته هنن ڪاميابيءَ جو رستو ڇڏي تباهي ۽ بربادي جي راهه اختيار ڪئي آهي. (الانعام: 140/6، الروم: 32/30، الشوريٰ 14/42)

ياد رهي تہ هت مؤمنن کي چيو ويو آهي تہ رڳو پاڻ چڱا ڪم نہ ڪريو، پر ٻين جي اصلاح لاءِ ڪين هر خير ۽ برڪت واري ڪم طرف دعوت ڏيو. معروف ۽ سٺن ڪمن جو ڏس ڏيو ۽ منڪر ۽ غلط ڪمن کان روڪيو. اها دعوت، حڪمت ۽ احسن طريقي سان ڏجي. بحث مباحثي ۾ الجهڻ بدران سهڻو نرمي وارو طريقو اختيار ڪجي. (النحل: 125/16) اهڙيءَ طرح حٰم السجده 35-34 ۾ آهي تہ نصيحت ۾ گفتگو اهڙي تہ شائستہ، پراثر ۽ عزت ڀري هجي، جو دشمن بہ مطيع ٿي جڳري دوست ٿي وڃي. ”وَتَوَاصَوۡا بِالۡحَقِّ ۙ وَتَوَاصَوۡا بِالصَّبۡرِ“ (العصر: 3/103) صحيح سچي ڳالهہ بيان ڪجي ۽ صبر ۽ استقامت قائم رکڻ گهرجي. انهيءَ ساڳئي مفهوم تي اڳتي آيت 110 ۾ امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر جو ذڪر آهي. حديث شريف ۾ آهي تہ ”مَنۡ رَاٰی مِنۡكُمۡ مُنۡكَرًا فَلۡيُغَيِّرۡهُ بِيَدِهٖ فَاِنۡ لَّمۡ يَسۡتَطِعۡ فَبِلِسَانِهٖ فَاِنۡ لَّمۡ يَسۡتَطِعۡ فَبِقَلۡبِهٖ وَذٰلِكَ اَضۡعَفُ الۡاِيۡمَانِ“ (صحيح مسلم) اوهان مان ڪو منڪر (غلط) ڪي ڏسي تہ ان کي زور سان روڪي، پر ائين ڪري نہ سگهي تہ زبان سان روڪي. جي ائين بہ نہ ڪري سگهي تہ پوءِ دل ۾ خراب سمجهي ۽ اهو ايمان جو ڪمزور درجو آهي. زاهد ۽ مبلغ ۾ هي فرق آهي:

آن گیلم خویش می برد ز بحر موج
این جهد میکند که گیرد غریق را

(گلستان شيخ سعدي رحمۃ اللہ علیہ)

زاهد رڳو پاڻ کي ٻڏڻ کان بچائي ٿو، پر مبلغ ڪوشش ڪري ٿو تہ ٻئي کي ٻڏڻ کان بچائي. حضور خاتم النبيين صلی اللہ علیہ وسلم جن جو فرمان آهي: ”بَلِّغُوۡا عَنِّيۡ وَلَوۡ (كَانَ) اٰيَةً“ مون کان هڪڙي آيت ملي، تہ اها ٻين تائين پهچائي ڇڏيو.

يَّوۡمَ تَبۡيَضُّ وُجُوۡهٌ وَّ تَسۡوَدُّ وُجُوۡهٌ ۚ فَاَمَّا الَّذِيۡنَ اسۡوَدَّتۡ وُجُوۡهُهُمۡ ۟ اَكَفَرۡتُمۡ بَعۡدَ اِيۡمَانِكُمۡ فَذُوۡقُوا الۡعَذَابَ بِمَا كُنۡتُمۡ تَكۡفُرُوۡنَ ﴿۱۰۶﴾ وَاَمَّا الَّذِيۡنَ ابۡيَضَّتۡ وُجُوۡهُهُمۡ فَفِيۡ رَحۡمَةِ اللّٰهِ ؕ هُمۡ فِيۡهَا خٰلِدُوۡنَ ﴿۱۰۷﴾
تِلۡكَ اٰيٰتُ اللّٰهِ نَتۡلُوۡهَا عَلَيۡكَ بِالۡحَقِّ ؕ وَمَا اللّٰهُ يُرِيۡدُ ظُلۡمًا لِّلۡعٰلَمِيۡنَ ﴿۱۰۸﴾

ع

وَلِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ۭ وَاِلَى اللّٰهِ تُرْجَعُ الْاُمُوْرُ ۱۰۹

جنهن ڏينهن ڪيترا چهرا سفيد (روشن) هوندا ۽ ڪيترا چهرا ڪارا هوندا ته جن جا چهرا ڪارا هوندا (انهن کي چيو ويندو) ڇا اوهان ايمان آڻڻ کان پوءِ ڪفر ڪيو؟ ته پوءِ جيڪو ڪفر توهان ڪندا هئا ان جي عذاب (جو مزو) چکي وٺو. (106) ۽ جن ماڻهن جا چهرا سفيد (روشن) هوندا ته اهي الله جي رحمت ۾ هوندا ۽ اهي انهيءَ رحمت (جي سايي) ۾ هميشه هميشه لاءِ هوندا. هي الله جون آيتون آهن، جيڪي اسان تنهنجي لاءِ بلڪل حق ۽ سچ ڪري پڙهون ٿا ۽ الله جهان وارن تي ظلم ڪرڻ نٿو گهري. (108) ۽ الله جي ئي دست قدرت ۾ آهي، جو ڪجهه زمين ۽ آسمانن ۾ آهي. (109)

ان ڏينهن (جيڪو اچڻ وارو آهي) ماڻهن جا ٻه گروهه هوندا، هڪ اهي جيڪي الله جي رسيءَ کي مضبوطي سان جهلي اتحاد ۽ اتفاق ذريعي امت واحده جي زندگي اختيار ڪندا هيا. (البقره: 2/ 256، هود: 11/119-118) انهن جا چهرا ڪاميابي ۽ ڪامراني سبب چمڪي رهيا هوندا. "اَللّٰهُ وَلِيُّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا يُخْرِجُهُمْ مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ" (البقره: 257/2) الله مؤمنن کي اونداهيءَ مان نور طرف وٺي وڃي ٿو. "وُجُوْهٌ يَّوْمَىِٕذٍ نَّاضِرَةٌ ○ اِلٰى رَبِّهَا نَاظِرَةٌ ○ وَوُجُوْهٌ يَّوْمَىِٕذٍ بَاسِرَةٌ ○ تَظُنُّ اَنْ يُّفْعَلَ بِهَا فَاقِرَةٌ" (النحل: 16/ 58، الزمر: 39/ 60، الرحمٰن: 55/ 41، الدخان: القيامة: 75/ 25-22، المطففين: 24/83) حديث شريف ۾ آهي ته ان ڏينهن وضوءَ جي ڪري مؤمنن جا چهرا چمڪندا هوندا. (مشڪواة) وري ٻيو اهڙو گروهه هوندو، جيڪو فرقي بندي ۽ گروهه بندي ۾ ونڊجي ڪفر جو رستو اختيار ڪندا. (الانعام: 160/6، الروم 32/30، الشوريٰ: 13/42) جن جا چهرا نافرماني جي ذلت ۽ خواري ۾ رسوا ۽ ڪارا هوندا. رسوائي ۽ ذلت سبب ڪارا چهرا انهن جا هوندا، جيڪي ايمان آڻڻ بعد وري ڪفر جي واٽ وٺندا ۽ پاڻ ۾ ٽولا ٽولا ۽ فرقا فرقا ٿي ويندا. هنن جي انهيءَ ڪافرانه روش سبب ذلت ۽ تباهي جو عذاب سندن مقدر هوندو. پر جنهن جماعت جا چهرا روشن هوندا، اهي خدا جي رحمت جي ڇانوَ ۾ هميشه هميشه لاءِ هوندا. هي الله جو اٽل قانون آهي،

جيڪو هڪ حقيقت طور بيان ڪيو ويو آهي. جو ته الله دنيا وارن سان ظلم ڪرڻ نٿو گهري. (آل عمران: 108/3) "وَمَا رَبُّكَ بِظَلَّامٍ لِّلْعَبِيْدِ" (حٰم السجده: 46/41) تنهنجو رب ٻانهن تي ظلم نٿو ڪري. "وَاِنَّ الظّٰلِمِيْنَ لَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ" (الشورىٰ: 21/42) ظالم ماڻهن لاءِ دردناڪ عذاب آهي. ان ڪري هن پنهنجي آيتن ذريعي نيڪي ۽ بديءَ جو رستو کولي کولي بيان ڪيو آهي ۽ ڪنهن به رستي تي هلڻ جو اختيار ڏنو آهي. هو جن کي سرفرازي بخشي ٿو ته انهن جا چهرا روشن ڪري ٿو، پر اهي بدبخت انسان پنهنجي اعمالن جي شامت سبب الله جي مضبوط رسيءَ کي ڇڏي، پنهنجي گردن ۾ گمراهيءَ جو ڦندو وجهي روءِ سيه جو حقدار ٿئي ٿو، ان کي الله جي ان عذاب کان ڊيڄاريو ويو آهي، جيڪو سندس اعمال جي نتيجي ۾ ملندو. اها تنبيه برحق آهي، جيڪا مڪافات عمل جو لازمي نتيجو آهي. الله ته گهري ٿو ته ان جي رسي (قرآن) کي مضبوط پڪڙي الله سان رابطي ۾ رهو. زمين ۽ آسمانن تي اقتدار ۽ اختيار صرف الله جو آهي ۽ ان جو فيصلو ئي آخري فيصلو ۽ جاري رهڻ وارو آهي. اهو ظالمن جي پاڙ پٽڻ وارو آهي. (الانعام: 45/6، الحجر: 66/15) ياد رکو ته زمين ۽ آسمانن ۾ جو ڪجهه آهي، اهو الله جي انهيءَ قانون فطرت مطابق هلي رهيو آهي. ۽ ان جي دست قدرت ۾ آهي ياد رکو سمورين شين جا نتيجا آخرڪار الله طرف ئي موٽڻا آهن. جن جي بنياد تي جزا ۽ سزا جا فيصلا ڪيا ويندا.

كُنْتُمْ خَيْرَ اُمَّةٍ اُخْرِجَتْ لِلنَّاسِ تَاْمُرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ وَتَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ وَتُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ ۭ وَلَوْ اٰمَنَ اَهْلُ الْكِتٰبِ لَكَانَ خَيْرًا لَّهُمْ ۭ مِنْهُمُ الْمُؤْمِنُوْنَ وَاَكْثَرُهُمُ الْفٰسِقُوْنَ ﴿١١٠﴾ لَنْ يَّضُرُّوْكُمْ اِلَّآ اَذًى ۭ وَاِنْ يُّقَاتِلُوْكُمْ يُوَلُّوْكُمُ الْاَدْبَارَ ۣ قف ثُمَّ لَا يُنْصَرُوْنَ ﴿١١١﴾

اوهان بهترين امت آهيو، جيڪا سمورن انسانن (جي رهنمائي) لاءِ آندي وئي آهي. اوهان ڀلائي جو حڪم ڪريو ٿا ۽ برائي کان منع ڪريو ٿا ۽ الله تي ايمان رکو ٿا. جيڪڏهن (اوهان وانگر) اهل ڪتاب به ايمان آڻين ها ته يقيناً هنن لاءِ بهتر هجي ها. هنن (اهل ڪتاب) ۾ ڪجهه ايمان وارا به آهن، مگر اڪثر هنن

۾ نافرمان آهن. (110) اهي (منڪر حق) ماڻهو اوهان کي ستائڻ کان سواءِ اوهان جو ڪجهہ بگاڙي نہ سگهندا. جيڪڏهن اهي توهان سان جنگ ڪرڻ گهرندا تہ توهان جي سامهون ئي پٺ ڏئي واپس ڀڄندا ۽ (ڪنهن طرف کان بہ) انهن جي مدد نہ ٿي سگهندي. (111)

مسلمانن کي احساس ڏياريو ٿو وڃي تہ اوهان آخري رسول ختم المرسلين ﷺ جي امت آهيو. هي نبي اڪرم ﷺ خيرالرسل آهي تہ اوهان بہ خيرالامم آهيو. قرآن خدا جو آخري هدايت نامو آهي ۽ اسلام پنهنجي ڪمال ۽ حد اتمام تي پهچي چڪو آهي، ان دين کي دنيا تي قائم رکڻ اوهان جي ذميداري آهي. توهان جو ٻين قومن لاءِ توهان کي پنهنجي ڪردار، اخلاق، اعمال ۽ معاملات ۾ بهترين نمونو هئڻ گهرجي، ان ڪري مسلمانن کي خطاب آهي تہ اي مسلمانو! اوهان بهترين امت آهيو. (البقره: 143/2) اوهان کي ماڻهن جي هدايت ۽ اصلاح لاءِ آندو ويو آهي. اوهان کي مثالي مسلمان ۽ مؤمن جو ڪردار ادا ڪرڻو آهي. جيڪڏهن اوهان گمراهي اختيار ڪئي تہ اوهان بہ بني اسرائيل وانگر مٽجي ويندؤ. باقي ڪائنات جو نظام قانون فطرت موجب ڪار فرما آهي. پر اوهان کي اها ذميواري ڏني وئي آهي تہ اوهان انسانن کي نيڪيءَ جي راهہ ٻڌايو ۽ انهن کي برائي واري رستي کان روڪيو. (البقره: 143/2، آل عمران: 104/3) سورة البقره ۾ آهي: ”وَ كَذٰلِكَ جَعَلْنٰكُمْ اُمَّةً وَّسَطًا لِّتَكُوْنُوْا شُهَدَآءَ عَلَى النَّاسِ وَيَكُوْنَ الرَّسُوْلُ عَلَيْكُمْ شَهِيْدًا“ اي مسلمانو! اهڙي طرح اسان اوهان کي هڪ امت وسط يعني بهترين متوازن امت ڪيو آهي تہ جيئن اوهان ماڻهن لاءِ پنهنجي ڪردار و اخلاق ۽ عمل سان ماڻهن لاءِ هدايت جو مينار ٿي گواهہ ٿيو ۽ رسول ﷺ اوهان تي گواهہ ٿئي. مسلمانن کي ”اُمَّتِ وسط“ ۽ ”خير اُمَّة“ يعني ”بهترين امت“ سڏيو ويو آهي. اهڙي جماعت جنهن جو تاجو پيٽو ۽ روح اخلاق ۽ ڪردار جي محاسن تي مبني آهي. جيڪا ڪڏهن بہ مادي طاقت ۽ حڪمراني جي نشي ۾ غرور، نخوت ۽ برتري ۾ آلوده نٿي ٿئي. هميشہ وحي الاهي ۽ اسوه رسول ﷺ جي تعليمات جي روشني ۾ معتدل ۽ متوازن آهي. انهيءَ متوازن ۽ معتدل فضا کي قائم رکو ۽ بگڙڻ نہ ڏيو. (آل عمران: 186/3) جڏهن تہ يهود ۽ نصارىٰ حق ۽ سچ جي سڏي ۽

سلامتي واري رستي کي ڇڏي، مفاد پرستي ۽ ذاتي خواهش ۽ مفادن ۾ اچي گمراهه ۽ مغضوب ٿي چڪا هئا. ۽ الله جي هن قانون تي اوهان جو پڪو پختو ايمان هجي. جيڪڏهن اهل ڪتاب به مخالفت ۽ سرڪشي ڇڏي ايمان اختيار ڪن ها ته اها هنن لاءِ خير ۽ برڪت واري ڳالهه هجي ها. ۽ هو پاڻ کي گمراهيءَ کان بچائي بين لاءِ هدايت ۽ رهبري جو ذريعو ٿين ها. پر هنن ائين نه ڪيو. ها انهن ۾ به ڪجهه ماڻهو اهڙا آهن، جيڪي ايمان رکن ٿا. (آل عمران 199/3) پر انهن جي وڏي اڪثريت ايمان جي دائري کان ٻاهر گمراهه آهي. هنن جي مخالفت ٿوري تڪليف يا پريشاني ڪانسواءِ اوهان جو ڪجهه به بگاڙي نٿي سگهي. اوهان صبر ۽ استقامت کان ڪم وٺو. بچڻ سان بچڙو ٿيڻ اوهان جو شان نه آهي. (آل عمران: 186/3) جيڪڏهن اهي جنگ جي ميدان ۾ اوهان جي مقابلي لاءِ ايندا ته ياچ ڪائي پنتي هٽي ويندا، ڇوته الله تعالىٰ ڪافرن کان جرئت ۽ همت جي صلاحيت کان محروم ڪري ڇڏيو آهي. (آل عمران: 151/3) يا جزيو ڏئي جان بچائيندا آهن. (التوبه: 29/9) ۽ انهيءَ حالت ۾ هنن جو ڪو به مددگار ۽ حمايتي نه هوندو.

ہم تو جیتے ہیں کہ دنیا میں تیرا نام رہے
کہیں ممکن ہے کہ ساقی نہ رہے جام رہے (اقبال)

***

وحده جي وڏيا اِلّا الله اورين
هنيون حقيقت گڏيو طريقت تورين
معرفت جي ماٽ سان ڏيساندر ڏورين
سڪ نه ستا ڪڏهين، ويهي نه ووڙين
ڪلهنئون ڪورين عاشق عبداللطيف چئي (شاهه)

ضُرِبَتۡ عَلَيۡهِمُ الذِّلَّةُ اَيۡنَ مَا ثُقِفُوۡۤا اِلَّا بِحَبۡلٍ مِّنَ اللّٰهِ وَحَبۡلٍ مِّنَ النَّاسِ وَ بَآءُوۡ بِغَضَبٍ مِّنَ اللّٰهِ وَضُرِبَتۡ عَلَيۡهِمُ الۡمَسۡكَنَةُ ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمۡ كَانُوۡا يَكۡفُرُوۡنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَيَقۡتُلُوۡنَ الۡاَنۡۢبِيَآءَ بِغَيۡرِ حَقٍّ ؕ ذٰلِكَ بِمَا عَصَوۡا وَّ كَانُوۡا

يَعْتَدُوْنَ ﴿١١٢﴾ لَيْسُوْا سَوَآءً ؕ مِنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ اُمَّةٌ قَآئِمَةٌ يَّتْلُوْنَ اٰيٰتِ اللّٰهِ
اٰنَآءَ الَّيْلِ وَ هُمْ يَسْجُدُوْنَ ﴿١١٣﴾ يُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَ الْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَ يَاْمُرُوْنَ
بِالْمَعْرُوْفِ وَ يَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ وَ يُسَارِعُوْنَ فِي الْخَيْرٰتِ ؕ وَ اُولٰٓئِكَ
مِنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿١١٤﴾ وَمَا يَفْعَلُوْا مِنْ خَيْرٍ فَلَنْ يُّكْفَرُوْهُ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌۢ بِالْمُتَّقِيْنَ ﴿١١٥﴾

هو جتي بہ هوندا هنن تي ذلت ۽ خواري مڙهي وئي آهي. ها هن کانسواءِ جو هنن کي ڪٿي الله جي عهد سبب يا ماڻهن جي عهد سبب (ڪين پناهہ ڏني وڃي) اهي الله جي غضب جا مستحق ٿيا آهن ۽ هنن تي مسڪيني (محتاجي) مسلط ڪئي وئي آهي. (اها (سزا) ان ڪري آهي جو هو الله جي آيتن جو انڪار ڪندا هئا ۽ نبين (سڳورن) کي ناحق قتل ڪندا هئا. ڇو تہ هو نافرمان ٿي ويا هئا ۽ (سرڪشي) ۾ سڀ حدون پار ڪري ويا هئا. (112) هي سڀ برابر نہ آهن. اهل ڪتاب مان ڪجهہ ماڻهو حق تي قائم آهن. اهي رات جي اوقات ۾ الله جي آيتن جي تلاوت ڪن ٿا ۽ سربسجود رهن ٿا. (113) اهي الله تي ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان رکن ٿا ۽ ڀلائي جو حڪم ڏين ٿا ۽ برائي کان روڪين ٿا ۽ نيڪ ڪمن ۾ تيزي سان وڌندا رهن ٿا ۽ اهي ئي ماڻهو نيڪو ڪارن مان آهن. (114) ۽ اهي ماڻهو جيڪو بہ چڱو ڪم ڪندا، ان جي ناقدري نہ ڪئي ويندي. الله پرهيز گارن کي چڱي طرح ڄاڻڻ وارو آهي. (115)

پوئين آيت ۾ ٻڌايو ويو تہ جن ماڻهن حضور اڪرم خَاتَمَ النَّبِيِّيْنَ ﷺ تي ايمان آڻي خير امت جو مرتبو حاصل ڪيو آهي، جيڪڏهن اهل ڪتاب بہ ايمان جي نعمت سان شرف حاصل ڪن ها تہ هو بہ خير امت جي مانائتي مرتبي جا حقدار ٿين ها، مگر ان جي برخلاف هنن حق ۽ سچ جي راهہ کي ڇڏي ڏنو. اهڙن قانون شڪن ماڻهن (يهودين) جي حصي ۾ جتي بہ هجن ذلت ۽ رسوائي آهي. (البقره: 61/2) سرزمين عرب ۾ هنن جا سمورا قبيلا

ذليل و خوار ٿيا. هر طرف کان ڪين ڪٿي بہ پناهہ نٿي ملي سگهي، سواءِ هن جي تہ ڪين الله جي رسيءَ (اهل ڪتاب هجڻ) سبب الله جو سهارو يا ٻين قومن سان معاهدي هيٺ رهڻ واري سهاري سان محتاجي ۽ بي بسي جي زندگي گذاري رهيا آهن. الله جي غضب هيٺ آيل آهن. هي نهايت بدحالي ۽ محتاجي جي زندگي ان ڪري بسر ڪري رهيا آهن، جو هنن الله جي آيتن يعني احڪامن جو انڪار ڪيو ۽ نبين سڳورن جي ناحق قتل ۾ ملوث رهيا. هو پنهنجي هن سرڪشي ۽ نافرماني سبب تباهي ۽ بربادي جي ڪناري تي پهتا، چو تہ هو حق ۽ سچائي جي هر حد پار ڪري چڪا هئا. (البقره: 61/2) اڪثريت جي نافرمانيءَ باوجود اقليت ۾ ڪجهہ اهڙا ماڻهو بہ موجود هئا جيڪي حق ۽ سچ جي راهہ تي هلندڙ هئا ۽ دين اسلام قبول ڪري مؤمنن جي زندگي گذاري رهيا هئا. (آل عمران 199/3) جيڪي رات پر الله جي آيتن جي تلاوت ڪن تا ۽ ان جي آڏو سربسجود رهن تا. هو الله تي ۽ آخرت واري ڏينهن تي ايمان ۽ يقين رکن تا. پاڻ بہ نيڪ آهن ۽ ٻين کي بہ نيڪيءَ جو حڪم ڪن تا ۽ برائيءَ جي ڪمن کان روڪين تا. نيڪيءَ جي ڪمن ۾ اڳرا آهن ۽ اهي نيڪ ۽ صالح انسانن مان آهن.

ياد رکو تہ هي ماڻهو جيڪي نيڪي ۽ ڀلائي وارو ڪم ڪن تا، الله وٽ ان جي ناقدري ڪا نہ ڪئي ويندي. ڪين سندن نيڪين ۽ پرهيزگاري جو سلو ضرور ملندو. هو جنهن بہ حال ۾ هجن ۽ جتي بہ هجن، الله اهڙن نيڪوڪارن ۽ پرهيز گارن کان پوري طرح واقف آهي. (آل عمران 99/3، الحجرات 13/49)

إِنَّ الَّذِينَ كَفَرُوا لَنْ تُغْنِيَ عَنْهُمْ أَمْوَالُهُمْ وَلَا أَوْلَادُهُمْ مِنَ اللَّهِ شَيْئًا ۖ
وَأُولَٰئِكَ أَصْحَابُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيهَا خَالِدُونَ ﴿١١٦﴾ مَثَلُ مَا يُنْفِقُونَ فِي هَٰذِهِ
الْحَيَاةِ الدُّنْيَا كَمَثَلِ رِيحٍ فِيهَا صِرٌّ أَصَابَتْ حَرْثَ قَوْمٍ ظَلَمُوا أَنْفُسَهُمْ
فَأَهْلَكَتْهُ ۚ وَمَا ظَلَمَهُمُ اللَّهُ وَلَٰكِنْ أَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُونَ ﴿١١٧﴾

يقينًا جن ماڻهن ڪفر ڪيو آهي. نہ سندن مال ڪين الله (جي عذاب) کان ڪجهہ بچائي سگهندو ۽ نہ وري سندن اولاد. اهي ماڻهو ئي دوزخي آهن، جيڪي ان ۾

**هميشه رهندا. (116) (اهي ماڻهو) جيڪو مال پيو هن دنيا جي زندگي ۾ خرچ ڪن ٿا، ان جو مثال ان هوا وانگر آهي، جنهن ۾ سخت پارو هجي ۽ اهو (پارو) ان قوم جي کيت کي به ساڙي جن پنهنجو پاڻ سان ظلم ڪيو ۽ انهن کي تباهه ڪري ڇڏي. اهو الله جي پاران هنن تي ظلم ناهي پر هو پنهنجو پاڻ سان ظلم ڪن ٿا. (117)**

گذريل آيت ۾ انهن اهل ڪتاب جو ذڪر ٿيو آهي، جن صدقِ دل سان ايمان قبول ڪيو آهي. حضور اڪرم خاتم النبيين ﷺ جي اتباع ۽ اسلامي احڪام جا پابند ٿي ويا آهن، پر جن ماڻهن ايمان ۽ عمل صالح جو رستو ڇڏي ڪفر جي راهه اختيار ڪئي ته اهي ڪڏهن به پنهنجن ڪڌن ڪرتوتن سبب مڪافات عمل جي عذاب کان بچي ڪو نه سگهندا. هو هينئر جنهن مال ۽ دولت جي گهٽائي يا اولاد جي ڪثرت جي طاقت تي ڪڏي رهيا آهن، اهي کين خدا جي عذاب کان بچائي ڪو نه سگهندا. (النساءِ: 37/4، الهمزه: 104/ 3-2، الڪهف: 18/ 46، سبا: 5/34) هي دوزخي گروهه آهي ۽ اهي هميشه لاءِ دوزخ ۾ هوندا. جتي کين ڪو به مدد ڪرڻ وارو، سندن سفارش ڪرڻ وارو يا ڪو بدلو ڏئي ڇڏائڻ وارو نه هوندو. مال جي فراواني ۽ اولاد جي قوت ۽ طاقت کين ڪنهن به ڪم اچي نه سگهندي. (العنڪبوت: 29/ 23) دنيا ۾ ته هو مال ۽ اولاد جي زور تي سڀ معاملا حل ڪرائي وجن ٿا، پر اتي نفسانفسيءَ جو عالم هوندو. (البقره: 2/48-123-255، آل عمران: 30/3، الفاطر: 18/35، الشوريٰ: 47/42، عبس: 33/80 کان 42، الانفطار: 19/82-18-17، الماعون 107) هنن کي مال ۽ اولاد جي ڪثرت ۽ فروانيءَ تي خدا جو شڪر گذار هئڻ گهرجي ها، پر هي بدبخت ان کي الله جي دين جي خلاف استعمال ڪري رهيا هئا. مسلمانن جي خلاف ان مال مان جنگي سامان خريد ڪري، جنگ ۾ استعمال ڪندا هيا. دنياوي زندگي ۾ اهي ماڻهو جو ڪجهه پاڻ تي يا اسلام جي مخالفت ۾ خرچ ڪن ٿا ۽ ايمان جي دولت کان محروم آهن ته انهن جي هن خير خيرات جو مثال هن طرح آهي، جيئن سخت پالي واري هوا هلي ۽ هنن جي محنت سان تيار کيل کيت کي ساڙي ناس ڪري ڇڏي. اهڙيءَ طرح هنن جي دنيا ۾ ڪمايل موڙي سڀ جي سڀ تباهه ۽ برباد ٿي وڃي، جنهن مان کين ڪجهه به هٿ حاصل نه ٿئي. سو هنن منڪرن جو حال به اهوئي آهي. هي جيڪو عذاب انهن تي نازل ٿيو، اهو الله

جي طرفان ظلم نہ آهي، پر هنن پاڻ تي ظلم ڪيو ۽ تباهيءَ جي واٽ اختيار ڪئي. (البقره: 26/2-27، آل عمران 135/3)

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَّخِذُوْا بِطَانَةً مِّنْ دُوْنِكُمْ لَا يَاْلُوْنَكُمْ خَبَالًا ؕ
وَدُّوْا مَا عَنِتُّمْ ۚ قَدْ بَدَتِ الْبَغْضَآءُ مِنْ اَفْوَاهِهِمْ ۖۚ وَمَا تُخْفِيْ صُدُوْرُهُمْ
اَكْبَرُ ؕ قَدْ بَيَّنَّا لَكُمُ الْاٰيٰتِ اِنْ كُنْتُمْ تَعْقِلُوْنَ ﴿۱۱۸﴾ هٰۤاَنْتُمْ اُولَآءِ
تُحِبُّوْنَهُمْ وَلَا يُحِبُّوْنَكُمْ وَتُؤْمِنُوْنَ بِالْكِتٰبِ كُلِّهٖ ۚ وَاِذَا لَقُوْكُمْ قَالُوْۤا اٰمَنَّا ۖۚ
وَاِذَا خَلَوْا عَضُّوْا عَلَيْكُمُ الْاَنَامِلَ مِنَ الْغَيْظِ ؕ قُلْ مُوْتُوْا بِغَيْظِكُمْ ؕ اِنَّ
اللّٰهَ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ﴿۱۱۹﴾ اِنْ تَمْسَسْكُمْ حَسَنَةٌ تَسُؤْهُمْ ۫ وَاِنْ
تُصِبْكُمْ سَيِّئَةٌ يَّفْرَحُوْا بِهَا ؕ وَاِنْ تَصْبِرُوْا وَتَتَّقُوْا لَا يَضُرُّكُمْ كَيْدُهُمْ
شَيْـًٔا ؕ اِنَّ اللّٰهَ بِمَا يَعْمَلُوْنَ مُحِيْطٌ ﴿۱۲۰﴾ ع ۱۲/۴

اي مؤمنو! توهان پنهنجن ڪانسواءِ غيرن کي پنهنجو هم راز نہ بڻايو، هو اوهان بابت فتنہ انگيزي ۾ (ذرا پير) ڪمي نٿا ڪن ۽ نہ ڪندا. هو توهان کي سخت تڪليف پهچڻ جي خواهش رکن ٿا. بغض تہ هنن جي زبان مان ظاهر ٿي پيو آهي ۽ جيڪا (دشمني) هنن جي سينن لڪائي رکي آهي، اها انهيءَ کان بہ اجان وڌيڪ آهي. اسان اوهان جي لاءِ نشانيون پڌريون ڪري ڇڏيون آهن، جيڪڏهن توهانکي ڪجهہ سمجهہ ۽ عقل آهي. (118) (مسلمانو سوچيو) اوهان تہ اهي انسان آهيو، جو هنن سان محبت ڪيو ٿا (حالانڪہ) هو اوهان کي پسند ڪو نہ ٿا ڪن ۽ اوهان تہ سمورن ڪتابن تي ايمان رکو ٿا ۽ هو جڏهن بہ توهان سان ملن ٿا تہ چون ٿا. اسان ايمان آندو آهي، پر جڏهن اڪيلا ٿيندا آهن تہ ڪاوڙ ۾ پنهنجون آڱريون چٻاڙين ٿا، تون هنن کي چئو تہ پنهنجي غصي ۾ مري وڃو،

بيشڪ الله سيني اندر لڪل ڳالهيون چڱي طرح ڄاڻي ٿو. (119) جيڪڏهن توهان کي ڪا ڀلائي ملي ٿي ته هنن کي بري لڳي ٿي پر جيڪڏهن اوهان کي ڪوئي تڪليف اچي ته هو ان ۾ خوش ٿين ٿا ۽ جيڪڏهن توهان صبر ڪندا رهو ۽ تقويٰ اختيار ڪريو، ته هنن جو مڪر ۽ فريب ذرا پر به نقصان نه ڏئي سگهوندو. هو جو ڪجهه ڪري رهيا آهن، الله جي گهيري ۾ آهي. (120)

هن ڪان اڳ ذڪر ٿيل آيتن ۾ واضح ٿيو ته ايمان ۽ عمل صالح جي نعمت خداوندي سان نوازيل جماعت الڳ آهي ۽ ڪفر ۽ گمراهي ۾ گرفتار گروهه ٻي جماعت جدا آهي. هنن ٻنهي جماعتن جي اعتقاد ۽ يقين ۾ وڏو فرق آهي، اهو فرق ئي انسانن کي ٻن الڳ الڳ جماعتن ۾ تقسيم ڪري ٿو. نسل و ذات پات جا رشتا ڪنهن به ڪم جا نه آهن. جيڪڏهن اوهان جا والدين، ڀائر، پٽ پوٽا ڪافر آهن ته اهي به اوهان جي جماعت مان نه آهن، پر جيڪڏهن ڌاريا ۽ غير به اسلام جي دائري ۾ اچن ٿا ته اهي اوهان جي جماعت جا فرد آهن.

نه افغانیم نے ترک و تتاریم
چمن زادیم از یک شاخساریم
تمیزِ رنگ و بو بر ما حرام است
که ما پروردهِ یک نوبهاریم

اسان افغان، ترڪ، تاتاري، پٺاڻ وغيره نه آهيون، پر هڪ نوبهار (اسلام) جا پاليل افراد آهيون. ان ڪري اسان کي پاڻ ۾ ذات پات نسب نسل رنگ بوءِ تي ناز ڪرڻ حرام آهي.

ان ڪري مسلمانن کي آگاهه ڪيو ٿو وڃي ته اوهان هڪ ٻئي ۾ پاڻ ڪانسواءِ هنن ڪافرن مشرڪن ۽ منافقن کي پنهنجو دلي دوست ۽ رازدان نه بڻايو. اهي ماڻهو اوهان کي نقصان پهچائڻ ۾ ڪا به ڪسر ڪو نه ٿا ڇڏين. هنن کي اوهان جو تڪليف ۾ هجڻ پسند اچي ٿو. اڪثر اوقات انهن جي اها لڪل دشمني بغض ۽ ڪينو سندن منهن مان زبان ذريعي به ظاهر ٿي پوي ٿو، پر جيڪا دشمني هنن جي سيني ۾ لڪل آهي، اها اڃان هنن

جي هن اظهار خيال يا دشمني کان گهڻو وڌيڪ آهي.

عَنِ الْمَرءِ لَا تَسْأَلْ وَ سَلْ عَنْ قَرِيْنِهٖ
فَكُلُّ قَرِيْنٍ بِالْمُقَارِنِ يَقْتَدِيْ

ڪنهن شخص جو حال معلوم ڪرڻو آهي ته ان جي ساٿين جا اخلاق ۽ عادتون ڏسو، ڇو ته هر دوست پنهنجي ساٿين جي عادتن جو پيروڪار هوندو آهي.

کند هم جنس با هم جنس پرواز
کبوتر با کبوتر، باز با باز

هم جنس، هم جنس سان گڏ پرواز ڪندو آهي. ڪبوتر، ڪبوتر سان ۽ باز، باز سان.
ڪمرو ٻڌجي ڪاري سان رنگ نه بدلائي، پر عادت ضرور بدلائي.

گويا هنن جي اندر ۾ دشمني ۽ حسد جي باهه ڀڙڪي رهي آهي. ان ڪري هنن آيتن ذريعي اوهان کي آگاهه ڪجي ٿو ته هنن جي قربت ۽ دوستيءَ کان خبردار ٿيو ۽ عقل کان ڪم وٺو. (البقره: 157/2، آل عمران: 28/3، النساء: 139/4، التوبه: 9/71- 56-47-24-23-8) المجادله: 22/58، الممتحنه: 1/60)

”لَا يَأْلُوْنَ“ ڪمي نٿا ڪن/ ڪمي نه ڪندا، ”خَبَالًا“ فساد هلاڪت ”مَا عَنِتُّمْ“ جنهن ڪري اوهان تڪليف ۽ سخت مشقت ۾ اچي وڃو. ”عَضُّوْا“ ڏندن سان ڪٽڻ، چٻاڙڻ.

اوهان پنهنجي شرافت ۽ سادگي سبب هنن سان محبت ۽ خلوص جو رشتو قائم رکڻ گهرو ٿا ۽ پراڻن تعلقات کي نڀائڻ گهرو ٿا، پر حقيقت حال هي آهي ته هو اوهان جي هن سموري خلوص باوجود اوهان سان سچي دل سان دوستي يا محبت ڪو نه ٿا ڪن. حالانڪ اوهان پوري ڪتابي سلسلي کي مڃو ٿا. يعني تورات ۽ انجيل کي به آسماني صحيفو سمجهي انهن کي حق ۽ سچائي تي مبني سمجهي ايمان آڻيو ٿا. (النساء: 44/4) پر هو اوهان جي ان نيڪ نيتي کي قبول ڪرڻ وارا نه آهن، هو جڏهن به اوهان سان ملن ٿا ته پاڻ کي مؤمن چون ٿا، پر جيئن اوهان کان جدا ٿا ٿين ته اوهان جي ڪاميابين ۽ اسلام جي روز بروزوڌندڙ مقبوليت سبب غصي ۽ ڪاوڙ مان پنهنجون آڱريون چٻاڙين ٿا. (الفرقان: 27/25، الممتحنه: 2/60) هنن کي چئو ته اوهان پنهنجي غصي ۽ گهٽن ۾ مري

وجو تو هان جو اهو غصو اسان جو ڪجهه بگاڙي نٿو سگهي. پر اوهان لاءِ اندر جي باهه آهي، الله اوهان جي ڳجهن رازن ۽ سازشن کان جيڪي سيني ۾ رکو ٿا، پوري طرح واقف آهي، حديث ۾ آهي ته ”حسد، حسد ڪندڙ کي اهڙي طرح ساڙي ٿو جهڙيءَ طرح باهه ڪاٺين کي ساڙيندي آهي. (آل عمران: 167/3، المائده: 41/5، التوبه: 8/9، الاحزاب: 4/33)

كُلُّ الْعَدَاوَةِ قَدْ تُرْجٰى اِفَاقَتُهَا

اِلَّا عَدَاوَةِ مَنْ عَادَاكَ مِنْ حَسَدٍ

بي هر دشمنيءَ مان ڇٽڻ جي اميد آهي، مگر جيڪا دشمني حسد جي ڪري هجي، ان مان ڇٽڻ ممڪن ناهي.

بدل کر بھیس پھر زمانے میں آتے ہیں

اگرچہ پیر ہے آدم جواں ہیں لات و منات (اقبال)

اوهان کي جڏهن به ڪا چڱائي نصيت ٿئي ٿي ته اها هنن کي ڏاڍو خراب لڳي ٿي، پر جيڪڏهن اوهان کي ڪا تڪليف پهچي ٿي يا عارضي طور شڪست وغيره ٿئي ٿي ته هو ڏاڍا خوش ٿين ٿا. جيڪڏهن اوهان انهن احڪامن جي پوري پوري پابندي ڪندا رهندا صبر ۽ پرهيزگاريءَ جو رستو اختيار ڪندا ته هنن جون هي سڀ سازشون اوهان کي ڪو مستقل ۽ وڏو نقصان پهچائي نه سگهنديون. سورة البقره ۾ آيو آهي: ”وَاسْتَعِيْنُوْا بِالصَّبْرِ وَالصَّلَاةِ“ پر هن آيت ۾ ”صَلَاةِ“ جي جڳه تي تقوىٰ آيو آهي. يعني صبر، استقلال ۽ پنهنجي بچاءَ ۽ حفاظت تي مضبوطيءَ سان قائم رهندا ته هنن ڪافرن جا مڪر فريب، سازشون تدبيرون اوهان کي ڪو نقصان ڏئي نه سگهنديون. هي ڪافر جيڪي به سازشون ڪندا رهندا، ته الله تعالىٰ اوهان کي آگاهه ڪندو رهندو. (التوبه: 9/ 105)

ياد رهي ته اهي ڪافر ۽ منافق جيڪي ڪجهه ظاهر ۾ يا ڳجهه ۾ ڪري رهيا آهن، الله ان کان باخبر آهي ۽ هو مڪافات عمل جي گهيري ۾ آهن. اوهان کي هنن کان ڪنهن به وڏي نقصان يا تڪليف جو ڪو به خطرو ناهي، جنهن لاءِ الله اوهان کي آگاهه ڪندو رهندو. (التوبه: 9/ 105-47) هنن جي اعمال بد جا نتيجا هنن کي ضرور ڏسڻا پوندا ۽ سندن

سموريون خواهشون ۽ سازشون مليا ميٽ ٿي وينديون. جنهن جي الله تعالىٰ مدد ڪرڻ فرمائيندو، ان تي ڪير بہ غالب نہ ايندو. (آل عمران: 60/3) اوهان پلي حسد ۽ دشمني ڪندا رهو، الله پنهنجي دين کي غالب ڪندو ۽ مسلمانن تي پنهنجون نعمتون جاري رکندو. (الطلاق: 65/3-2) هنن جي هر سازش، هر بري تدبير الله جي گهيري ۾ آهي.

اے بسا ابلیس آدم روۓ ہست

پس بہر دستے نباید داد دست

ڪيترا شيطان انساني آدم واري شڪل ۾ پيا ڦرن، ان ڪري هر هٿ تي هٿ رکڻ بيعت ڪرڻ نہ گهرجي.

وَاِذْ غَدَوْتَ مِنْ اَهْلِكَ تُبَوِّئُ الْمُؤْمِنِيْنَ مَقَاعِدَ لِلْقِتَالِ ؕ وَاللّٰهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿۱۲۱﴾ اِذْ هَمَّتْ طَّآئِفَتٰنِ مِنْكُمْ اَنْ تَفْشَلَا ۙ وَاللّٰهُ وَلِيُّهُمَا ؕ وَعَلَى اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُوْنَ ﴿۱۲۲﴾ وَلَقَدْ نَصَرَكُمُ اللّٰهُ بِبَدْرٍ وَّاَنْتُمْ اَذِلَّةٌ ۚ فَاتَّقُوا اللّٰهَ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿۱۲۳﴾

(اي حبيب اهو وقت ياد ڪر) جڏهن تون صبح سوير پنهنجي گهر وارن کان نڪري مسلمانن کي (احد جي جنگ جي وقت) جنگ لاءِ مورچن تي مقرر ڪري رهيو هيين ۽ الله (انهن مشورن) کي چڱي طرح ٻڌي رهيو هو ۽ خبر رکي رهيو هو (121) جڏهن (اوهان جي جماعت مان) خزرج ۽ اوس جي ٻن ٽولن بزدلي ڏيکاري حالانڪ الله انهن جو مددگار هو ۽ ايمان وارن کي الله تي ئي ڀروسو ڪرڻ گهرجي (122) ۽ الله (هن کان اڳ) بدر ۾ اوهان جي مدد فرمائي. حالانڪ (ان وقت) توهان بلڪل ڪمزور هئا. (سرو سامان ۽ تعداد ۾) ان ڪري الله کان ڊڄو (ٻئي ڪنهن جو ڊپ نہ ڪريو) تہ جيئن (هن جي نعمتن جا) شڪرگذار ٿي وڃو. (123)

پوين آيتن ۾ صبر ۽ تقويٰ جو ذڪر هو، جنهن جي ڪري دشمن جي ڪا به تدبير ڪامياب نہ ٿيندي. هينئر ٻڌايو ٿو وڃي تہ ميدان جنگ هجي يا ڪا ٻي اهڙي آزمائش ان ۾ صبر ۽ تقويٰ ڪرڻ سان ڪيترو فائدو پهچي ٿو ۽ اهڙي وقت ۾ استقامت ۽ حوصلي نہ هجڻ ۾ ڪيترو نقصان ٿئي ٿو. ان سلسلي ۾ جنگ احد جو ذڪر ٿي رهيو آهي، جيڪو تقريبًا ڇهن رڪوعن تي مشتمل آهي. غزوه احد شوال 3 هجري ۾ پيش آيو، جڏهن تہ رمضان 2 هجري ۾ جنگ بدر جو معرڪو ٿيو، جنهن جو وڌيڪ تفصيل سورة الانفال ۾ پڙهنداسون. هت رسول خدا ﷺ کي خطاب آهي تہ اي نبي مڪرم ﷺ ! اهو واقعو ياد ڪر جڏهن تون صبح سوير پنهنجي گهر مان نڪتو هئين (احد جي ميدان ۾) لڙائيءَ جي لاءِ هر مورچي تي مومنين (صحابہ ڪرام) کي مقرر ڪري رهيو هئين. الله سڀ ڪجهہ ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي. حضور ﷺ سان هڪ هزار جو لشڪر مديني شهر کان جنگ لاءِ نڪتو. جنهن مان 300 جو ٽولو عبدالله بن اُبيّ جي قيادت ۾ واپس هليو ويو. باقي 700 مجاهدن سان پاڻ ڪريم ﷺ جبل احد طرف روانا ٿيا. عبدالله بن اُبيّ ۽ سندس ساٿين جي وڃڻ ڪري انهي دوران پنهنجي مسلمانن مان ٻن جماعتن بنو حارث ۽ بنو سلمه قبيلن همت هارڻ ۽ بزدلي ڏيکارڻ جو ارادو ڪيو ۽ واپس ورڻ جو سوچيو هيو، "وَمَا يَعِدُهُمُ الشَّيْطٰنُ اِلَّا غُرُوْرًا" (النساءِ: 4/ 120) پر صحابہ ڪرام جي ڪوشش سان واپس نہ ٿيا، (آل عمران: 3/157- 153) حالانڪہ الله انهن جو مددگار هو، مؤمنن کي تہ الله تي پورو پورو ڀروسو هئڻ گهرجي. (البقره: 2/257، التوبه: 9/47، محمد: 47/11)

توڪل علي الله مان مراد آهي تہ انسان کي پورو پورو يقين هجي تہ خداوند ڪريم جا سمورا قانون محڪم ۽ اٽل آهن. خدا جا اهي اٽل قانون خدا جو وعدو آهن، جيڪي وعدا الله عزوجل ڪيا آهن، هر حال ۾ پورا ٿيندا. اهي هڪ مضبوط يقيني عهد آهن، جن کي مضبوط جهلڻ ڪاميابيءَ جو يقين آهي. (البقره: 2/256) ان جي يقينيءَ لاءِ سورة ابراهيم: 14/2 ۾ آهي: "وَمَا لَنَآ اَلَّا نَتَوَكَّلَ عَلَى اللّٰهِ وَقَدْ هَدٰىنَا سُبُلَنَا" ان ڪري ارشاد رباني آهي: "وَاتَّبِعْ مَا يُوْحٰٓى اِلَيْكَ مِنْ رَّبِّكَ" (الاحزاب: 33/2) ۽ "وَتَوَكَّلْ عَلَى الْحَيِّ الَّذِيْ لَا يَمُوْتُ" (الفرقان: 25/58) "وَعَلَى اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُتَوَكِّلُوْنَ" (التغابن: 64/13) توڪل جو مطلب اهو نہ آهي تہ پاڻ ڪوشش نہ ڪري، پر رڳو اهو تصور ڪري تہ الله ڪري ڇڏيندو. پنهل تہ ايندو پاڻ، پر آءٌ بہ اڳيري ٿيان. "وَاَنْ لَّيْسَ لِلْاِنْسَانِ اِلَّا مَا سَعٰى" (النجم: 53/ 39) جو هٿيار ڪٽي توڪل جو ترهو

ٻڌجي، يعني قانون خداوندي تي هلجي ته ٻيڙا پار ٿي ويندا.

ياد ڪريو ته الله اوهان کي بدر جي جنگ ۾ فتح ياب ڪيو هو، حالانڪ اوهان ڪمزور حالت ۾ هئا ۽ اوهان جي ڪاميابي جو ڪو سوچي به نه ٿي سگهيو، پر پوءِ به اوهان جي ننڍڙي لشڪر کي ڪافرن جي ٽيڻي چوڻي فوج تي الله اوهان کي فتح نصيب ڪئي. (البقره:257/2، الانفال: 9/8، بني اسرائيل: 8/17) ياد رهي ته بدر ۾ ڪافر هڪ هزار هيا ته فرشتا به هڪ هزار آيا. احد ۾ ڪافر ٽي هزار هيا ته فرشتا به ٽي هزار هيا ۽ احزاب ۾ ڪافر پنج هزار هيا ته اتي پنج هزار فرشتن جو ذڪر آهي. الله جي حڪمن جي بجا آوري ڪريو ۽ انهن جي انحرافي ۾ الله جي عذاب کان بچو ته جيئن اوهان الله جي نعمتن جي قدرداني ڪري سگهو، ياد رهي ته جنگ بدر ۾ مسلمان صرف 313 هئا. هنن وٽ ڪل 8 تلوارون، 2 گهوڙا ۽ 70 اٺ هئا. جڏهن ته دشمن جي سپاهه ۾ 1000 جنگجو، 70 اُٺ ۽ 100 گهوڙا هئا. پر مسلمانن ۾ صبر تقويٰ استقامت ۽ توڪل علي الله جو جذبو ايماني اٿاٿو هيو. (الانفال: 26/8)

اڪيون منهن ميهار ڏي، رکيون جن جوڙي
رءِ سَنْدَ سيد چوي تار گهڙن توڙي
تن کي ٻوڙي سائر سگهي ڪين ڪي (شاهه)

***

شہادت ہے مطلوب و مقصود مومن
نہ مالِ غنیمت، نہ کشور کشائی (اقبال)

مقام ان کا غازی یا شانِ شہید
اِدھر بھی ہے عید اور اُدھر بھی ہے عید (مشتاق سجاروی)

جنهن جي ڪري فتح مبين نصيب ٿي، "وَمَنْ يَّتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ فَاِنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ" (الانفال: 49/8، الفرقان: 25/ 58، الطلاق: 3/65) پر احد ۾ صبر ۽ تقويٰ ۽ استقامت جي ڪمي نظر آئي. شروع ۾ عبدالله بن اُبيّ الڳ ٿي ويو، بعد ۾ ٻن قبيلن به ڪمزوري ڏيکاري ۽ وري عبدالله بن جبير رضي الله تعالیٰ عنه جي ٽولي پهاڙي تي صبر، تقويٰ ۽ استقامت جي خلاف ورزي ڪئي، جنهن جا نتيجا اوهان ڏٺا. (الطلاق: 23/65)

إِذْ تَقُولُ لِلْمُؤْمِنِينَ أَلَنْ يَكْفِيَكُمْ أَنْ يُمِدَّكُمْ رَبُّكُمْ بِثَلَاثَةِ آلَافٍ مِنَ
الْمَلَائِكَةِ مُنْزَلِينَ ۝۱۲۴ بَلَىٰ ۚ إِنْ تَصْبِرُوا وَتَتَّقُوا وَيَأْتُوكُمْ مِنْ فَوْرِهِمْ
هَٰذَا يُمْدِدْكُمْ رَبُّكُمْ بِخَمْسَةِ آلَافٍ مِنَ الْمَلَائِكَةِ مُسَوِّمِينَ ۝۱۲۵ وَمَا ربع
جَعَلَهُ اللَّهُ إِلَّا بُشْرَىٰ لَكُمْ وَلِتَطْمَئِنَّ قُلُوبُكُمْ بِهِ ۗ وَمَا النَّصْرُ إِلَّا
مِنْ عِنْدِ اللَّهِ الْعَزِيزِ الْحَكِيمِ ۝۱۲۶

جڏهن تون مسلمانن کي چئي رهيو هئين ته ڇا اوهان جي لاءِ اهو ڪافي نه آهي. ته اوهان جو رب ٽي هزار نازل ٿيندڙ فرشتن سان اوهان جي مدد ڪرڻ فرمائي. (124) ها جيڪڏهن اوهان صبر ڪندو ۽ پرهيزگاري قائم ڪندو ۽ انهيءَ دوران هو (ڪافر) پوري زور شور سان حملو ڪري ڏين ته اوهان جو رب پنج هزار نشان ٿيل فرشتن سان اوهان جي مدد ڪرڻ فرمائي (125) الله تعالىٰ هن (غيبي مدد) کي خاص اوهان جي لاءِ خوشخبري ڪيو آهي ته جيئن ان سان توهان جا دل مطمئن ٿي وڃن. مدد رڳو الله جي طرفان ئي ٿيندي آهي، جيڪو غالب قوت وارو ۽ وڏي حڪمت وارو آهي. (126)

مسلمانو! ڪافرن جي ڪثرت ۽ مسلح هئڻ ڪان مرعوب نه ٿيو. الله ڪافرن کي شڪست ڏيڻ وارو آهي. "قُلْ لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْا سَتُغْلَبُوْنَ" (آل عمران: 11/3) ۽ مؤمنن جي ننڍڙي بي سروسامان جماعت کي ڪاميابي ملڻ واري آهي. "وَاِنْ تَصْبِرُوْا وَتَتَّقُوْا لَا يَضُرُّكُمْ كَيْدُهُمْ شَيْـًٔا" (آل عمران: 160/3) ان ڪري "وَاللّٰهُ وَلِيُّهُمَا وَعَلَى اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُوْنَ" (آل عمران: 122/3) اي نبي مڪرم خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! جنگ احد ۾ اهو وقت ياد ڪر، جڏهن تون مؤمنن کي تسلي ڏئي رهيو هئين ته ڇا الله اوهان لاءِ ڪافي ناهي ته اوهان جو رب اوهان جي مدد لاءِ آسمان مان ٽي هزار فرشتن جو لشڪر موڪلي (الانفال: 8/12-9، حٰم السجده: 30/41) ته جيئن اوهان ڪافرن جي ٽي هزار لشڪر جو مقابلو ڪري سگهو. ها اهو ممڪن آهي پر

جيڪڏهن اوهان صبر ۽ تقوىٰ اختيار ڪندا، همت ۽ استقلال جو دامن مضبوط رکندا، پوءِ پلي دشمن اوهان تي اوچتو حملہ آور ٿئي تہ اهڙي نازڪ وقت ۾ الله اوهان جي پنج هزار نشانبر فرشتن ذريعي مدد ڪندو، جيڪو اوهان جي دشمنن کي تباهہ ڪري ڇڏيندو. (الانفال: 8/ 12، 53) هي انهي لاءِ ٻڌايو ويو تہ جيئن اوهان کي سوڀ جي خوشخبري ڏجي ۽ اوهان جي دل ۾ اطمينان اچي وڃي. مدد ۽ نصرت الله طرفان ئي ايندي آهي. (آل عمران: 139/3، الحج: 18/22) جيڪو پنهنجي قدرت ۽ طاقت سان هر هڪ تي غالب آهي ۽ هن جا سمورا ڪم حڪمت سان لبريز آهن، ان ڪري مؤمنن کي يقين هئڻ گهرجي تہ الله جي مدد ۽ توفيق انهن کي حاصل هوندي آهي، جيڪي صبر ۽ تقوىٰ ۾ استقامت ۽ استقلال وارا آهن. ياد رهي تہ الله عزوجل پنهنجي رسول سڳورن ۽ مؤمنن جو حمايتي، مددگار ۽ دوست آهي ۽ هو پنهنجي دوستن جي مدد ۽ دوستن جي دشمنن جي هزيمت ڪندو آهي. (الانفال: 8/67-43-12، ابراهيم: 12/14)

تانسين تون نہ فقير جانسين سانگ سسيءَ جو
ماڻيو تن هليو جن جسو مال مباح ڪيو

ابيات سنڌي:
سلطان الاولياءِ خواجہ محمد زمان
لنواري شريف

لِيَقْطَعَ طَرَفًا مِّنَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اَوْ يَكْبِتَهُمْ فَيَنْقَلِبُوْا خَآئِبِيْنَ ﴿١٢٧﴾ لَيْسَ
لَكَ مِنَ الْاَمْرِ شَيْءٌ اَوْ يَتُوْبَ عَلَيْهِمْ اَوْ يُعَذِّبَهُمْ فَاِنَّهُمْ ظٰلِمُوْنَ ﴿١٢٨﴾
وَلِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ؕ يَغْفِرُ لِمَنْ يَّشَآءُ وَيُعَذِّبُ مَنْ
ع ١٣ ٩ ٤ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٢٩﴾ ع

اهو انهي ڪري بہ تہ الله ڪافرن جي هڪ ٽولي کي هلاڪ ڪري يا کين ذليل ڪري تہ جيئن هو ناڪام ٿي واپس وڃن. (127) (اي حبيب خاتم النبيين صلى الله تعالىٰ عليه وآله وسلم هاڻي)

**توهان جو هن معاملي سان ڪو بہ تعلق ناهي. الله پنهنجي مشيت ايزدي سان گهري تہ هنن کي توبه جي توفيق ڏئي يا کين عذاب ڏئي ڇو تہ هو ظالم آهن. (128) جو ڪجهہ آسمانن ۾ آهي ۽ جو ڪجهہ زمين ۾ آهي، اهو الله جي حڪمراني ۽ دست قدرت ۾ آهي. هو قانون مشيت موجب) جنهن کي گهري تہ بخش ڪري ڇڏي ۽ جنهن کي گهري تہ عذاب ڏئي ۽ الله وڏو بخش ڪرڻ وارو ۽ هميشہ رحم ڪرڻ وارو آهي. (129)**

الله طرفان مؤمنن کي هي مدد ۽ بشارت انهيءَ لاءِ ڏني وئي آهي تہ جيئن حق ۽ سچائيءَ جو انڪار ڪندڙن جي هڪ جماعت جي هڪ حصي کي انهن جي بداعماليءَ سبب تهس نهس ڪيو وڃي ۽ باقي منڪرن کي عبرتناڪ شڪست سان ذليل و خوار ڪري پسپا ڪيو وڃي. مسلمان مجاهد سربڪف ۽ ڪفن بدوش تي ميدان جنگ ۾ الله جي غيبي مدد تي يقين ڪندي سر ڌڙ جي بازي انهيءَ ڪري لڳائيندا هيا تہ الله جي دين کي غلبو حاصل ٿئي. هنن جو مقصود خدا جي رضا حاصل ڪرڻ هئي، محض ڪاميابي يا مالِ غنيمت مقصود نہ هو.

شہادت ہے مطلوب و مقصود مومن
نہ مالِ غنیمت، نہ کشور کشائی (اقبال)

ان ڪري اسلامي جهاد عرب جي جنگ جو نقشو ئي بدلي ڇڏيو. ڪجهہ ڏينهن ۾ اهو حڪم آيو تہ مالِ غنيمت اسلامي رياست جي ملڪيت آهي، جيڪو سپاهين جي ضرورتن، عوام جي فلاح و بهبود ۽ رياست جي ڪمن ۾ استعمال ٿيندو. مسلمان سپاهي مالِ غنيمت جي لالچ لاءِ نہ لڙندا هئا، پر دين خداوندي جي غلبي لاءِ جانين جا نذرانا پيش ڪندا هئا. اهڙيءَ طرح قيدين کي غلام بنائڻ بدران "فَإِمَّا مَنًّۢا بَعْدُ وَإِمَّا فِدَآءً" (سورة محمد: 4/47) جو قانون لڳندو هو. هن کان اڳ ٿيل قيدي پراڻي رواج ۾ هيا. اسلام غلاميءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ نوان غلام ناهڻ کان روڪيو، پراڻن غلامن کي آزاد ڪرڻ لاءِ مختلف ڪَفارن ذريعي آزاد ڪرايو.

اي نبي مڪرم خاتم النبيين صلی الله عليه وسلم! هنن دشمنن کي الله بخش ڪري ڇڏي يا نہ بخش ڪري ۽ عذاب ڏئي ان ۾ تنهنجو عمل دخل نہ آهي. (القصص: 56/28) تنهنجو ڪم آهي تہ هنن کي حق جي دعوت ڏيندو رهہ ۽ هنن جي هٺ ۽ ضد سبب انڪار ڪرڻ تي مايوس نہ ٿيءُ. هي حق ۽ سچ کان ٿڙيل ظالم ماڻهو آهن. هي زمين ۽ آسمان ۾ جو ڪجهہ آهي اهو الله جي دست قدرت هيٺ آهي ۽ هي پوري ڪائنات هڪ مقرر نظام هيٺ هلي رهي آهي. اهڙيءَ طرح قومن لاءِ بہ الله جو قانون مقرر آهي، جنهن نظام مطابق هنن جي بخشش ۽ سزا جزا جو فيصلو ٿئي ٿو. جنهن کي ڪير بہ روڪي نٿو سگهي. ان قانون جي پابندي نصرت ۽ فتح جو پيغام آهي ۽ ان قانون جي انحرافي شڪست ۽ ذلت جو ڪارڻ آهي. ننڍي ننڍي غلطي ۽ غيرارادي انحرافي کي الله تعالیٰ معاف ڪري ٿو. بيشڪ الله بخشش ڪرڻ وارو ۽ وڏي رحمت وارو آهي. جنگ احد جي شروعات ۾ جيئن مسلمانن جي فتح جا آثا ظاهر ٿيڻ لڳا ۽ ڪافر پسپا ٿيڻ تي مجبور ٿيا تہ مسلمان سپاهين جي هڪ ٽولي جيڪي حضرت عبدالله بن جبير رضي الله تعالیٰ عنه جي قيادت ۾ پهاڙيءَ جي گهاٽ تي مقرر هئا سي وقتي فتح ڏسي مال غنيمت هٿ ڪرڻ لاءِ اها اهميت واري پهاڙي ڇڏي ڏني ۽ اهڙي طرح ڪافرن خالد بن وليد جي قيادت ۾ مڙي اتان حملو ڪيو، ۽ مسلمانن کي وڏو نقصان پهچايو. حالانڪ نبي ڪريم خاتم النبيين صلی الله عليه وسلم ڪين چيو هو تہ اسان کي شڪست بہ اچي ۽ اسان جو گوشت ڳجهون کائين تہ بہ اها پهاڙي نہ ڇڏجو. هن عقب کان آيل حملي ۾ نبي اڪرم خاتم النبيين صلی الله عليه وسلم جن شديد زخمي ٿي پيا ۽ مٿانئن بيهوشي طاري ٿي وئي ۽ جڏهن هوش ۾ آيا تہ سندن زبان مبارڪ تي الفاظ هئا : ”كَيْفَ يُفْلِحُ قَوْمٌ خَضَبُوْا وَجْهَ نَبِيِّهِمْ بِالدَّمِ وَهُوَ يَدْعُوْهُمْ اِلَى اللهِ“ (سنن ابي داؤد) هيءَ قوم فلاح ڪيئن پائيندي جنهن پنهنجي نبيءَ جي چهري کي خون آلوده ڪيو آهي حالانڪ هو کين الله طرف سڏي ٿو.

هٽ اها ڳالهہ ذهن نشين هئڻ گهرجي تہ مجاهدن کي پراڻي رسم و رواج موجب ’جيڪو مالِ غنيمت جنهن کي بہ ۽ جيترو بہ هٿ اچي، اهو ان جي ملڪيت هوندو هيو‘ اهو قانون ان وقت ختم ٿي چڪو هيو يا ان بعد ختم ٿيو. اگر ان وقت ختم هيو تہ پوءِ مالِ غنيمت لاءِ مجاهد نہ ويا هيا، پر ڏنائون تہ جنگ ۾ فتح ٿي وئي آهي، ان ڪري هن ٽڪريءَ کي ڇڏڻ ۾ نبي اڪرم خاتم النبيين صلی الله عليه وسلم جي حڪم جي انحرافي نہ آهي. گويا اجتهادي غلطي

هئي، غلطي ضرور هئي. پر جيڪڏهن مال غنيمت هٽ ڪرڻ جي ممانعت نہ هئي تہ پوءِ شايد هو مال غنيمت لاءِ آيا هئا، جنهن ۾ حڪم جي خلاف ورزي هئي، جو تہ نبي اڪرم ﷺ ڪين چيو هيو تہ اهو دره گهاٽي نہ ڇڏجو، توڙي اسان جون ٻوٽيون ڳجهون ڳائي وڃن.

يہ وقت بھی دیکھا ہے تاریخ کی آنکھوں نے
لمحوں نے خطا کی ہے صدیوں نے سزا پائی

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَاْكُلُوا الرِّبٰٓوا اَضْعَافًا مُّضٰعَفَةً ۠ وَّاتَّقُوا اللّٰهَ لَعَلَّكُمْ
تُفْلِحُوْنَ ۚ﴿۱۳۰﴾ وَ اتَّقُوا النَّارَ الَّتِيْٓ اُعِدَّتْ لِلْكٰفِرِيْنَ ۚ﴿۱۳۱﴾ وَ اَطِيْعُوا اللّٰهَ
وَالرَّسُوْلَ لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ۚ﴿۱۳۲﴾ وَ سَارِعُوْٓا اِلٰى مَغْفِرَةٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَجَنَّةٍ
عَرْضُهَا السَّمٰوٰتُ وَ الْاَرْضُ ۙ اُعِدَّتْ لِلْمُتَّقِيْنَ ۙ﴿۱۳۳﴾

اي مسلمانو اوهان ٻيڻو ٽيڻو ڪري وياج نہ کائو (وٺو) ۽ الله (جي گرفت کان) ڊڄندا رهو تہ جيئن اوهان فلاح ۽ ڪاميابي حاصل ڪري سگهو. (130) ۽ ان (دوزخ) جي باهہ کان ڊڄو جيڪا ڪافرن لاءِ تيار ڪئي وئي آهي. (131) ۽ الله ۽ رسول (خاتم النبيين ﷺ) جي فرمانبرداري ڪندا رهو تہ جيئن اوهان تي رحم ڪيو وڃي. (132) ۽ پنهنجي رب جي بخشش ۽ ان جنت ڏانهن تيزي سان وڌو جنهن جي وسعت ۾ سمورا آسمان ۽ زمين اچي وڃن ٿا، جيڪا پرهيزگارن لاءِ تيار ڪئي وئي آهي (133)

هن ڪان اڳ صبر ۽ تقويٰ جو درس ڏنو ويو آهي. ڪنجوسي ۽ بخل ڪان روڪيو ويو آهي. آڏو انفاق في سبيل الله جو حڪم اچي رهيو آهي. هنن سيني حڪمن جي ادائگيءَ ۾ رزق حلال جي ضرورت آهي، جنهن ۾ ڪنهن بئي جو اقتصادي ڏيوالو نہ ڪڍيو وڃي، جو تہ معاشرتي تباهيءَ ۾ غلط معاشي نظام جو وڏو عمل دخل هوندو آهي،

پوئين آيتن ۾ مسلمانن جي مال غنيمت جي حصول لاءِ قائد جي حڪم خلاف وڃڻ ۾ نقصان واري شڪست جو ذڪر هيو، اهڙي طرح مال ۽ دولت گڏ ڪرڻ جي حرص ۾ ان وقت جيڪو سودي نظام هيو، تنهن کي روڪڻ جو مطلب هو معاشري ۾ ظالمانه طريقي سان دولت ڪمائڻ جي رجحان کي ٻنجو ڏنو وڃي، جنهن ۾ گڏيل وياج جنهن سان سرمائيدار وڏيڪ دولتمند ۽ عوام فاقه ڪشي ۽ تنگ دستي جو شڪار رهيو، تنهن کي روڪڻ لاءِ چيو ويو. مسلمانو! وياج جي ڪمائي سان پنهنجو پيٽ نه ڀريو، جنهن ۾ قرض جي اصل رقم وياج سان ملي ٻيڻي ٽيڻي رقم ٿي وڃي ٿي ۽ قرضدار جي بدحالي جو سبب بڻجي ٿي. سرمائيداريءَ جي هن ظالماڻي نظام کان پاڻ کي الله جي عذاب کان بچايو ته جيئن اوهان فلاح ۽ ڪاميابيءَ جون برڪتون ماڻي سگهو.

وياج جي شرح ٿوري هجي يا گهڻي، هر حال ۾ حرام آهي. وياج جو ڪاروبار زور شور سان هلائڻ ۽ جاري رکڻ الله ۽ الله جي رسول خَاتَمُ النَّبِيّٖن صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم سان جنگ جو اعلان آهي. ان ڪري اهڙي عذاب کان پاڻ بچائڻ الله جي حڪمن جي پابندي ڪرڻ لازم آهي. اها دوزخ جي باهه سودي نظام کي قائم رکندڙن، الله جي حڪمن جو انڪار ڪندڙن لاءِ آهي، ان ڪري الله تعالىٰ جي حڪمن جو انڪار نه ڪريو، پر پرهيز ڪري پاڻ کي الله جي عذاب کان بچائي وٺو. هن سودي نظام جي هوس کان بچڻ لاءِ انفاق في سبيل الله جو بيان ڪيو ويو آهي. وياج جي ممانعت جو پهريون حڪم مڪي سورة الروم 39/30 ۾ آيو: "وَمَآ اٰتَيْتُمْ مِّنْ رِّبًا لِّيَرْبُوَاْ فِيْٓ اَمْوَالِ النَّاسِ فَلَا يَرْبُوْا عِنْدَ اللّٰهِ ۚ وَمَآ اٰتَيْتُمْ مِّنْ زَكٰوةٍ تُرِيْدُوْنَ وَجْهَ اللّٰهِ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُضْعِفُوْنَ "سود کي زڪوات جي مقابلي ۾ پيش ڪري زڪوات کي مال جي وڌڻ ۽ وياج کي مال دولت جي گهٽجڻ جو ڪارڻ ٻڌايو ويو. ان بعد ٻيو حڪم سوره آل عمران جي هي آيت آهي ۽ آخري حڪم سال 9 هجري ۾ سورة البقره جي آيت (245-279) ۾ آيو، جنهن ۾ وياج وٺڻ کان سختي سان روڪيو ويو ۽ انهيءَ غليظ عمل کي الله ۽ الله جي رسول خَاتَمُ النَّبِيّٖن صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم سان جنگ چيو ويو، پاڻ کي ان باهه جي عذاب کان بچايو، جيڪا الله جي حڪم جي ڀڃڪڙي ڪندڙ ڪافرن لاءِ تيار ڪئي وئي آهي. ان ڪري الله ۽ الله جي رسول خَاتَمُ النَّبِيّٖن صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم جي حڪم جي ڀڃڪڙي نه ڪريو ته جيئن اوهان الله جي عذاب کان بچي ان جي رحمت جا حقدار ٿي وڃو. ياد رکو، الله ۽ الله جي رسول خَاتَمُ النَّبِيّٖن صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم جي اطاعت الله جي

رحمتن جو ذريعو آهي، ان ڪري الله جي بخشش ڏانهن تيزيءَ سان وڪ وڌايو تہ جيئن
اوهان بخشش سان سرفراز ٿي سگهو. ۽ انهيءَ جنت طرف قدم کڻو جنهن جي ڪشادگي
۽ چوڙائي زمين ۽ آسمان جي برابر آهي، جيڪا متقي ۽ پرهيزگار (انسانن) لاءِ تيار ڪئي وئي
آهي. (الحديد: 21/57)

الَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ فِي السَّرَّآءِ وَالضَّرَّآءِ وَالْكٰظِمِيْنَ الْغَيْظَ وَالْعَافِيْنَ عَنِ
النَّاسِ ؕ وَاللّٰهُ يُحِبُّ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۱۳۴﴾ وَالَّذِيْنَ اِذَا فَعَلُوْا فَاحِشَةً اَوْ
ظَلَمُوْٓا اَنْفُسَهُمْ ذَكَرُوا اللّٰهَ فَاسْتَغْفَرُوْا لِذُنُوْبِهِمْ ۪ وَمَنْ يَّغْفِرُ
الذُّنُوْبَ اِلَّا اللّٰهُ ۪ۚ وَلَمْ يُصِرُّوْا عَلٰى مَا فَعَلُوْا وَهُمْ يَعْلَمُوْنَ ﴿۱۳۵﴾ اُولٰٓئِكَ
جَزَآؤُهُمْ مَّغْفِرَةٌ مِّنْ رَّبِّهِمْ وَجَنّٰتٌ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ
خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ؕ وَنِعْمَ اَجْرُ الْعٰمِلِيْنَ ﴿۱۳۶﴾

هي اهي ماڻهو آهن، جيڪي خوشحالي ۽ تنگدستي (جي ٻنهي صورتن) ۾
(خير جي ڪمن ۾) خرچ ڪندا آهن. غصو ۽ ڪاوڙ پي وڃن ٿا ۽ ماڻهن کي
(سندن غلطين تي) درگزر ڪرڻ وارا آهن ۽ الله (اهڙن) احسان ڪندڙن سان
محبت ڪري ٿو. (134) ۽ هي اهي انسان آهن تہ جڏهن بہ ڪا برائي ڪري ويهن
ٿا يا پنهنجو پاڻ تي ظلم ڪن ٿا تہ (يڪدم) الله کي ياد ڪن ٿا، پوءِ پنهنجي
گناهن جي معافي گهرن ٿا، ۽ الله کانسواءِ گناهن جي بخشش ڪير ڪري ٿو
۽ جيڪو گناهہ هنن ڪيو آهي ان جو وري اصرار (ضد) نٿا ڪن. (135) هي اهي
(خوشبخت) انسان آهن، جن جي نيڪين جو بدلو سندن رب طرفان بخشش
آهي ۽ جنتون آهن جن جي دامن ۾ نهرون جاري آهن. هو (انهن جنت جي باغن
۾) هميشه رهڻ وارا آهن. نيڪ عمل ڪرڻ وارن جو ڪهڙو نہ سٺو صلو آهي. (136)

سودي نظام جي غلاظتن ۽ نقصانن بيان ڪرڻ کانپوءِ جنهن ۾ مال ۽ دولت ميڙڻ جو حرص موجود آهي، ان جي مقابلي ۾ مال خرچ ڪرڻ جي ترغيب ڏني وئي آهي. هنن آيتن ۾ خدا ترس ۽ متقي انسانن جي ٻن پهلوئن تي بيان ٿي رهيو آهي: هڪ جنهن ۾ هنن جو تعلق ٻين انسانن سان آهي، ان ۾ هو خوشحالي ۽ تنگدستي ۾ انفاق في سبيل الله ۽ عوام جي ڀلائي لاءِ پنهنجي استطاعت مطابق خرچ ڪن ٿا، پنهنجي ذاتي معاملن ۾ ڪاوڙ تي ڪنٽرول ڪن ٿا، پر حقوق الله ۾ سستي يا ڪمي نٿا ڪن ۽ ماڻهن سان درگذر، عفو ۽ مهربانيءَ جو رويو رکن ٿا. وري ٻئي طرف جيڪڏهن هنن کان ڪو ڏوهه ٿي وڃي ٿو يا فحاشيءَ جا مرتڪب ٿين ٿا ته الله آڏو سربسجود ٿي، روئي روئي استغفار ڪن ٿا. انهن ٻنهي پهلوئن جو پابنديءَ سان خيال رکڻ وارن لاءِ الله جون جنتون ۽ باغات آهن. اهي متقي انسان هنن صفتن وارا آهن ته هو خوشحالي هجي يا تنگ دستي، پنهنجو مال ۽ دولت ٻين ضرورتمند ماڻهن جي فلاح ۽ ڀلائي لاءِ خرچ ڪندا آهن. (البقره: 265/2، 264، 260، 261،274، 195) ڪاوڙ ۽ غصي جي وقت بي قابو ٿي نه ويندا آهن، پر پنهنجي ڪاوڙ تي قابض ٿي غصو پي ويندا آهن ۽ ماڻهن جي غلطين ۽ خطائن کي معاف ڪندا آهن. قصوروار تي پوريءَ طرح قابو پائڻ ۽ ان کي سزا ڏيڻ جي قدرت رکندي به کيس بخش ڪري ڇڏڻ، فلاح ۽ ڀلائي ۾ خرچ ڪرڻ اهڙيون خوبيون آهن، جيڪي الله تعالىٰ وٽ محبوبيت جو درجو عطا ڪن ٿيون، چوته ”وَاللّٰهُ يُحِبُّ الْمُحْسِنِيْنَ“ هنن چڱين صفتن جي ڪري الله نيڪي ۽ احسان ڪندڙن کي پسند ڪندو آهي. جيڪڏهن هنن کان فحاشي ۽ بي حيائي جهڙو ڪو ڪم سرزد ٿي وڃي ٿو يا سخت برائي ڪري پاڻ سان ظلم ڪندا آهن ته يڪدم الله کي ياد ڪري پاڻ کي ملامت ۽ ندامت ڪندا آهن ۽ استغفار ۽ بخشش ذريعي الله کان پنهنجي گناهن جي لاءِ معافي طلب ڪندا آهن. پنهنجن گناهن تي اصرار نٿا ڪن، پر ندامت ۽ شرمساريءَ سان توبه تائب ٿيندا آهن. کين يقين آهي ته الله کانسواءِ ٻيو ڪير به ناهي، (النساءِ: 17/4) جو گناهه بخش ڪري ۽ معافي ڏئي، هو پنهنجي غلطين ۽ خامين تي اڙجي نه ويندا آهن ۽ کين پورو پتو آهي ته هنن جي بخشش رڳو الله طرفان ئي ٿي سگهي ٿي. بلاشڪ اهي نيڪوڪار انسان ئي آهن، جن جي لاءِ الله جي طرفان معافي ۽ بخشش جو ڦل ۽ اجر آهي. (الزمر: 53/39، الشورىٰ: 25/42) هنن جي لاءِ جنت جا باغ آهن،

جن کي هميشہ ترو تازو رکڻ لاءِ هيٺان دامن ۾ نهرون جاري آهن، جيکي کڏهن بہ خشک نٿيون ٿين ۽ هو انهن باغن ۾ هميشہ هميشہ لاءِ رهندا. سوچيو تہ چڱا ڪم ڪندڙن لاءِ خدا جي طرفان ڪهڙو نہ ڀلو اجر ۽ ثواب آهي. حديث شريف آهي تہ الله ان مؤمن ٻانهي سان محبت ڪري ٿو، جيڪو فتنن ۾ رهي توبه ڪري ٿو.

منهنجي مداين جي ڪل پريان پيئي
ڪڏهن ڪوسا نہ ٿيا ڏوراپو ڏيئي
سڄڻ سيوئي ڏکيون ڏول ڏلائيون (شاهہ)

***

ڪانڌ ٻين ڪيترا، مون ور وڏي ڪانڌ
پاٽا ڏکي پاند، جي ڏسي ڏوهہ اکين سين (شاهہ)

قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلِكُمْ سُنَنٌ ۙ فَسِيْرُوْا فِى الْاَرْضِ فَانْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ
الْمُكَذِّبِيْنَ ﴿١٣٧﴾ هٰذَا بَيَانٌ لِّلنَّاسِ وَهُدًى وَّمَوْعِظَةٌ لِّلْمُتَّقِيْنَ ﴿١٣٨﴾ وَلَا
تَهِنُوْا وَلَا تَحْزَنُوْا وَاَنْتُمُ الْاَعْلَوْنَ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿١٣٩﴾ اِنْ يَّمْسَسْكُمْ قَرْحٌ
فَقَدْ مَسَّ الْقَوْمَ قَرْحٌ مِّثْلُهٗ ؕ وَتِلْكَ الْاَيَّامُ نُدَاوِلُهَا بَيْنَ النَّاسِ ۚ وَلِيَعْلَمَ
اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَيَتَّخِذَ مِنْكُمْ شُهَدَآءَ ؕ وَاللّٰهُ لَا يُحِبُّ الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٤٠﴾ ۙ
وَلِيُمَحِّصَ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَيَمْحَقَ الْكٰفِرِيْنَ ﴿١٤١﴾

توهان کان اڳ پوين امتن جي لاءِ قدرت جا ڪيترائي واقعا ٿي چڪا آهن، تنهن ڪري اوهان زمين تي گهمي ڦري اچو ۽ (پنهنجي اکين سان) ڏسو تہ (الله جي قانون ڪي) ڪوڙو ڪندڙن جو ڪهڙو انجام ٿيو. هي قرآن تمام انسانن لاءِ واضح بيان آهي ۽ هدايت آهي ۽ پرهيزگارن (نصيحت قبول ڪندڙن) جي لاءِ وعظ و پند آهي. (138) ۽ توهان همت نہ هاريو ۽ نہ ڪو غم ڪريو، اوهان جو ئي

غلبو ڏيندو، جيڪڏهن اوهان پڪا مومن آهيو. (139) جيڪڏهن (هينئر) توهان
کي ڪوئي زخم لڳو آهي ته (ياد ڪريو) هنن (مخالف) ماڻهن کي به اهڙي طرح
زخم لڳي چڪو آهي. هي ته گردش ايام يا زماني جا نشيب و فراز آهن، جيڪي
ماڻهن ۾ ڦرندا گهرندا رهن ٿا ۽ اهو انهيءَ ڪري آهي ته الله تعالىٰ مومنن کي
پڌرو ڪري ۽ توهان مان ڪجهه کي شهادت جو رتبو عنايت ڪري. الله ظالمن
کي پسند نٿو ڪري. (140) ۽ هن ڪري به آهي ته جيئن الله مومنن کي وڏيڪ
نکاري صاف پاڪ ڪري ۽ ڪافرن کي مٽائي ڇڏي. (141)

هن کان اڳ آيت 121 کان آيت 130 تائين جنگ احد ۽ جنگ بدر جو ذڪر آهي، جنهن ۾ صبر ۽ تقوىٰ جو درس آيو، بعد ۾ رزقِ حلال مان انفاق في سبيل الله جو حڪم بيان ٿيو. هت وري جنگ احد جو ذڪر اچي رهيو آهي، جنهن لاءِ مذڪور ٿيو ته صبر ۽ تقوىٰ جو دامن ڇڏڻ سان جنگ احد ۾ ڪيترو نقصان ٿيو. حالانڪ جنگ بدر ۾ ايماني جذبي، خلوص ۽ تقوىٰ توهان کي دشمنن جي ٽيڻي مسلح لشڪر تي ڪامراني عطا ڪئي. هاڻي به ان تقوىٰ، پرهيزگاري ۽ توڪل علي الله جو ورد دهرايو وڃي ٿو ته جيئن اصحاب ڪرام رضوان الله عليهم اجمعين کي تسلي ٿئي ۽ اطمينان ۾ اچي وڃن ۽ سندن شڪست خورده ٽٽل دليون وري جڙي وڃن. ”وَتِلْكَ الْاَيَّامُ نُدَاوِلُهَا بَيْنَ النَّاسِ“ زماني جو ڦيٿو ڦرندو رهي ٿو.

حق ۽ باطل جو معرڪو هميشه هلندو اچي. جنهن ۾ سدائين حق سوڀارو ٿيو آهي ۽ باطل کي شڪست ملي آهي. هي ڪا نئين ڳالهه ناهي، پر حق کان اڳ خدا جو اهو ابدي قانون جاري و ساري رهيو آهي، جنهن ۾ گذريل قومن جي عروج ۽ زوال جا مثال موجود آهن، اها سُنَّة الله آهي، جيڪا هميشه جاري و ساري آهي، پوءِ جنهن جماعت به احڪام خداوندي جي پيروي ڪئي آهي، اهي ڪامياب ۽ ڪامران رهيا. انهن لاءِ الله طرفان هميشه بشارت آهي ته اوهان ڪامياب ۽ ڪامران هوندا. فتح ۽ نصرت اوهان جا قدم چمندي، اوهان بلندين جي اعلىٰ ترين مقام تي فائز ٿيندا. جيڪڏهن اوهان سچا جان نثار مؤمن آهيو، اوهان کي ڪابه گهبراهٽ، غم، فڪر نه هئڻ گهرجي. الله جو وعدو

آهي تہ جيڪو الله جي دين جي مدد ڪندو، تہ الله ان جي مدد ڪرڻ فرمائيندو. هت لشڪر جي گهٽ وڌ هجڻ يا جنگي ساز و سامان جو ذڪر ناهي، پر ايماني جذبي جي ضرورت آهي.

کافر ہو تو تلوار پہ کرتا ہے بھروسا
مؤمن ہے تو بے تیغ بھی لڑتا ہے سپاہی

***

غلامی میں نہ کام آتی ہیں شمشیریں نہ تدبیریں
جو ہو ذوقِ یقیں پیدا تو کٹ جاتی ہیں زنجیریں

***

کوئی اندازہ کر سکتا ہے اس کے زور بازو کا
نگاہِ مردِ مؤمن سے بدل جاتی ہیں تقدیریں (اقبال)

***

پر جن انهن ازلي ۽ ابدي قانونن کان منهن موڙيو يا پسِ پشت ڪري ڇڏيو، اهي تباهہ ۽ برباد ٿي ويا. اوهان دنيا جو سير ڪريو ۽ ڏسو تہ خدا جي انهيءَ قانون کان منهن موڙيندڙن جو ڪهڙو انجام رهيو آهي. اي قريش اوهان جا تجارتي قافلا شام طرف ايندا ويندا آهن، رستي ۾ اتان گذر ٿيندو آهي جتي ڪڏهن عاد، ثمود ۽ حضرت لوط ﷵ جي قوم آباد هئي. اڄ انهن جا کنڊرات اوهان جي عبرت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن.

ڇڏيو خاڪ ڪائي گهٽڻ جو مٿو
اجان خاڪ جو پيٽ پرجي نٿو
(مشتاق سچاروي)

کبھی تھے راج کے راجا، چلا فرمان دنیا پر
اٹھے بیچارڑے ہو کر شہنشاہی محافل سے
(مشتاق سچاروی)

اوهان کي جيڪڏهن احد جي لڙائيءَ ۾ تڪليف پهتي آهي تہ اوهان بدر جي جنگ ۾ دشمنن کي سخت شڪست ڏني آهي. ان ڪري اوهان کي مايوس ٿيڻ بدران پنهنجي اصلاح ڪري اڳتي وڌڻ گهرجي. آيات قرآني ذريعي اوهان لاءِ جيڪي عقل و بصيرت کان ڪم وٺن ٿا ۽ خدا جي قانون جي نگهداشت رکن ٿا، اهڙن متقي ماڻهن لاءِ هي هدايت ۽ نصيحت جو پيغام آهي. اوهان نہ سست ٿيو ۽ نہ همت هاريو ۽ نہ وري ڪو غم ۽ فڪر ڪريو، اوهان ئي هميشہ سربلند ۽ سرخرو رهندا، جيڪڏهن اوهان ايمان جي رسيءَ کي مضبوط پڪڙي رکيو. (النساءِ: 4/141-142) هت مؤمنن کي آٿت ۽ دلجوئي ڏني وڃي ٿي تہ وقتي ۽ عارضي شڪست کان دل برداشته نہ ٿيو. الله جي اعانت ۽ نصرت اوهان سان گڏ آهي. آخري ڪاميابي اوهان جي آهي. اوهان الله جي رسول ﷺ جي حڪمن جي پيروي ڪندا رهو، ٻئي طرف ڪافرن کي وعيد ۽ تنبيہ آهي تہ گهڻو وقت خوشيون نہ ملهايو. اهان جو يوم حساب قريب آهي. ذلت، شڪست ۽ ناڪامي ڪافرن جو مقدر آهي. ان ڪري اي مؤمنو! جيڪڏهن اوهان احد جي ميدان ۾ زخم ڪاڏا آهن تہ اوهان جي دشمنن کي بہ اهڙا زخم بدر جي ميدان ۾ لڳي چڪا آهن. ان ڪري اوهان کي هن حادثي (واقعي) تي مايوس ۽ ملول نہ ٿيڻ گهرجي، هي زماني جي گردش جا واقعا آهن، جنهن ۾ هار جيت ۽ ڏک سک جو سلسلو قومن ۽ جماعتن جي ڪردار سان جڙيل آهي. هن سانحي سان اهل ايمان جي پرک بہ ٿي وئي ۽ اوهان جي اکين آڏو هي واقعو بہ ٿي گذريو، اوهان هن کي چڱي طرح ڏٺو ۽ اوهان پاڻ ان جا گواهہ آهيو تہ انساني غلطيءَ جا ڪهڙا نتيجا نڪري سگهن ٿا. ياد رکو تہ الله تعالى جي حڪمن کان سرڪشي ۽ غفلت ڪندڙ الله تعالى وٽ چڱا نہ ليکيا ويندا آهن. الله ظالمن کي رسوا ٿو ڪري.

معلوم هجي تہ غزوه احد ۾ 70 اصحاب سڳورا شهيد ٿيا، جن ۾ حضرت حمزه ۽ حضرت مصعب بن عمير رضي الله تعالى عنہ جهڙا جليل القدر صحابي بہ هئا. انصار جي تہ گهر گهر مجاهد شهيد ٿي چڪو هو. ان وقت مدينہ منوره ۾ سوڳ جو عالم هو ۽ خود نبي اڪرم ﷺ جن زخمي ٿيا، ڏند مبارڪ شهيد ٿيا ۽ ايترو تہ خون نڪتو جو پاڻ ڪجهہ وقت بيهوش ٿي ويا. يقيناً هن حادثي ۾ اها بہ سبق آموز مصلحت ۽ حڪمت آهي تہ هن تجربي مان اوهان کي گذاري اوهان جي ڪمزورين ۽ غلطين جي اصلاح جي خواهش پيدا ڪري

۽ عبدالله بن اُبيّ جهڙن منافقن ۽ ڪچي ايمان وارن کي اوهان کان الڳ ڪري اوهان جي صفن ۾ تطهير ۽ پاڪيزگي آڻي ۽ اوهان جي ذريعي اڳتي ڪافرن کي نيست ۽ نابود ڪري ڇڏي. جيستائين منافقن کي الڳ ڪري، ظاهر نہ ڪبو، تيستائين انهن کي سرزمين عرب تان مٽائي نہ سگھبو. عبدالله بن اُبيّ ۽ منافقن جو جهاد کان نڪري وڃڻ ۽ باقي مؤمنن ۾ بہ ڪجھہ جي دلين ۾ تشويش هجڻ جهڙي غلاظت کان خدا تعالىٰ منافقن ۽ مؤمنن کي الڳ الڳ ڪري ڇڏيو ۽ مؤمنن جي غلطين کي معاف ڪرڻ فرمايو.

پرواز ہے دونوں کی اسی ایک فضا میں
کرگس کا جہاں اور ہے شاہیں کا جہاں اور (اقبال)

اَمۡ حَسِبۡتُمۡ اَنۡ تَدۡخُلُوا الۡجَنَّةَ وَلَمَّا يَعۡلَمِ اللّٰهُ الَّذِيۡنَ جٰهَدُوۡا مِنۡكُمۡ
وَيَعۡلَمَ الصّٰبِرِيۡنَ ﴿۱۴۲﴾ وَلَقَدۡ كُنۡتُمۡ تَمَنَّوۡنَ الۡمَوۡتَ مِنۡ قَبۡلِ اَنۡ تَلۡقَوۡهُ ۠
فَقَدۡ رَاَيۡتُمُوۡهُ وَاَنۡتُمۡ تَنۡظُرُوۡنَ ﴿۱۴۳﴾ ع ۱۴ ۱۴ ۵

چا توهان سمجهو ٿا تہ اوهان (ائين بنا آزمائش) جنت ۾ داخل ٿي ويندا، حالانڪ اڃان الله توهان مان جهاد ڪندڙن جي پرک نہ ڪئي آهي. ۽ نہ وري صبر ڪندڙن کي (آزمايو آهي) (142) توهان تہ هن شهادت واري موت جي سامهون اچڻ کان اڳ اهڙي موت جي خود خواهش ڪندا هيا، هاڻي اها موت (جنهن جي تمنا ڪندا هئا) پنهنجي اکين آڏو ڏسي رهيا آهيو. (143)

مسلمانو! چا اوهان ائين سمجهو ٿا تہ محض ايمان جو اقرار ڪري اوهان جنت ۾ داخل ٿي ويندا ۽ اوهان کي ايمان ۽ عمل جي آزمائش مان نہ گذرڻو پوندو. (البقره: 214/2) ياد رهي تہ اقرار باللسان و تصديق بالقلب بہ حقيقي ايمان نہ آهي، هي ظاهري ايمان آهي باطني ۽ حقيقي ايمان اهو آهي، جنهن ۾ مؤمن جو هر قول، هر فعل ۽ هر قدم احڪامِ الاهي، اسوهِ رسول خاتم النبيين صلى الله تعالىٰ عليه وآله وسلم ۾ گذري. اڃان اهڙا موقعا نہ آيا آهن، جن ۾ اوهان جي پرک

ڪري ڪري ڪوٽي جو اندازو لڳائي سگهجي ۽ ڏسجي تہ اوهان مان ڪيترا جهاد ڪرڻ وارا آهن ۽ تڪليفن ۽ آزمائش ۾ صبر ۽ استقامت ڪرڻ وارا آهن. (البقره: 214/2، آل عمران: 142-179-186/3، العنڪبوت: 2/29) انهي پرک کان پوءِ ئي جنت جي حقدارن جو فيصلو ٿي سگهي ٿو. مؤمن جي پرک ضروري آهي تہ هڪ سچي ۽ پَڪي مسلمان جو پتو لڳائي سگهجي. اوهان کي چڱيءَ طرح معلوم آهي تہ هن کان اڳ اوهان اسلام جي سربلندي لاءِ جان جي قرباني ڪرڻ لاءِ تيار هئا هينئر اهو وقت اچي ويو آهي، جهاد ۾ جنهن موت جي تمنا ڪندا هئو، هاڻي اوهان کي پنهنجي انهي تمنا پوري ڪرڻ جو موقعو مليو آهي، جنهن کي اوهان پنهنجن اکين سان ڏسي رهيا آهيو ۽ هاڻي معلوم ٿي ويندو تہ ڪير پنهنجي هن دعويٰ ۾ سچو هو ۽ ڪير پورو ثابت نہ ٿيو. (البقره: 94-114-155-243-244/2، آل عمران: 79/3-86، التوبه: 24/9، الجمعة: 7/62)

مزہ آتا ہے جن کو خاک و خوں کی موت مرنے میں
نزع کے وقت ان کے نیچے سرہانے نہیں ہوتے
(مشتاق سجاروی)

خودفريبيءَ جي انهيءَ انڌيرن مان ٻاهر نڪرڻو پوندو، جنهن ۾ ڪو ماڻهو يهودين وانگر چوي تہ بهشت تہ منهنجو حق آهي. (الڪهف: 36/18) مؤمن تہ پنهنجي جان ۽ مال اخروي جنت عوض فروخت ڪري ڇڏي آهي، جنهن لاءِ اوهان جي اها تمنا رهي آهي. (آل عمران: 143/3، التوبه: 111/9)

محبتے است کہ دل را نمی دہد آرام
ورنہ کیست کہ آسودگی نمی خواہد

محبت ئي آهي، جيڪا سک جو ساهہ کڻڻ نٿي ڏئي، ورنہ آسودگي ۽ آرام ڪنهن کي نہ گهرجي.

یہ آنسو کیا، یہ آہیں کیا، یہ دل کیا، یہ وفائیں کیا
محبت کے تقاضی زندگی سے کم نہیں ہوتے
(چراغ عالم)

وَمَا مُحَمَّدٌ اِلَّا رَسُوۡلٌ ۚ قَدۡ خَلَتۡ مِنۡ قَبۡلِهِ الرُّسُلُ ؕ اَفَا۟ئِنۡ مَّاتَ اَوۡ قُتِلَ
انۡقَلَبۡتُمۡ عَلٰٓى اَعۡقَابِكُمۡ ؕ وَمَنۡ يَّنۡقَلِبۡ عَلٰى عَقِبَيۡهِ فَلَنۡ يَّضُرَّ اللّٰهَ شَيۡـئًا ؕ
وَ سَيَجۡزِى اللّٰهُ الشّٰكِرِيۡنَ ﴿۱۴۴﴾ وَمَا كَانَ لِنَفۡسٍ اَنۡ تَمُوۡتَ اِلَّا بِاِذۡنِ اللّٰهِ
كِتٰبًا مُّؤَجَّلًا ؕ وَمَنۡ يُّرِدۡ ثَوَابَ الدُّنۡيَا نُؤۡتِهٖ مِنۡهَا ۚ وَمَنۡ يُّرِدۡ ثَوَابَ
الۡاٰخِرَةِ نُؤۡتِهٖ مِنۡهَا ؕ وَ سَنَجۡزِى الشّٰكِرِيۡنَ ﴿۱۴۵﴾ وَ كَاَيِّنۡ مِّنۡ نَّبِىٍّ قٰتَلَ ۙ
مَعَهٗ رِبِّيُّوۡنَ كَثِيۡرٌ ۚ فَمَا وَهَنُوۡا لِمَاۤ اَصَابَهُمۡ فِىۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ وَمَا ضَعُفُوۡا
وَمَا اسۡتَكَانُوۡا ؕ وَاللّٰهُ يُحِبُّ الصّٰبِرِيۡنَ ﴿۱۴۶﴾

۽ محمد (خاتم النبيين صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم به تہ) رسول ئي آھن، (خدا نہ آھن) ھن کان اڳ ڪيترا پيغمبر (مصيبتون ۽ مشڪلاتون سھندي ھن دنيا مان) گذر ڪري ويا آھن، پوءِ جيڪڏھن ھو (مُحَمَّد رسول الله عليه التحية والسلام) بہ وفات ڪرڻ فرمائين تا يا شھيد ڪيا وڃن تا تہ پوءِ ڇا توھان پنھنجي (پھرئين مذھب طرف) الٽي پير ڦري ويندو (يعني ھن ڪي معاذ الله سچو رسول يا دين ڪي سچو دين سمجھڻ ڇڏي ڏيندو) ۽ جيڪو بہ پنھنجي الٽي پير ڦري ويندو تہ اھو الله جو ھرگز ڪجھہ بہ بگاڙي نہ سگھندو ۽ الله عنقريب شڪرگذار (ٻانھن) ڪي سنو بدلو عطا ڪندو. (144) ۽ ڪو بہ انسان الله جي حڪم ڪانسواءِ مري نٿو سگھي (موت جو وقت لکيل آھي (مقرر آھي) ۽ جيڪو شخص بہ دنيا ۾ اجورو گھري ٿو تہ اسان ھن کي ھن دنيا ۾ ڏئي ڇڏيون ٿا ۽ جيڪو آخرت ۾ انعام گھري ٿو تہ اسان ان کي ان (آخرت) ۾ ئي انعام ڏيون ٿا ۽ عنقريب اسان (خدا جي نعمتن جو) شڪر ڪندڙ کي (سنو) صلو ڏينداسين. ۽ ڪيترائي انبيا ائين ھئا جو انھن جھاد ڪيو ۽ ھنن سان گڏ ڪيترائي الله وارا (جھاد ۾) شريڪ ٿيا تہ انھن کي

**جيڪي الله جي راهه ۾ مصيبتون پيش آيون ته انهن نه همت هاري ۽ نه ڪمزوري ڏيکاري ۽ نه جهڪيا (آڻ مڃي) الله صبر ڪندڙن سان محبت ڪري ٿو. (146)**

اسلام جي ترقي و ترويج ۽ بقا لاءِ جهاد ڪرڻ ۽ موت کي خوشي سان منهن ڏيڻ لاءِ جهاد ۾ جان جا نذرانا ڏيڻ واري ذڪر سان گڏ جنگ احد جي مشڪلاتن، مصلحتن ۽ قانون مڪافاتِ عمل جي طرف ڌيان ڇڪايو ٿو وڃي ته جيستائين مسلمان حضور خاتم النبيين ﷺ جي حڪمن جي پوريءَ طرح پيروي ڪري رهيا هيا ته ڪافرن کي جنگ احد ۾ به شڪست ملي رهي هئي، پر جڏهن حضرت عبدالله بن جبير رضي الله تعالیٰ عنه جي قيادت ۾ مقرر پنجاهه مجاهدن جو دستو وقتي فتح ڏسي، چاليهه ڪن مجاهد مقرر جاءِ ڇڏي ويا ته خالد بن وليد، جيڪو ان وقت اسلام سان مشرف نه ٿيو هو، 250 سپاهين سان حملو ڪري دره تي موجود عبدالله بن خباب ۽ اتي موجود ڏهه ٻارنهن سپاهين کي شهيد ڪري وڌو. ان وقت مسلمانن تي اڳيان ۽ پويان هڪ ئي وقت حملي سبب مسلمان ڇڙوڇڙ ٿي ويا. ڪيترا اصحاب ڪبار شهيد ٿيا. پاڻ ڪريم خاتم النبيين ﷺ کي پٿر لڳڻ سبب ڏند مبارڪ شهيد ٿيا ۽ ڪجهه وقت لاءِ بيهوشي آئي ۽ ڪافرن ڪوڙا اعلان ڪيا ته محمد ڪريم خاتم النبيين ﷺ شهيد (قتل) ٿي ويو آهي. هن اعلان مسلمانن جا هوش و حواس ختم ڪري ڇڏيا، پر جڏهن نبي اڪرم خاتم النبيين ﷺ آواز ڏنو ”اِلَيَّ عِبَادَ اللهِ“ مون ڏانهن اچو. مسلمان وري گڏ ٿي ويا ۽ ڪافرن کي پڇتو پيو. هن اهم واقعي کان پوءِ اصحاب ڪرام رضي الله تعالیٰ عنهم جو نهايت هڪ اهم معاملي طرف توجه ڇڪايو وڃي ٿو ته محمد خاتم النبيين ﷺ به هڪ رسول ئي آهي هن کان اڳ به الله جا رسول گذري چڪا آهن، جيڪي پنهنجي پنهنجي دور ۾ آيا ۽ اهي تبليغ دين جو فريضو ادا ڪري دنيا مان رخصت ٿي ويا. (البقره: 87/2، حٰم السجده: 14/41) محمد رسول خاتم النبيين ﷺ به الله جي رسول هئڻ جو پيغام پوري طرح پهچايو آهي. ”اَلْيَوْمَ اَكْمَلْتُ لَكُمْ دِيْنَكُمْ وَاَتْمَمْتُ عَلَيْكُمْ نِعْمَتِيْ وَرَضِيْتُ لَكُمُ الْاِسْلَامَ دِيْنًا“ (المائده: 3/5) هن فريضهِ نبوت جي ادائگي ۽ پيغامِ خداونديءَ جي تڪميل اتمام ۽ رضا جو بشارت نامو ملي چڪو هيو ۽ ”اِذَا جَآءَ نَصْرُ اللهِ وَالْفَتْحُ ۝ وَرَاَيْتَ النَّاسَ يَدْخُلُوْنَ فِيْ دِيْنِ اللهِ اَفْوَاجًا ۝“ جا منظر اکين آڏو هيا ۽ ان بعد هاڻي جيڪڏهن رحلت ڪري وڃي يا راهه حق ۾ جهاد ڪندي شهيد (قتل)

ڪيو وڃي تہ پوءِ ڇا اوهان سندس ڏنل دين اسلام کي ڇڏي پنهنجي پراڻي روش تي موٽي ويندا؟ نبي اڪرم ﷺ تہ پنهنجو فرض منصبي ادا ڪندي هڪ جماعت کي تيار ڪيو آهي، جيڪا هاڻي هن دين جي حفاظت جي ذميواري کڻڻ لاءِ تيار آهي. جيڪي ماڻهو بہ سندس رحلت کان پوءِ دين اسلام کان منهن موڙي پنهنجي پراڻي روش اختيار ڪندا تہ هو پنهنجو ئي نقصان ڪندا ۽ خدا جو ڪجهہ بہ بگاڙي نہ سگهندا، پر جيڪي ماڻهو الله جي طرفان نعمتن جا شڪرگذار آهن ۽ ان جي نوازشن جا قدردان آهن، خدا انهن کي انهي عمل جو اجر عظيم عطا ڪري ٿو. هت اهو بہ ٻڌايو ٿو وڃي تہ الله تعالىٰ جي دين جي تبليغ لاءِ رسول ڪرام ايندا رهيا آهن ۽ پنهنجو پنهنجو فريضو پوري ڪري رحلت ڪري ويا آهن، پر الله جو دين دائم قائم آهي. اهڙيءَ طرح حضور ﷺ بہ دين جو تمام فريضو ادا ڪرڻ بعد وفات ڪري وڃي ٿو تہ دين اسلام جو نظام باقي رهندو ۽ رڪجي ڪو نہ ويندو. الله جو قرآن، جنهن جو الله محافظ آهي، اهو ۽ اسوهِ رسول ﷺ هدايت ۽ رهنمائيءَ لاءِ موجود آهن، هڪ جانثار جماعت بہ موجود آهي، جيڪي دين حق قائم ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن، پر حضور ﷺ جي ذات بابرڪات جي جدائي ۽ صحابہ ڪرام لاءِ قيامت صغرىٰ کان گهٽ نہ هئي. هاڻي خدا جو قانون عمل پذير رهندو. (آل عمران: 3:/141)
ابوطالب جو هڪ شعر آهي:

فَشَقَّ لَهٗ مِنْ اِسْمِهٖ لِيَجْعَلَهٗ
فَذُو الْعَرْشِ مَحْمُوْدٌ وَ هو مُحَمَّدٌ

يعني: الله تعالىٰ حضور اڪرم ﷺ جن جو نالو مبارڪ پنهنجي نانءَ پاڪ مان ورتو آهي. الله محمود آهي تہ پاڻ حضرت محمد آهن. محمد ۽ محمود ٻئي حمد مان ورتل آهن.

اهڙي نازڪ ۽ آزمائش واري وقت جڏهن صحابہ ڪرام تي غم و اندوه جا پهاڙ ٽٽي پيا هئا، حضرت عمر رضي الله تعالىٰ عنه جهڙا جيد صحابي بہ دل برداشتہ ٿي چڪا هئا تہ حضرت ابوبڪر رضي الله تعالىٰ عنه حضور ﷺ جي چهري مبارڪ کي چمڻ بعد خطاب ڪيو تہ ”مَنْ ڪَانَ

يَعْبُدُ مُحَمَّدًا قَدْ مَاتَ وَمَنْ كَانَ يَعْبُدُ اللهَ فَإِنَّ اللهَ حَيٌّ لَّا يَمُوْتُ" جيڪو محمد (خاتم النبيين ﷺ) جي عبادت ڪندو هو، ان کي معلوم هئڻ گهرجي ته محمد (خاتم النبيين ﷺ) انتقال ڪري ويو آهي، پوءِ جيڪو الله جي عبادت ڪندو هو ان کي معلوم هجي الله حَيّ قيوم آهي. موت هڪ اڻ ٽر حقيقت آهي ۽ هر جاندار کي موت جو مزو چکڻو آهي. (آل عمران: 180/3 کان 184، الزمر: 30/39) ۽ خدا جي مقرر ڪيل قانون مطابق عمر گهٽبي وڌندي آهي. (الفاطر: 11/35) خدا جي حڪم کانسواءِ ڪو به جاندار مري نٿو سگهي ۽ هر جاندار جو هڪ وقت مقرر آهي. "وَلِكُلِّ أُمَّةٍ أَجَلٌ فَإِذَا جَآءَ أَجَلُهُمْ لَا يَسْتَأْخِرُوْنَ سَاعَةً وَّلَا يَسْتَقْدِمُوْنَ" (الاعراف: 34/7) جڏهن هنن جي موت جو وقت آيو ته اهي ان کي گهڙي کن لاءِ نه پٺتي ڪري سگهن ٿا ۽ نه اڳتي ڪري سگهن ٿا. "اَلْمَوْتُ جَسَرٌ يُّوْصِلُ الْحَبِيْبَ إِلَى الْحَبِيْبِ" موت ته هڪ پل وانگي آهي، جيڪا هن پر واري دوست کي هُن پر واري دوست سان ملائي ٿي.

مرڻا اڳي جي مئا سي مري ٿيا نه مات
هوندا سي حيات جئڻا اڳي جي جيا (شاھ)

***

مچڻ مڙين ماءِ، ڪٺاريان قريب جي
جي ان ڪات ڪنا سي جان ڪيتائين جگرا
يا جي محبت منجهه هئا، سي مور نه مرن ڪڏهن

(سلطان الاولياءِ خواجه محمد زمان لنواري شريف)

پوءِ موت جي ڊپ کان اوهان ڇو فڪر ۾ رهو ٿا، جيڪو ماڻهو رڳو دنياوي فائدا حاصل ڪرڻ گهري ٿو ته اسان اهي به ان کي ڏيون ٿا. (البقره: 200/2) اهڙا ماڻهو موت جي مقرر وقت تي ۽ آخرت جي اچڻ تي يقين نٿا رکن. پر جيڪڏهن ڪو آخرت ۾ اجر جو متمني آهي ته ان کي آخرت ۾ ان جو ثواب ڏيون ٿا. (البقره: 2/ 143، آل عمران: 148/3، بني اسرائيل: 187/17) جيڪو به الله جي نعمت جو شڪر گذار رهي ٿو، ان کي سندس نيڪ عملن جو اجورو ڏيون ٿا. (النحل: 54/16، الضحیٰ: 11/93)

ڪيترائي نبي گذريا آهن جن سان رباني ۽ خدا جي نيڪ ٻانهن گڏجي جنگن ۾

حصو ورتو هو. وقت جي تڪليفن ۽ مصيبتن جي باوجود جيڪي ڪين راهہ حق ۾ پيش آيون، انهن جي ڪري نہ هنن ڪڏهن همت هاري ۽ نہ وري ڪمزوري ڏيکاري ۽ نہ وري جهڪيا ۽ نہ وري سرينڊر ڪيو. خدا جا ٻانها ڪڏهن بہ اهڙين تڪليفن کان ڪو نہ گهٻرائيندا آهن، اللهٰ بہ اهڙن ماڻهن سان محبت ڪري ٿو، جيڪي مشڪلاتن ۽ مصيبتن ۾ ثابت قدم رهندا آهن ۽ هر حال ۾ صبر جو دامن نہ ڇڏيندا آهن، هي اهي خوشنصيب شخصيتون آهن، جن ڪي "رَضِيَ اللهُ عَنۡهُمۡ وَرَضُوۡا عَنۡهُ ؕ ذٰلِكَ لِمَنۡ خَشِيَ رَبَّهٗ " (البيّنہ: 98/ 8) جو مٿانهون مقام حاصل آهي. "اِنَّ الَّذِيۡنَ قَالُوۡا رَبُّنَا اللهُ ثُمَّ اسۡتَقَامُوۡا تَتَنَزَّلُ عَلَيۡهِمُ الۡمَلٰٓئِكَةُ اَلَّا تَخَافُوۡا وَلَا تَحۡزَنُوۡا وَاَبۡشِرُوۡا بِالۡجَنَّةِ الَّتِيۡ كُنۡتُمۡ تُوۡعَدُوۡنَ" (حٰم السجده: 30/41) بيشڪ جن چيو تہ اسان جو پالڻهار اللهٰ آهي ۽ ان عقيدي تي پڪا پختا رهيا، انهن تي فرشتا نازل ٿي ڪين بشارت ڏين ٿا تہ اوهان ڪو خوف نہ ڪريو ۽ نہ غم ڪريو، ان جنت جي بشارت هجي، جنهن جو اللهٰ اوهان سان وعدو ڪيو هو، هن مشڪل راهہ ۾ اللهٰ صبر وارن سان گڏ آهي. (البقره: 177/2، 153 ڪان 156)

ڪشتگانِ خنجرِ تسليم را هر زمان از غيب جانِ ديگر است

***

خدا رحمت ڪند ايں عاشقانِ ديگر است

وَمَا كَانَ قَوۡلَهُمۡ اِلَّاۤ اَنۡ قَالُوۡا رَبَّنَا اغۡفِرۡ لَنَا ذُنُوۡبَنَا وَ اِسۡرَافَنَا
فِيۡۤ اَمۡرِنَا وَ ثَبِّتۡ اَقۡدَامَنَا وَانۡصُرۡنَا عَلَى الۡقَوۡمِ الۡكٰفِرِيۡنَ ﴿۱۴۷﴾ فَاٰتٰىهُمُ
اللهُ ثَوَابَ الدُّنۡيَا وَ حُسۡنَ ثَوَابِ الۡاٰخِرَةِ ؕ وَاللهُ يُحِبُّ الۡمُحۡسِنِيۡنَ ﴿۱۴۸﴾ ع ۱۵ ۵ ۶

۽ هنن جو ٻيو ڪجهہ چوڻ ڪو نہ هيو سواءِ هن التجا جي تہ اي اسان جا رب اسان جا گناهہ بخش ڪر ۽ اسان کان پنهنجن ڪمن ۾ ٿيندڙ زيادتين ڪي درگذر ڪرڻ فرماءِ ۽ اسان ڪي (حق ۽ سچائي واري راهہ تي) ثابت قدم رک ۽ اسان ڪي ڪافرن تي غلبو عطا ڪر(147) پوءِ اللهٰ هنن ڪي دنيا ۾ بہ انعام سان نوازيو ۽

آخرت ۾ بہ سنو انعام عطا ڪيو ۽ اللهُ (اهڙن) نيڪو ڪارن سان پيار ڪري ٿو.(148)

هي اهي باهمت هستيون آهن، جن تي پلي ڪيتريون ئي مشڪلاتون ۽ مصيبتون اچي وڃن تہ هو انهن کان گهٻرائين ڪو نہ ٿا، پر انهن جو جوانمرديءَ سان مقابلو ڪندي سندن زبان تان هنن جملن کان سواءِ ٻيو ڪجھہ بہ نٿو نڪري تہ اسان جا رب اسان کي بخش ڪر ۽ اسان کان جيڪا ڪمي ڪوتاهي يا زيادتي ٿي آهي، اها درگذر ڪرڻ فرماءِ (الفرقان: 67/25، الزمر: 53/39) ۽ اسان جا هر مرحلي تي قدم مضبوط رک ۽ جيڪي حق ۽ سچائي جا انڪاري آهن، انهن تي اسان کي نصرت ۽ مدد نصيب ڪر، اهائي سچي مؤمن جي نشاني آهي تہ هو حق جي راھ تي مضبوطي سان ڄميل رهي ۽ ڪو بہ خوف خطرو هن جي استقلال ۾ لغزش نہ آڻي سگهي. جڏهن مؤمن جي پنهنجي ڪوتاهيءَ تي ندامت هوندي ۽ ان لاءِ استغفار جو طالب هوندو تہ پوءِ اڳتي بہ ان تي قائم رهڻ لاءِ توفيق خداوندي ملندي. طلب بہ مؤمن جو شيوه آهي ۽ جڏهن مؤمنن جي ايماني جذبي ۽ جرئت جو اهڙو اظهار ٿيو، تہ الله بہ هنن کي ٻنهي جهانن جو اجر عطا ڪيو. دنيا ۾ بہ هنن کي فتح ۽ ڪامراني جي نعمتن سان نوازيو تہ آخرت ۾ بہ هنن لاءِ ابدي انعام و اڪرام بخشيو، الله بہ اهڙن نيڪو ڪارن کي پسند ڪندو آهي. اهڙي دعا سورة البقره 286/2 ۽ حٰم السجده 41/32-31-30 ۾ پڻ آئي آهي.

سيئي سبحان جي ڪر حوالي ڪم،
ٿي تحقيق تسليم ۾ لاهي غم وهم
تہ قادر ساڻ ڪرم حاصل ڪري حاج تو (شاھ)

***

*ڪشتگانِ خنجرِ تسليم را — هر زمان از غيب جانِ ديگر است*

يعني: جيڪي تسليم ۽ رضا جي خنجر جا شهيد آهن، الله وٽان هنن کي هر گهڙي نئين زندگي ملي ٿي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنْ تُطِيْعُوا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا يَرُدُّوْكُمْ عَلٰٓى اَعْقَابِكُمْ
فَتَنْقَلِبُوْا خٰسِرِيْنَ ﴿۱۴۹﴾ بَلِ اللّٰهُ مَوْلٰىكُمْ ۚ وَهُوَ خَيْرُ النّٰصِرِيْنَ ﴿۱۵۰﴾ سَنُلْقِيْ
فِيْ قُلُوْبِ الَّذِيْنَ كَفَرُوا الرُّعْبَ بِمَآ اَشْرَكُوْا بِاللّٰهِ مَا لَمْ يُنَزِّلْ بِهٖ سُلْطٰنًا ۚ
وَمَاْوٰىهُمُ النَّارُ ۭ وَبِئْسَ مَثْوَى الظّٰلِمِيْنَ ﴿۱۵۱﴾

اي مسلمانو! جيڪڏهن توهان ڪافرن جي چوڻ تي لڳا ته هو اوهان کي الٽي پير (واپس ڪفر طرف) ڦيري ڇڏيندا پوءِ اوهان نقصان وارا ٿي ويندا. (149) پر الله اوهان جو مولىٰ (مالڪ) آهي ۽ اهو ئي سڀ کان وڌيڪ مدد ڪرڻ وارو آهي. (150) اسان عنقريب ڪافرن جي دلين ۾(توهان جي هيبت جو) رعب وجهنداسون. ان ڪري جو انهن اهڙي شيءِ کي الله جو شريڪ ڪيو آهي، جنهن جي لاءِ الله ڪا به سند نازل نه ڪئي آهي ۽ انهن جو ٺڪاڻو دوزخ آهي ۽ ظالمن جو اهو ٺڪاڻو تمام خراب آهي. (151)

منافق جنگ اُحد جي وقتي ۽ عارضي شڪست جا بهانا بنائي، اوهان کي ڪافرن جي مصنوعي طاقت کان ڊيڄارڻ گهرن ٿا. چون ٿا ته هن جنگ ۾ اوهان جا ڪيترا مجاهد شهيد ٿي ويا. مسلمانن کي اهڙين چالبازين کان بچائڻ لاءِ خبردار ڪيو ٿو وڃي ته دشمن جي فريب ۾ نه ايندا. هو گهرن ٿا ته اوهان کي واپس ڪفر ۾ وٺي وڃن. جيڪڏهن اوهان هن ڏوڪي ۾ اچي ويا ته وري وڃي گمراهيءَ جي غار ۾ ڪرندا، جنهن ۾ دنيا ۽ آخرت جو خسارو آهي، ان ڪري مسلمانن کي خبردار ڪرڻ ۽ هوشيار رکڻ لاءِ الله تعالىٰ جو خطاب آهي ته مومنؤ! جيڪڏهن اوهان ڪافرن جي جهانسي ۾ اچي ويا، جيڪي اوهان کي جنگ احد جي وقتي شڪست بعد دشمن جي ڪثرت ۽ طاقت کان خوفزده ڪري مسلمانن سان گڏجي مقابلي ڪرڻ کان روڪين ٿا ته ياد رکو هي اوهان کي حق ۽ سچائي جي راهه کان ٿيڙي اوهان کي وري ڪفر جي کُن ۾ ڌڪڻ گهرن ٿا، (آل عمران: 5/24) ته جيئن اوهان

نيڪي نفعي ۽ فلاح واري واٽ اختيار ڪرڻ ڪانپوءِ برائي، خساري ۽ گمراهي ۾ گرفتار ٿي وڃو. هي اوهان جا دشمن آهن، اوهان جا خيرخواهه نٿا ٿي سگهن. اوهان جو همدرد ۽ حمايتي فقط الله ئي آهي ۽ هن کان وڌيڪ ڪو به مددگار ۽ معاون نه آهي. اهو ئي اوهان جي دلين ۾ عزم ۽ يقين جو حوصلو پيدا ڪندو ۽ اوهان جي ايماني جذبي ۽ جان نثاري سبب ڪافرن جي دلين ۾ اوهان جي ڌاڪ ۽ رعب پيدا ڪندو، هي انهيءَ ڪري هوندو جو هنن الله سان غير خدا کي خدائي ۾ شريڪ ڪيو آهي، جنهن جي لاءِ هنن وٽ ڪو دليل يا لکت ۾ سند موجود نه آهي. اهڙن گمراهه ماڻهن جو مقام جهنم جي باهه آهي، جيڪو ظالمن جو نهايت برو ٺڪاڻو آهي، (الحج: 31/22) ياد رهي ته جنگ احد ۾ مسلمانن کي وقتي شڪست ملي ان دوران ڪافرن جو لشڪر ميدان ڇڏي روانا ٿيا، خالد بن وليد ڪافرن جي لشڪر کي حملي ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو ۽ مسلمانن کي هميشه لاءِ ختم ڪرڻ جو مشورو ڏنو، پر الله تعالىٰ ابو سفيان جي دل ۾ مسلمانن جو اهڙو رعب وڌو جو هو واپس هليو ويو ۽ ٻيهر حملي ڪرڻ جي جرئت نه ڪئي.

کافر کی یہ پہچان ہے کہ آفاق میں گم ہے
مؤمن کی یہ پہچان کہ گم اس میں ہیں آفاق (اقبال)

وَلَقَدْ صَدَقَكُمُ اللّٰهُ وَعْدَهٗۤ اِذْ تَحُسُّوْنَهُمْ بِاِذْنِهٖ ۚ حَتّٰۤى اِذَا فَشِلْتُمْ وَتَنَازَعْتُمْ فِى الْاَمْرِ وَعَصَيْتُمْ مِّنْۢ بَعْدِ مَاۤ اَرٰىكُمْ مَّا تُحِبُّوْنَ ؕ مِنْكُمْ مَّنْ يُّرِيْدُ الدُّنْيَا وَ مِنْكُمْ مَّنْ يُّرِيْدُ الْاٰخِرَةَ ۚ ثُمَّ صَرَفَكُمْ عَنْهُمْ لِيَبْتَلِيَكُمْ ۚ وَلَقَدْ عَفَا عَنْكُمْ ؕ وَاللّٰهُ ذُوْ فَضْلٍ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۱۵۲﴾

۽ بيشڪ الله اوهان سان پنهنجو وعدو سچ ڪري ڏيکاريو آهي جو اوهان ان (الله) جي حڪم سان هنن (ڪافرن) کي قتل ڪري رهيا هئا. پوءِ اوهان بزدلي ڏيکاري ۽ (رسول خاتم النبيين ﷺ جي) حڪم جي باري ۾ جهڳڙو ڪرڻ لڳا ۽ جڏهن الله اوهان کي اوهان جي خواهش مطابق اها (فتح) نصيب ڪئي پر ان کان پوءِ

اوهان نافرماني ڪئي. توهان مان ڪجهه دنيا جا خواهشمند ٿيا ۽ ڪي آخرت جا طلبگار رهيا. پوءِ هن (الله) اوهان جي (مغلوب ٿي) پسپا هجڻ بعد هنن کان اوهان کي ٻئي پاسي ڪري ڇڏيو تاڪه اوهان کي آزمائش مان گذاري پڪو پختو ڪري ۽ ان کان پوءِ (الله) اوهان جي (ڪمزورين) کي معاف ڪيو ته جيئن اوهان هن مان سبق حاصل ڪري آئينده جو لائحه عمل تيار ڪيو) ۽ الله مومنن تي وڏي فضل و ڪرم ڪرڻ وارو آهي. (152)

منافق احد جي جنگ جي تلخي ۽ وقتي شڪست ياد ڏياري اوهان کي دشمنن کان ڊيڄاري رهيا آهن ته جيئن اوهان اڳتي دشمنن جي مقابلي جي جرئت ۽ همت نه ڪري سگهو. حالانڪه احد جي ميدان ۾ دشمنن کي ڪثرت يا طاقت جي زور تي وقتي ڪاميابي ڪانه ملي هئي، خدا جيڪو اوهان جي نصرت جو وعدو ڪيو هو، اهو پورو ٿيو هو، جڏهن اوهان الله جي حڪم سان ڪافرن جا گردن ڪٽي رهيا هئا ۽ هر طرف اوهان جي فتح نظر اچي رهي هئي، جيڪا اوهان جي پسند هئي ته عين ان وقت اوهان سستي ۽ ڪمزوري ڏيکاري ۽ اختلاف پيدا ڪري پنهنجي حقيقي امير رسول ﷺ جي ۽ پنهنجي مقامي امير عبدالله بن جبير رضي الله تعالى عنه جي حڪم جي انحرافي يا خلاف ورزي ڪئي، جنهن جي ڪري اوهان مان ڪجهه اهڙا ماڻهو هئا جيڪي دنيا جي خواهش ۾ اچي ويا، ۽ مال غنيمت ڏانهن ڊوڙيا يا پاڻ کي فتح ياب سمجهي هليا ويا ۽ ان پهاڙيءَ کي ڇڏي اهو سمجهي هليا ويا ته هاڻي ضرورت ناهي، حالانڪه حضور ﷺ جو حڪم هيو ته ڇا به ٿي پوي، اسان جو گوشت سرڻيون کائن، ته به ان گهاٽيءَ کي ناهي ڇڏڻو، پر ڪجهه ماڻهو جنگي اهميت واري گهاٽ تان هليا ويا ۽ دشمن حملو ڪري، مسلمانن جي فتح کي شڪست ڏانهن ڌڪيليو.

هن آيت ۾ به نقطا وضاحت طلب آهن: "مِنۡكُمۡ مَّنۡ يُّرِيۡدُ الدُّنۡيَا وَمِنۡكُمۡ مَّنۡ يُّرِيۡدُ الۡاٰخِرَةَ" مان اهو هرگز مراد ناهي ته هي گروهه حياتِ آخرت جو منڪر ٿي ويو هيو ۽ رڳو دنياوي مفاد کي مقصدِ حيات بڻايو هيو. اهڙي عقيدي وارو ته مسلمان به نٿو رهي. آخرت جي انڪار سان ايمان ۽ اسلام ختم ٿي وڃن ٿا. (البقره: 219/2) هت دنيا مان مراد عارضي

فائدو آهي. يعني هي آخرت جي مستقل مفاد جو انڪار ناهي. هت بہ انهن 35 تيراندازن جو مالِ غنيمت جي رغبت وارو وقتي ۽ عارضي مفاد آهي، حالانڪ ان غلطيءَ جي نتيجي ۾ پهتل نقصان تمام گهڻو آهي، پر هن ۾ آخرت جو انڪار نہ آهي، پر ڪمانڊر جي حڪم جي خلاف ورزي آهي. اهڙين ڇوٽين موٽين غلطين جي بخشش جي گنجائش آهي. ”اَلَّذِيْنَ يَجْتَنِبُوْنَ كَبٰٓئِرَ الْاِثْمِ وَالْفَوَاحِشَ اِلَّا اللَّمَمَ“ (النجم: 32/53) انهن غلطين کي اشڪ ندامت ڌوئي ڇڏيندا آهن. انفرادي غلطين کي جماعت جي اجتماعي نيڪين سان ختم ڪري ڇڏبو آهي. ”اِنَّ الْحَسَنٰتِ يُذْهِبْنَ السَّيِّاٰتِ“ (هود: 14/11) الله جي ڪمپيوٽر ۾ اجتماعي رزلٽ ۾ انفرادي لغزشون معاف ٿي وينديون آهن. ڪجھ ماڻهو اهڙا بہ هئا جيڪي آخرت جا طلبگار هئا، جن مورچي تي رهي شهادت ماڻي، پر جيڪي مورچو ڇڏي مال غنيمت لاءِ ويا تہ هن غلطي سبب اوهان جي فتح وقتي شڪست ۾ تبديل ٿي وئي. ۽ اوهان جو رخ دشمنن کان موڙي ڇڏيو تہ جيئن اوهان کي هن غلطيءَ سبب پهتل نقصان سان آزمائي. ڊاڪٽر اسرار احمد جو خيال آهي تہ مال غنيمت جو حڪم جنگ بدر ۾ اچي ويو هيو. هت مراد فتح و نصرت جي فضا هئي، جنهن سبب مورچو ڇڏي ويا هيا. ”عَصَيْتُمْ“ ۾ بہ لوڪل ڪمانڊر جي حڪم کي نہ مڃڻ هيو، حضور اڪرم خَاتَمُ النَّبِيِّيْن ﷺ جي انحرافي نہ هئي. فتح و نصرت جي اها نويد الصف: 13/61 ۾ آهي.

ان وقت اوهان تتر بتر ٿي ويا، پر پوءِ بہ اوهان پنهنجي غلطين کي محسوس ڪندي وري گڏجي حملو ڪيو، جنهن سبب الله اوهان کي معاف ڪري ڇڏيو. بلاشڪ هو مؤمنن لاءِ وڏي فضل ۽ ڪرم وارو آهي. حضرت ابوهريره رضي الله تعالى عنه کان روايت آهي تہ رسول خَاتَمُ النَّبِيِّيْن ﷺ جو ارشاد مبارڪ آهي: ”مَنْ اَطَاعَنِيْ فَقَدْ اَطَاعَ اللّٰهَ وَمَنْ عَصَانِيْ فَقَدْ عَصَى اللّٰهَ وَمَنْ اَطَاعَ اَمِيْرِيْ فَقَدْ اَطَاعَنِيْ وَمَنْ عَصٰى اَمِيْرِيْ فَقَدْ عَصَانِيْ“ (صحيح بخاري) يعني جنهن منهنجي اطاعت ڪئي، جڻ ان الله جي اطاعت ڪئي ۽ جنهن منهنجي نافرماني ڪئي، تہ جڻ ان الله تعالىٰ جي نافرماني ڪئي ۽ جنهن منهنجي امير جي اطاعت ڪئي، ان جڻ منهنجي اطاعت ڪئي ۽ جنهن منهنجي امير جي نافرماني ڪئي، ان جڻ منهنجي نافرماني ڪئي. ”اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ وَاُولِي الْاَمْرِ مِنْكُمْ“ (النساء: 59/4) الله ۽ الله جي رسول خَاتَمُ النَّبِيِّيْن ﷺ جو ۽ حڪمرانن جو حڪم مڃيو.

اِذْ تُصْعِدُوْنَ وَلَا تَلْوٗنَ عَلٰۤى اَحَدٍ وَّالرَّسُوْلُ يَدْعُوْكُمْ فِيْۤ اُخْرٰىكُمْ فَاَثَابَكُمْ غَمًّۢا بِغَمٍّ لِّكَيْلَا تَحْزَنُوْا عَلٰى مَا فَاتَكُمْ وَلَا مَاۤ اَصَابَكُمْ ؕ وَاللّٰهُ خَبِيْرٌۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ﴿۱۵۳﴾

(اهو وقت يا دڪريو) جڏهن اوهان (گهبراهٽ جي حالت ۾) بلندي ڏانهن پيجي رهيا هئا ۽ ڪنهن ڪي پنتي مڙي به نٿي ڏٺو ۽ رسول ﷺ پنتي رهيل جماعت (جيڪا اجان ميدان ۾ هئي ۾ ثابت قد هئي) ۾ اوهان کي سڏي رهيو هو (اِلَيَّ عِبَادَاللهِ، اِلَيَّ عِبَادَاللهِ، الله جا ٻانهان مون ڏانهن اچو، خدا جا ٻندا منهنجي طرف اچو) انهي دوران الله اوهان کي غم کان غم مان گذاريو (تاڪ عبرت ۽ نصيحت حاصل ڪريو) جيڪا شيءِ (فتح) اوهان جي هٿن مان هلي وئي ۽ جنهن مصيبت ۾ مبتلا ٿيا، ان جو ڪو غم نه ڪريو. الله اوهان جي ڪارگذاري کان پوري طرح واقف آهي. (153)

اهو وقت ياد ڪريو جڏهن اوهان جنگ جي ميدان کان پهاڙيءَ طرف ڀڳا پئي ويا ۽ بدحواسي جا ايترا ته شڪار ٿي ويا جو هڪ ٻئي جو خيال به هليو ويو ۽ ڪير به ڪنهن ڏانهن مڙي ڏسڻ وارو نه هيو ۽ اهڙي جان ليوا ماحول ۾ الله جو رسول خاتم النبيين ﷺ چند اصحاب سڳورن جي سٽ ۾ جيڪي سندس حفاظت جي حصار ۾ بيٺا هئا. اوهان کي آواز ڏئي رهيو هو ته ”اِلَيَّ عِبَادَ اللهِ اِلَيَّ عِبَادَ اللهِ“ خدا جا ٻانهؤ! مون ڏانهن اچو. اها آهي هڪ سچي قائد ۽ اڳواڻ جي نشاني ته هو سخت ترين مخالف هالتن ۾ به مضبوط اراديءَ سان قائم رهي ۽ هن جي پاءِ استقامت ۾ لغزش نه اچي. اهڙي اڳواڻ جي پيرويءَ لاءِ آيو آهي: ”لَقَدْ كَانَ لَكُمْ فِيْ رَسُوْلِ اللهِ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ“ (الاحزاب: 21/33) اوهان جي اهڙي حال تي الله به اوهان کي غم تي غم ڏنا. يعني هڪ فتح ٿيندي ٿيندي شڪست نصيب ٿي ته جيئن اوهان غمن کان به مانوس ٿي وڃو. ”اِنَّ مَعَ الْعُسْرِ يُسْرًا“ (الم نشرح: 6/94)

رنج سے خوگر ہو انسان تو مٹ جاتا ہے غم

رنگ لاتی ہے حنا پتھر سے پس جانے کے بعد
سرخرو ہوتا ہے انسان ٹھوکریں کھانے کے بعد

خون خرابو ٿيو ۽ نبي اڪرم خاتم النبيين صلی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہ وسلم جي وفات جو ٻڌي مؤمن مجاهد ويتر غمگين ٿي ويا پر پاڻ ڪريمن خاتم النبيين صلی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہ وسلم جن جو آواز ٻڌي وري واپس آيا ۽ ڪافرن کي مدينہ منوره کان 8 ميل کن اڳتي ڌڪي ڇڏيو. اوهان کي هن پوري حادثي مان عبرت وٺڻ گهرجي. اڳتي نہ ڪنهن شيءِ يا (مال غنيمت) جي وڃڻ ڪري غم نہ ڪريو ۽ نہ وري پنهنجي پيشوا جي حڪم عدولي ڪريو، نہ ان مصيبت ۽ مشڪلات کان ڏڪارا ٿيو، جيڪا اوهان تي اوچتو اچي وئي. اوهان خود ڏٺو تہ اوهان جي ٿورڙي غلطيءَ سبب ڪيڏو وڏو نقصان ٿي ويو ۽ وري جرئت ۽ همت سان موٽي مقابلو ڪيو تہ دشمن کي ڀوڙائي ڪڍڻ ۾ اوهان کي ڪاميابي ٿي. الله تعالىٰ اوهان جي هر فعل کان پوري طرح باخبر آهي ۽ نتيجا بہ ان طرح ظاهر ٿيا جهڙي طرح اوهان جو رويو رهيو، "وَلَكُمْ مَا كَسَبْتُمْ" (البقره 141/2) اوهان جيڪو ڪيو ان جو ڦل مليو.

یہ وقت بھی دیکھا تاریخ کی آنکھوں نے
لمحوں نے خطا کی ہے، صدیوں نے سزا پائی

ثُمَّ اَنْزَلَ عَلَيْكُمْ مِّنْۢ بَعْدِ الْغَمِّ اَمَنَةً نُّعَاسًا يَّغْشٰى طَآئِفَةً مِّنْكُمْ ۙ
وَطَآئِفَةٌ قَدْ اَهَمَّتْهُمْ اَنْفُسُهُمْ يَظُنُّوْنَ بِاللّٰهِ غَيْرَ الْحَقِّ ظَنَّ الْجَاهِلِيَّةِ ؕ
يَقُوْلُوْنَ هَلْ لَّنَا مِنَ الْاَمْرِ مِنْ شَيْءٍ ؕ قُلْ اِنَّ الْاَمْرَ كُلَّهٗ لِلّٰهِ ؕ يُخْفُوْنَ
فِيْۤ اَنْفُسِهِمْ مَّا لَا يُبْدُوْنَ لَكَ ؕ يَقُوْلُوْنَ لَوْ كَانَ لَنَا مِنَ الْاَمْرِ شَيْءٌ
مَّا قُتِلْنَا هٰهُنَا ؕ قُلْ لَّوْ كُنْتُمْ فِيْ بُيُوْتِكُمْ لَبَرَزَ الَّذِيْنَ كُتِبَ عَلَيْهِمُ
الْقَتْلُ اِلٰى مَضَاجِعِهِمْ ۚ وَلِيَبْتَلِيَ اللّٰهُ مَا فِيْ صُدُوْرِكُمْ وَلِيُمَحِّصَ مَا
فِيْ قُلُوْبِكُمْ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ۱۵۴ اِنَّ الَّذِيْنَ تَوَلَّوْا مِنْكُمْ

يَوْمَ الْتَقَى الْجَمْعٰنِ ۙ اِنَّمَا اسْتَزَلَّهُمُ الشَّيْطٰنُ بِبَعْضِ مَا كَسَبُوْا ۚ
وَلَقَدْ عَفَا اللّٰهُ عَنْهُمْ ۗ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ حَلِيْمٌ ﴿١٥٥﴾ ع ١٦ / ٧

پوءِ هن غم بعد توهان جي (تسڪين لاءِ ) (مومنن جي) هڪ جماعت تي غنودگي جي صورت ۾ امن عطا ڪيو ۽ هڪ ٽولي (جيڪو منافقن جو هو) کي رڳو پنهنجي ساهه جي لڳل هئي. اهي الله لاءِ غلط گمان ڪندا هئا، جيڪو محض جاهليت جو گمان هو. هو چون ٿا ته هن معاملي ۾ اسان جو به ڪو اختيار آهي؟ هنن کي چئو ته سڀ معاملا الله جي هٿ وس آهن. هو پنهنجي دلين ۾ اهڙيون ڳالهيون لڪائي رهيا آهن، جيڪي تو تي ظاهر نه ڪندا هئا، هو چون ٿا جيڪڏهن هن معاملي ۾ اسان جو ڪو اختيار هجي ها (يعني اسان جو مشورو مڃيو وڃي ها) ته اسان هن هنڌ تي قتل نه ڪيا وڃون ٿا. تون هنن کي چئو ته جيڪڏهن اوهان پنهنجي گهرن ۾ به هجو ها ته جن جو موت لکيل هو اهي ضرور پنهنجي قتل گاهن ڏانهن نڪري اچن ها ۽ هي انهي ڪري به ڪيو ويو آهي ته جيڪو ڪجهه اوهان جي سينن ۾ آهي، الله اوهان کي انهن مرحلن مان گذاري جيڪي وسوسا اوهان جي دلين ۾ ايندا آهن، انهن کي خوب صاف ڪري. الله سينن جا راز ڄاڻي ٿو. (154) جنهن ڏينهن ٻئي فوجون هڪٻئي جي آمهون سامهون هيون ۽ هڪ ٻئي سان گٿم گٿا هيون ته بيشڪ ان ڏينهن توهان مان جيڪي پٺي ڏيکاري نڪتا هئا انهن کي شيطان سندن ڪنهن عمل (ڪمزوري/ غلطي) سبب جيڪو هنن کان سرزد ٿيو هيو ۽ گمراهه ڪيو هو. بيشڪ الله هنن کي معاف ڪري ڇڏيو. يقينًا الله وڏو بخش ڪرڻ وارو ۽ ڏاڍو حليم بردبار آهي. (155)

رسول الله خَاتَمُ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هن پڪار ۾ بي انتها بهادري، جرئت ۽ عزم و ثبات جو اهڙو پرتاثير تاثر موجود هيو، جنهن جنگ جو نقشو ئي بدلي ڇڏيو. الله جو پنهنجن نبين

۽ مؤمنن سان وعدو آهي تہ هو انهن جي مدد ۾ موجود آهي. پوءِ الله جو اهو ڪرم ٿيو جو غم ۽ پريشاني جي هن حالت ۾ اوهان کي هن اطمينان عطا ڪيو ۽ هلڪي ننڊ سان اوهان جي ڪجهہ جماعت کي سڪون سان نوازيو اهڙي طرح اوهان سان خوف جي ڪيفت ختم ٿي وئي. (الانفال (11/8) سڪون ۽ اطمينان واري حالت اوهان جي هڪ گروهہ تي طاري ٿي وئي هئي. پر اوهان ۾ وري هڪ اهڙو گروهہ بہ هيو، جنهن کي ان وقت بہ پنهنجي ساهہ جي لڳي هئي ۽ اهي الله بابت ناحق جهالت وارا شڪ ۽ گمان رکندا هئا تہ الله جو وعدو پورو نہ ٿيو، اسان کي فتح بدران شڪست ملي، انهي منافقن جي هن ٽولي کي اها سڪون ۽ اطمينان واري هلڪڙي ننڊ نصيب ڪٿي ٿيندي جڏهن هنن جو الله لاءِ گمان ئي غلط آهي. هو چون پيا تہ اسان جي اختيار ۾ تہ ڪجهہ ناهي. اسان جي هٿ وس هجي ها تہ ڪجهہ ڪيون ها. اسان جو مشورو قبول نہ ڪيو ويو، جنگ مدينہ شهر اندر لڙڻ بدران ٻاهر جنگ لڙي وئي. هي منافقن جو اهو ٽولو هو جيڪو جنگ احد جي ميدان ۾ نہ پر مديني ۾ رهي مقابلو ڪرڻ تي گهريو. اي پيغمبر خدا ﷺ رڳو هي معاملو نہ پر سمورا معاملا الله جي اختيار ۾ آهن. اي نبي اڪرم ﷺ هنن پنهنجي اصل ڳالهہ تہ دل ۾ لڪائي رکي آهي، جيڪا توسان ظاهر نٿا ڪن ۽ اها اصل ڳالهہ اها آهي تہ هو پنهنجي دل ۾ چون ٿا تہ جيڪڏهن اسان جو مشورو قبول ڪيو وڃي ها تہ اسان اهڙي طرح هٿ قتل نہ ڪيا وڃون ها. هي اهو ٽولو آهي جن جو مشورو هيو تہ مديني اندر رهي جنگ ڪيون ٻاهر نہ نڪرون. تون هنن کي کولي کولي ٻڌائي ڇڏ تہ جن جو موت الله جي مشيت ۾ هجي ها، توڙي ڪٿي هو پنهنجن گهرن ۾ هجن ها تہ بہ گهرن کان نڪري موت واري هنڌ پهچي وڃن ها، جنگ احد ۾ اها مصلحت ۽ حڪمت بہ ڪار فرما هئي تہ الله اوهان کي آزمائش مان گذاري نڪاري اوهان جي دلين جون ڪدروتون ڪيي پاڪ ڪري. الله سينن ۾ لڪايل راز سڀ ڪجهہ ڄاڻي ٿو. "يَعۡلَمُ خَآئِنَةَ الۡاَعۡيُنِ وَمَا تُخۡفِى الصُّدُوۡرُ" (المؤمن:19/40) جنگ ۾ وقتي شڪست ۽ پريشانيءَ سبب اوهان مان ڪجهہ ماڻهو جيڪي جنگ جي ميدان مان هلندي جنگ مان مورچو ڇڏي هليا ويا هئا، دراصل اهي شيطاني وسوسن ۽ پنهنجن غلط ڪمن ۽ ڪمزورين جي ڪري هنن کان هن ٿوري نفعي جي حصول لاءِ هي ڪمزوري ظاهر ٿي حالانڪ هنن جو ايمان متزلزل نہ ٿيو هو. تي سگهي ٿو تہ هو فتح جو سمجهي مقرر مقام

تان هٽي ويا. ان ڪري الله هنن جي هنن ننڍڙين اجتهادي غلطين کي معاف ڪري ڇڏيو، بيشڪ الله نهايت معاف ڪرڻ ۽ بخشڻ وارو آهي.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَقَالُوْا لِاِخْوَانِهِمْ اِذَا ضَرَبُوْا
فِي الْاَرْضِ اَوْ كَانُوْا غُزًّى لَّوْ كَانُوْا عِنْدَنَا مَا مَاتُوْا وَمَا قُتِلُوْا ۚ لِيَجْعَلَ
اللّٰهُ ذٰلِكَ حَسْرَةً فِيْ قُلُوْبِهِمْ ۭ وَاللّٰهُ يُحْيٖ وَيُمِيْتُ ۭ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ
بَصِيْرٌ ۝١٥٦ وَلَئِنْ قُتِلْتُمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ اَوْ مُتُّمْ لَمَغْفِرَةٌ مِّنَ اللّٰهِ وَرَحْمَةٌ
خَيْرٌ مِّمَّا يَجْمَعُوْنَ ۝١٥٧ وَلَئِنْ مُّتُّمْ اَوْ قُتِلْتُمْ لَاِالَى اللّٰهِ تُحْشَرُوْنَ ۝١٥٨

مسلمانو! اوهان انهن ڪافرن وانگر نه ٿجو جيڪي پنهنجي ڀائرن جي باري ۾ ائين چون ٿا ته جيڪي سفر تي ويل آهن يا جهاد ڪري رهيا آهن (۽ انهي دوران مري وڃن) ته جيڪڏهن اهي اسان وٽ هجن ها ته ڪو نه مرن ها ۽ نه وري قتل ڪيا وڃن ها. اها سوچ هنن جي ذهنن ۽ زبانن تي ان ڪري آهي ته الله هن گمان کي هنن جي دلين ۾ حسرت جو ڪارڻ ڪري. الله ئي زنده رکي ٿو ۽ موت ڏئي ٿو ۽ الله اوهان جا اعمال چڱي طرح ڏسي رهيو آهي. (156) پر جيڪڏهن توهان الله جي راهه ۾ قتل ڪيا ويا يا پنهنجي موت مرو ته الله جي رحمت ۽ مغفرت ان (مال متاع) ڪان گهڻو سٺي آهي، جيڪو اوهان گڏ ڪري رهيا آهيو.(157) جيڪڏهن اوهان مري پئو يا ماريا وڃو توهان (سڀ) الله جي حضور پيش ڪيا ويندا. (158)

هر مشڪل ۽ جان ليوا مهم ۾ هڪڙا اهڙا ماڻهو آهن،جيڪي پاڻ کي پري رکڻ ۾ سلامتي سمجهن ٿا. بقول شيخ سعدي رحمة الله عليه:

بدريا در منافع بے شمار است    اگر خواہی سلامت بر کنار است

يعني: درياهه ۾ گهڻڙ سان بيشمار فائدا آهن، پر تڪليفن کان بچڻ گهرين ته پوءِ ڪناري

تي سلامتي آهي.

پر ٻيا اهڙا جري جوڌا جوان آهن:

بدریا غلط و باموجش در آویز حیاتِ جاودان اندر ستیز است (اقبال)

يعني: درياهہ جي موجن ۾ گهڙي پئو، ڇو تہ حياتِ جاويد ڪشمڪش ۽ جدوجهد جو نالو آهي.

جيڪي قومون سستي ۽ ڪاهليءَ جو شڪار ٿي آرام پسند ٿي وڃن ٿيون، انهن جو وجود مٽجي وڃي ٿو، پر جيڪي قومون خطرن آڏو سينو سپر ٿي بيهن ٿيون، اهي زندهہ رهن ٿيون. اسلام تہ آهي ئي سپردگيءَ جو نالو يعني الله جي راهہ ۾ جان ۽ مال جو سودو ڪرڻ. اهوئي قائدين ۽ مجاهدين جو فرق آهي. ان ڪري مومنو! انهن ماڻهن مان نہ ٿيو جن ڪفر ڪيو آهي، جن جو اهو عقيدو ۽ خيال آهي تہ هنن جا برادري وارا جيڪي ڪنهن سفر تي ويل آهن، يا ڪنهن جنگ يا جهاد ۾ شامل آهن، جيڪڏهن اهي پنهنجن گهرن ۾ هجن ها تہ نہ اهي موت مرن ها ۽ نہ وري قتل ٿي وڃن ها. اها هنن ڪافرن جي غلط فهمي آهي، موت تہ رڳو جنگ يا سفر دوران نٿو اچي پر گهر ۾ بہ يا مضبوط قلعي اندر بہ موت ڪي ڪير روڪي نٿو سگهي. "اَيۡنَ مَا تَكُوۡنُوۡا يُدۡرِكْكُّمُ الۡمَوۡتُ وَلَوۡ كُنۡتُمۡ فِىۡ بُرُوۡجٍ مُّشَيَّدَةٍ" (النساء: 78/4) اوهان جتي بہ هجو موت ضرور ايندو توڙي مضبوط قلعن ۾ هجو. اهڙا خيال ڪافرن جا خيال آهن، ڪنهن موحد ٻانهي جي دل ۾ نٿا اچي سگهن، هي انهيءَ ڪري بيان ڪيو ويو آهي تہ جيئن اوهان مؤمنن جي دلين ۾ بي خوفي ۽ استقلال ۽ ڪافرن جي اندر حسرت ۽ افسوس پيدا ڪري تہ جيئن هو ڪڏهن بہ اوهان جي خلاف ڪجهہ ڪرڻ جي جرئت نہ ڪري سگهن. ڪين معلوم هئڻ گهرجي تہ موت ۽ حياتي الله جي هٿ وس آهي، الله وٽ الله جي راهہ ۾ موت حيات آهي ۽ الله جي رضا کان بغير واري حيات بہ موت آهي. قومن جي ڪمزوري ۽ غلامي موت آهي، پر انهن جي جرئت همت ۽ ڪامراني حيات آهي. ساهہ کڻڻ جو نالو زندگي ناهي، ساهہ کڻڻ تہ وڻن جي پنن، پکين ۽ جانورن ۾ بہ آهي. زندگي مسلسل جدوجهد، حسن عمل ۽ جهاد جو نالو آهي.

اپنی دنیا آپ پیدا کر اگر زندوں میں ہے
سر آدم ہے ضمیرِ کن فکاں ہے زندگی

”خَلَقَ الْمَوْتَ وَالْحَيٰوةَ لِيَبْلُوَكُمْ اَيُّكُمْ اَحْسَنُ عَمَلًا“ (الملڪ:2/67) اهو الله، جنهن موت ۽ حيات پيدا ڪيا آهن ته اوهان کي آزمائي ته ڪير چڱا عمل ڪري، آخرت جو ثمر بنائي ٿو. پنهنجو پاڻ بنامقصد موت جي منهن ۾ اڇڻ کان روڪيو ويو آهي. ”وَلَا تُلْقُوْا بِاَيْدِيْكُمْ اِلَى التَّهْلُكَةِ“ (البقره: 67/2) پر دين حق ۽ معاشري جي مفاد لاءِ جان نثاري خدا جي رحمت ۽ مغفرت جو سبب آهي. (آل عمران: 156/3) اصل زندگي الله جي امانت آهي، اها الله کي موٽائڻ ۾ ئي امانت جي اصل ادائگي آهي. بي مقصد موت هلاڪت آهي.

جان دی، دی ہوئی اسی کی تھی
حق تو یہ ہے کہ حق ادا نہ ہوا (غالب)

اوهان جيڪي ڪجھ ڪريو ٿا الله جي نظرن ۾ آهي ۽ ان کان لڪل ڪا به شيءِ ناهي. جيڪڏهن اوهان الله جي راھ ۾ جهاد ڪندي قتل ٿي ويو يا اوهان کي موت اچي ويو ته انهن بنهي صورتن ۾ الله پاران جيڪا بخشش ۽ رحمت اوهان جي حصي ۾ ايندي. (آل عمران: 157/3-158) خدا جي اها نعمت ۽ نوازش ان تمام سرمائي کان وڌيڪ ڀلي آهي، جيڪو ذاتي مفادن خاطر گڏ ڪيو وڃي. پوءِ اوهان راھ حق ۾ پنهنجي موت مرو يا ماريا وڃو. اوهان جي اها قرباني الله آڏو پيش ڪئي ويندي. جنهن جو الله وٽ وڏو مانُ ۽ مرتبو آهي. آل عمران 185/3) (البقره: 155/2، آل عمران: 3/ 185-169، الحج 58/22-59)

شہادت ہے مطلوب و مقصود مومن
نہ مالِ غنیمت، نہ کشور کشائی (اقبال)

***

عارف ۽ عشاق پسڻ گهرن پرينءَ جو
جنت جا مشتاق اجان اورانهان ٿيا

(خواجه محمد زمان لنواري شريف)

فَبِمَا رَحْمَةٍ مِّنَ اللّٰهِ لِنْتَ لَهُمْ ۚ وَلَوْ كُنْتَ فَظًّا غَلِيْظَ الْقَلْبِ لَانْفَضُّوْا مِنْ حَوْلِكَ ۖ فَاعْفُ عَنْهُمْ وَاسْتَغْفِرْ لَهُمْ وَشَاوِرْهُمْ فِي الْاَمْرِ ۚ فَاِذَا

عَزَمْتَ فَتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ ۭ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُتَوَكِّلِيْنَ ﴿١٥٩﴾ اِنْ يَّنْصُرْكُمُ
اللّٰهُ فَلَا غَالِبَ لَكُمْ ۚ وَاِنْ يَّخْذُلْكُمْ فَمَنْ ذَا الَّذِيْ يَنْصُرُكُمْ مِّنْۢ بَعْدِهٖ ۭ
وَعَلَى اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُوْنَ ﴿١٦٠﴾ وَمَا كَانَ لِنَبِيٍّ اَنْ يَّغُلَّ ۭ وَمَنْ يَّغْلُلْ يَاْتِ
بِمَا غَلَّ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ۚ ثُمَّ تُوَفّٰى كُلُّ نَفْسٍ مَّا كَسَبَتْ وَھُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿١٦١﴾

(پيارا حبيب خاتم النبيين ﷺ!) هي الله جي ڪيڏي نه وڏي رحمت آهي جو تنهنجي ذات (والاصفات) هنن لاءِ نرم مزاج آهي پر جيڪڏهن تون سخت طبيعت (۽) سخت دل هجين ها ته ماڻهو توکان ڀڄي پري ٿي وڃن ها، ان ڪري تون هنن (جي ڪمي پيشي) کي در گذر ڪندو رهه ۽ هنن لاءِ بخشش گهرندو ڪر ۽ (اهم) ڪمن ۾ هنن سان مشورو ڪندو رهه. پوءِ جڏهن تون (ڪنهن به ڪم جو) پڪو ارادو ڪرين ته الله تي ڀروسو ڪر. بيشڪ الله توڪل ڪندڙن سان محبت ڪري ٿو (159) جيڪڏهن الله اوهان جي مدد ڪندو ته پوءِ توهان تي ڪير به غالب نه ٿي سگهندو. پر جيڪڏهن هو توهان کي بي سهارا ڪري ڇڏي ته پوءِ اهو ڪير آهي جو ان کان پوءِ اوهان جي مدد ڪري. مومنن جو ته الله تي ئي ڀروسو آهي. (160) ۽ ڪنهن به نبي بابت اهو گمان به نٿو ڪري سگهجي ته هو ڪا خيانت ڪري (يا لڪائي) ۽ جيڪڏهن ڪو ماڻهو خيانت ڪري ٿو (ڪجهه لڪائي ٿو) ته قيامت جي ڏينهن اهو پنهنجي خيانت سان حاضر ٿي ويندو، پوءِ هر شخص کي سندس عمل جو پورو پورو بدلو ڏنو ويندو ۽ ان تي ڪو ظلم نه ڪيو ويندو. (161)

هت حضور خاتم النبيين ﷺ جن جي امامت جهڙي اعليٰ منصب جو جيڪو دراصل صفات الاهي جو حد بشريت تائين سندن ذات ۾ منعڪس هجڻ سان آهي، جي ڪجهه

صفتن جو ذڪر آهي، هي انسانن ۽ مسلمانن جي جماعت لاءِ الله جي وڏي رحمت آهي ته اي نبي مڪرم خَاتَمَ النَّبِيِّين ﷺ تنهنجي دل ۾ نرمي ۽ مزاج مبارڪ ۾ سراپا شفقت ئي شفقت آهي. ( الانفال: 8/ 64، 62، الحجر: 15/ 88، الشوریٰ: 215/26) جيڪڏهن اها خوبي نه هجي ها ته پوءِ ماڻهن جون دليون تو ڏانهن خود بخود ڇڪجي نه اچن ها.

ڪشش اهڙي ته آهي جو جهڪي ٿو خود بخود گردن
سڪن ٿا ديد ٿين دلدار جي ديدار تان صدقي
(سرشار عقيلي)

ان ڪري هنن جون ننڍيون ننڍيون ڪوتاهيون جيتري خدا جي احڪامن ۾ اجازت هجي معاف ڪري ڇڏ ۽ الله وٽ انهن جي لاءِ بخشش طلب ڪر ۽ امن ۽ جنگ جي حالت ۾ انهن سان مشورو ڪندو رهه (الشوریٰ: 38/42) مشوري بعد جيڪڏهن ڪنهن به ڳالهه جو عزم مصمم ڪري وٺين ته پوءِ الله تي ڀروسو ڪري ان تي محڪم ٿي وڃ. اهو ئي هڪ بهترين پيشوا جو طريقو آهي.

يقيں محکم، عمل پیہم، محبت فاتحِ عالم
جہادِ زندگانی میں یہ ہیں مردوں کی شمشیریں (اقبال)

***

نگاہ بلند، سخن دلنواز جان پرسوز
یہی ہے رختِ سفر میرِ کارواں کے لئے (اقبال)

يقين ڄاڻ ته الله به انهن جي مدد ڪندو آهي، جيڪي ان تي توڪل ۽ ڀروسو ڪندا آهن. " وَمَنْ يَّتَوَكَّلْ عَلَى اللهِ فَهُوَ حَسْبُهٗ ؕ " (الطلاق: 3/65) " اَلَيْسَ اللهُ بِكَافٍ عَبْدَهٗ " (الزمر: 36/39) ياد رکو ته جيڪڏهن الله اوهان جي مدد ڪندو ته پوءِ ڪير به اوهان تي غالب اچي نه سگهندو، پر جيڪڏهن الله پاران ئي اوهان جي حمايت نه هجي ته پوءِ ٻڌايو ته هن ڪانسواءِ ٻيو ڪير آهي جو اوهان جي مدد لاءِ اچي. يقين ڪريو الله ڪانسواءِ ڪير به مدد نٿو ڪري سگهي. ان ڪري مؤمنن کي گهرجي ته الله تي پڪو يقين ۽ ڀروسو رکن. ڪافرن سان

سندن رويو سختيءَ وارو هجي. (التوبه: 73/9، 123، الفتح: 29/48)
نبي اڪرم ﷺ جي پاران جيڪو به حڪم ملي ٿو ان جي صداقت ۾ ڪنهن به قسم جو شڪ شبهو نه آهي. ”وَمَا يَنْطِقُ عَنِ الْهَوٰى ○اِنْ هُوَ اِلَّا وَحْيٌ يُّوْحٰى ○“ (النجم: 3-4/55) هو پنهنجي خواهش مطابق نٿو ڳالهائي، پر سندن هر قول وحي الاهي آهي. ”مَنْ يُّطِعِ الرَّسُوْلَ فَقَدْ اَطَاعَ اللّٰهَ“ (النساء: 4/ 80) جنهن رسول الله ﷺ جي اطاعت ڪئي ته گويا هن الله جي اطاعت ڪئي. مؤمن الله جي رسول تي نهايت سچائي، خلوص ۽ يقين سان ايمان آڻي ٿو. هن جي فهم و فراست، غور و فڪر، سڀ ڪيس نبي اڪرم ﷺ جي رسولِ خدا هجڻ، صادق ۽ امين هجڻ تي حق يقين جو درجو رکي ٿو. (الفرقان: 73/25) ڇو ته ان کي الله جي تائيد حاصل آهي. ان ڪري اهو ممڪن ئي ناهي ته الله جو نبي نبوت جي فرض جي ادائگي ۾ ڪا خيانت ڪري، ڇو ته نبي ڪڏهن به خائن تي نٿو سگهي. حضور ﷺ الله جو پيغام حرف بحرف پهچايو. هزارين حافظ پيدا ٿيا. تحريري طرح دنيا کي نظر آيو. الله قرآن جي حفاظت جو ذمو کنيو ته پاڻ ڪريمن ﷺ ان کي پوري اهتمام سان امت حوالي ڪيو. جنهن جي زندگيءَ جا شب و روز قرآن جو تفسير بڻجي ويا. هي ڪافرن جي انهيءَ سوچ جو جواب آهي، جنهن ۾ هو چوندا هئا، حضور ﷺ هنن سان خيانت ڪئي ۽ جنگ احد جي ميدان ۾ ڪرائي، مديني ۾ نه ڪرائي. ياد رکو ته جيڪو به ماڻهو جيتري به خيانت ڪندو، ان جو ان کي پورو پورو بدلو ضرور ملندو. ۽ انهن سان مڪافات عمل ۾ ڪا به زيادتي يا نرمي نه ڪئي ويندي. جنهن ذات گرامي جي منصب نبوي ۾ تلاوت آيات الاهي، مؤمنن جو تزڪيه نفس ۽ ڪتاب جي تعليم هجي، جيڪو امين ۽ صادق سمجهيو وڃي، ان کان اهو ممڪن ئي ناهي ته فرض جي ادائگي ۾ ڪا ڪوتاهي بدديانتي يا خيانت سرزد ٿئي. جيڪڏهن ڪو انئو ائين سمجهي ٿو ته اهو مؤمن ۽ مسلمان ٿي نٿو سگهي. حضور ﷺ خيانت يا ذاتي انتقام وٺڻ کان پاڪ صاف هئا. ”مَا اِنْتَقَمَ رَسُوْلُ اللّٰهِ لِنَفْسِهٖ اِلَّا اَنْ تُنْتَهَكَ حُرُمَاتِ اللّٰهِ“ الله جي رسول ﷺ پنهنجي ذات جي بدلي ڪڏهن به انتقام نه ورتو آهي، بشرطيڪ الله جي حرمات کي نه ٽوڙيو ويو هجي. هن جي ذات گرامي رؤف رحيم آهي، رحمة للعالمين آهي، جيڪو خلق عظيم جو مالڪ آهي. حضور ﷺ سان اصحاب سڳورن جي عشق و محبت جي ڪا

انتها نہ هئي. هو ڪافرن لاءِ اشداء ۽ پاڻ ۾ رحماء هيا. (الفتح: 29/48)

ہو حلقہ یاراں تو بریشم کی طرح نرم
رزمِ حق و باطل ہو تو فولاد ہے مؤمن (اقبال)

***

گزر جا بن کے بادِ تندخو کوہ و بیاباں سے
گلستان راہ میں آئی ہے، جوئے نغمہ خواں ہوجا (اقبال)

اَفَمَنِ اتَّبَعَ رِضْوَانَ اللّٰهِ كَمَنْۢ بَآءَ بِسَخَطٍ مِّنَ اللّٰهِ وَمَاْوٰىهُ جَهَنَّمُ ؕ وَبِئْسَ
الْمَصِيْرُ ﴿۱۶۲﴾ هُمْ دَرَجٰتٌ عِنْدَ اللّٰهِ ؕ وَاللّٰهُ بَصِيْرٌۢ بِمَا يَعْمَلُوْنَ ﴿۱۶۳﴾ لَقَدْ مَنَّ اللّٰهُ
عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ اِذْ بَعَثَ فِيْهِمْ رَسُوْلًا مِّنْ اَنْفُسِهِمْ يَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِهٖ
وَيُزَكِّيْهِمْ وَيُعَلِّمُهُمُ الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ ۚ وَاِنْ كَانُوْا مِنْ قَبْلُ لَفِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿۱۶۴﴾ النصف

ڀلا اهو شخص جو الله جي رضا تي راضي ٿي ويو تہ (ڇوءِ) ان شخص وانگر ڪيئن ٿو ٿي سگهي جيڪو الله جي غضب جو حقدار ٿيو، جنهن جو ٺڪاڻو جهنم آهي ۽ اها نهايت ئي خراب جڳهہ آهي. (162) الله وٽ هنن جا وڏا درجا آهن ۽ الله سندن اعمال کي چڱي طرح ڏسي رهيو آهي. (163) بيشڪ الله مومنن تي وڏو احسان ڪرڻ فرمايو آهي، جو انهن ۾ هنن مان ئي (عظيم عظمت وارو) رسول (خاتم النبيين ﷺ) موڪليو. جيڪو انهن تي ان (الله) جون آيتون پڙهي ٻڌائي ٿو. هنن کي پاڪ صاف ڪري (نشو نما ڏئي) ٿو ۽ هنن کي ڪتاب ۽ حڪمت جي تعليم ڏئي ٿو. توڙي جو اهي ماڻهو هن اڳ چٽي گمراهي تي هئا. (164)

ڀلا اهڙو ماڻهو جنهن الله جي رضامندي ۽ خوشنوديءَ جو رستو اختيار ڪيو هجي

۽ هن جو هر ڪم نيڪ عمل آهي، اهڙي شخص جي برابر ٿي سگهي ٿو جنهن پنهنجي برن عملن جي ڪري پاڻ کي خدا جي عذاب جو مستحق ثابت ڪيو هجي، جنهن جو ٺڪاڻو جهنم جي باهہ ۾ هجي، جيڪو نهايت برو انجام آهي. اهي ٻئي شخص ڪڏهن بہ هڪجهڙا ٿي نٿا سگهن، ڇو تہ هڪ خدا جي نعمت جو طالب آهي تہ وري ٻيو خدا جي غضب جو نشانو آهي، الله وٽ ماڻهن جا الڳ الڳ درجا ۽ مرتبا آهن. (الانعام: 132/6، البينه: 98/ 8-6، الزلزال: 99/8-7) سڀ نيڪوڪار بہ هڪجهڙا نہ آهن تہ نہ وري سڀ بدڪار هڪجهڙا آهن. نيڪوڪارن لاءِ الڳ اعلىٰ مقام آهي، تہ بدڪارن لاءِ بہ الڳ الڳ برا ٺڪاڻا ۽ درجا آهن. سورة الواقعه آيت 8 ۽ آيت 9 ۾ "اَصۡحٰبُ الۡمَيۡمَنَةِ" ۽ "اَصۡحٰبُ الۡمَشۡـَٔمَةِ" ۽ سورة التوبه آيت 100 ۾ "اَلسّٰبِقُوۡنَ الۡاَوَّلُوۡنَ" جو ذڪر آهي. اهڙيءَ طرح ابرار ۽ مقربين لاءِ حديث شريف ۾ آهي: "حَسَنَاتُ الۡاَبۡرَارِ سَيِّئَاتُ الۡمُقَرَّبِيۡنَ" ڪنهن جا اعمال برا هجن يا چڱا، الله تعالىٰ سڀ ڏسي رهيو آهي. هي ڪافرن جي ان اعتراض جو جواب آهي تہ خدا جي رسول خاتم النبيين ﷺ اسان جي مشوري تي عمل نہ ڪيو ۽ احد جي جنگ مدينه شهر ۾ لڙڻ بدران شهر کان ٻاهر لڙي اسان جا بهادر جوان قتل ڪرايا آهن. ڪين ٻڌايو ويو تہ اهو الله جو فيصلو هيو ۽ الله پنهنجي فيصلي جي مصلحت ۽ حڪمت ڄاڻي ٿو.

خدا جي اهڙي نظام کي دنيا ۾ قائم رکڻ لاءِ بيشڪ الله جو مؤمنن تي اهو وڏو احسان آهي (الحجرات: 49: /171) جنهن انهن مان ئي انهن ۾ پنهنجو رسول خاتم النبيين ﷺ مبعوث ڪرڻ فرمايو، نبوت محنت ۽ ڪسب سان نہ پر خاص الله تعالىٰ جي وهبي عنايت آهي. هن آيت ۾ ٽن خاص نعمتن جو ذڪر آهي: هڪ اها نعمت تہ الله جي رسول خاتم النبيين ﷺ اوهان مان ئي آهي تہ جيئن هن جي دعوت ۾ اوهان جي سوچ ۾ اجنبيت پيدا نہ ٿئي ۽ اوهان سندس آواز کي پنهنجو آواز سمجهي قبول ڪيو. ٻي نعمت اها آهي تہ هو تزڪيو ڪري ٿو، يعني هر قسم جي آلائشن ۽ خرابين کان صاف پاڪ ڪري، وڌيڪ وڌڻ يعني نشونما جا موقعا ميسر ڪري ٿو. ٽين نعمت "يُعَلِّمُهُمُ الۡكِتٰبَ وَالۡحِكۡمَةَ" ڪتاب ۽ حڪمت جي تعليم ڏئي ٿو يعني احڪام الاهي ۽ شريعت سان گڏ انهن جو اصل مغز ۽ مطلب ٻڌائي، عبادات، معاملات ۽ اخلاقيات جي اصل روحاني رمزن کان آگاهہ ڪري ٿو، جنهن سبب اصحاب رسول خاتم النبيين ﷺ عظيم مدبر، مفڪر، صالح ۽ پاڪيزه سيرت جا مالڪ

انسان ٿي ويا آهن.

يہ فيضانِ نظر تھا یاکہ مکتب کی کرامت تھی
سکھائے کس نے اسمٰعیل کو آدابِ فرزندی (اقبال)

***

میری مشاطگی کی کیا ضرورت حسنِ معنیٰ کو
کہ فطرت خود بخود کرتی ہے لالہ کی حنابندی (اقبال)

اهو الله جو رسول خاتم النبيين ﷺ هنن کي الله جون آيتون يعني احڪام خداوندي ٻڌائي ٿو ۽ هنن کي هر طرح جي براين کان بچائي، پاڪ صاف ڪري انهن جي خداداد صلاحيتن کي اياري ٿو. (التوبه: 109/9، الشمس: 91/10-9، الليل: 18/92) ڪين ڪتاب ۽ حڪمت جي تعليم ڏئي ٿو، جنهن ڪري هنن جي هدايت جا رستا کلي ويا آهن ۽ هو ڏينهن جو گجندڙ شينهن ۽ رات جو فرشتا آهن، خدا جو هدايت پريو هي نظام نہ هجي ها تہ هو اڳين وانگر گمراهي ۾ مبتلا هجن ها. (البقره: 129/2 ۽ 151، النساء: 4/65-64-28، الاعراف: 7/158-157، الانفال: 8/33-24، التوبه: 128/9، الاحزاب: 33/47-46-45)

اَوَ لَمَّآ اَصَابَتْكُمْ مُّصِيْبَةٌ قَدْ اَصَبْتُمْ مِّثْلَيْهَا ۙ قُلْتُمْ اَنّٰى هٰذَا ؕ قُلْ هُوَ
مِنْ عِنْدِ اَنْفُسِكُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿۱۶۵﴾ وَمَآ اَصَابَكُمْ يَوْمَ
الْتَقَى الْجَمْعٰنِ فَبِاِذْنِ اللّٰهِ وَلِيَعْلَمَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۱۶۶﴾ وَلِيَعْلَمَ الَّذِيْنَ نَافَقُوْا ۚۖ
وَقِيْلَ لَهُمْ تَعَالَوْا قَاتِلُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ اَوِ ادْفَعُوْا ؕ قَالُوْا لَوْ نَعْلَمُ قِتَالًا
لَّاتَّبَعْنٰكُمْ ؕ هُمْ لِلْكُفْرِ يَوْمَئِذٍ اَقْرَبُ مِنْهُمْ لِلْاِيْمَانِ ۚ يَقُوْلُوْنَ بِاَفْوَاهِهِمْ
مَّا لَيْسَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ ؕ وَاللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا يَكْتُمُوْنَ ﴿۱۶۷﴾ ۚ

ڇا ٿيو جيڪڏهن اوهان کي اڄ تڪليف پهتي حالانڪ اوهان هنن کي هن کان

بيٺي (تڪليف) ڏئي چڪا هئا، اوهان چوڻ لڳا تہ هي (مصيبت) ڪٿان اچي وئي. ڪين چئو تہ اها توهان جي پنهنجي طرفان آهي. بيشڪ الله هر شيءِ تي پوري قدرت رکي ٿو. (165) ۽ ان ڏينهن جيڪا تڪليف توهان کي پهتي، جنهن وقت ٻئي لشڪر هڪٻئي جي آمهون سامهون (مدمقابل) هئا اها الله جي حڪم (مشيت قانون) مطابق هئي. اها ان ڪري بہ هئي تہ الله مؤمنن کي پرکي سگهي. (166) ۽ اهڙن ماڻهن جي بہ سڃاڻپ ڪرائي (چٽو ڪري) جن منافقت ڪئي ۽ جڏهن هنن کي چيو ويو تہ اچو الله جي راهہ ۾ جنگ ڪريو يا (دشمن جي حملي جو) دفاع ڪريو تہ چوڻ لڳا تہ جيڪڏهن اسان هن کي الله جي راهہ واري جنگ سمجهون ها تہ خود اوهان جي پيروي ڪيون ها. ان ڏينهن اهي ايمان جي (اظهار) بنسبت چٽي چٽي ڪفر کي وڌيڪ قريب هئا. هو پنهنجي واتان اهڙيون ڳالهيون ڪن ٿا جو جيڪي (درحقيقت) هنن جي دلين ۾ نہ آهن ۽ جيڪي ڪجهہ هو لڪائي رهيا آهن . الله ان کي پوري طرح ڄاڻي ٿو. (167)

الله جي هن نظام کي قائم دائم رکڻ لاءِ مخالفت جي طوفانن کي منهن ڏيڻو پوندو ۽ وڏي وڏي آزمائش مان گذرڻو پوندو. (البقره: 155/2) هينئر جيڪڏهن احد جي جنگ ۾ اوهان کي مصيبت جو منهن ڏسڻو پيو آهي تہ بدر جي جنگ ۾ اوهان دشمنن کي انهيءَ کان ٻيڻي تڪليف ۽ مصيبت ڏني آهي. هاڻي هن تڪليف ۽ مصيبت ۾ اوهان چئي رهيا آهيو تہ هي مصيبت اسان تي ڪٿان اچي وئي آهي. اهڙا باطل خيال دل ۾ آڻي رهيا آهيو، تہ جيڪڏهن حضور ﷺ خدا جو رسول هجي ها تہ پوءِ ڪين شڪست نہ اچي ها. جيڪڏهن واقعي نبي آهي تہ پوءِ هي شڪست ڪٿان آئي. هنن کان پڇ تہ جنگ بدر ۾ ڪافرن کي شڪست ڪٿان آئي هئي؟ اي پيغمبر خدا ﷺ هنن کي ٻڌاءِ تہ اها مصيبت اوهان جي عملن جو نتيجو آهي. "قُلۡ هُوَ مِنۡ عِنۡدِ اَنۡفُسِكُمۡ" هي اوهان جي اعمال جو نتيجو آهي. جيڪڏهن اوهان بدر جي جنگ وانگر متحد ٿي حملو ڪيو ها تہ اها مصيبت ڏسڻي نہ پوي ها، پر اوهان ڪمزوري ۽ سستي ڏيکاري حضور ﷺ جي

حڪم جي ڇڙي انحرافي ڪئي تہ اوهان کي اهي ڏينهن ڏسڻا پيا. الله تعالیٰ جو قانون، اعمال جي نتيجن مطابق مقرر آهي هو انهيءَ قانون ۾ پوري قدرت رکي ٿو ۽ انهي مطابق نتيجا ڏئي ٿو. ”اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ“ الله هر شيءِ جا پيمانا مقرر ڪيا آهن ۽ نتيجا ان مطابق نڪرن ٿا. زهر کائڻ سان موت ايندو، ڇوتہ زهر جي اها تقدير آهي، پر ڊاڪٽر وٽ ويندو، هو دوا ڪندو تہ بچي ويندو، ڇوتہ دوا جي اها تقدير آهي. هڪ تقدير ٻي تقدير تي غالب ٿي سگهندي آهي. ”فَبِاِذْنِ اللّٰهِ“ مان بہ الله جو حڪم نہ آهي، پر اهو قانونِ قدرت آهي، جو پنهنجا نتيجا ان مطابق ظاهر ڪري ٿو. يعني هر شيءِ جي قدرت، انداز ۽ تقدير ان جي عمل جي آهي.

گر ز یک تقدیر خون گردد جگر خواه از حق حکم تقدیر دگر

تو اگر تقدیرِ نو خواہی رو است زانکہ تقدیراتِ حق را انتہا است

ترجمو: جيڪڏهن هڪ تقدير تڪليفده ٿي تہ حق تعالیٰ کان ٻي تقدير طلب ڪر. تون جيڪڏهن نئين تقدير گهرين ٿو تہ بيشڪ گهر، ڇوتہ الله وٽ ڪيتريون ئي تقديرون آهن. هڪ تقدير، ٻي تقدير جو توڙ آهي.

منافق جنگ احد کان پوءِ مسلمانن ۾ بدگماني پيدا ڪرڻ لاءِ طرح طرح جون سازشون ڪندا هئا. الله تعالیٰ هت اهڙن منافقن کي بيان ڪري ننگو ڪيو آهي ۽ مؤمنن کي تنبيه ڪئي آهي تہ هو منافقن جي ڳالهين تي ڌيان ڏيڻ بدران احد جي جنگ ۾ ڪيل ڪوتاهين جو جائزو وٺي پنهنجي اصلاح ڪندا تہ فتح و ڪامراني هنن جا قدم چمندي. ياد رکو تہ اوهان جي ٻن جماعتن جي مقابلي واري ڏينهن جنگ احد ۾ جيڪو ڪجهہ اوهان کي پيش آيو، اهو سڀ الله جي قانون ۽ حڪم موجب هيو، ڇو تہ هن قانون ناهي ڇڏيو آهي تہ فتح ڪهڙي صورت ۾ ملندي ۽ شڪست ڪهڙي حالت ۾ ٿيندي. هن جنگ جي نتيجن جي روشني ۾ اهو فائدو بہ ٿيو ۽ اها ڳالهہ بہ نڪري پڌري تي پئي تہ سچا مؤمن ڪير آهن ۽ منافق ڪهڙا آهن ۽ وقتي (عارضي) نفعي جي حصول ۾ ڪير مبتلا آهن.

جڏهن هنن منافقن کي چيو ويو تہ اچو الله جي دين لاءِ فرض نڀايون ۽ مديني کان ٻاهر نڪري دشمن جو مقابلو ڪريون يا شهر ۾ رهي پنهنجو دفاع ڪريون تہ هنن چيو تہ

اسان کي پڪ آهي تہ جنگ ڪا نہ لڳندي، پر جي جنگ جي پڪ هجي ها تہ اسان اوهان جو ضرور ساٿ ڏيون ها، يقين ڪريو تہ جنهن وقت هو اهو چئي رهيا هئا، اهي ان وقت ايمان ڪان پري ڪفر ۾ مبتلا هئا. هي ماڻهو رڳو ڏوکي ڏيڻ لاءِ زبان مان اهڙيون ڳالهيون ڪن ٿا، جن جو سندن دل ۾ حقيقت سان واسطو نہ آهي. هي جيڪي ڪجھہ دلين ۾ لڪائي رکن ٿا، ان جو اللہ کي پورو پورو علم آهي. "يَعۡلَمُ خَآئِنَةَ الۡاَعۡيُنِ وَمَا تُخۡفِى الصُّدُوۡرُ" (اللہ اوهان جي اکين جي خيانت ۽ دلين جا راز ڄاڻي ٿو) ان ڪري ڪين سندسن اعمال مطابق بدلو ملندو. (المؤمن: 19/40، الزلزال: 99/8-7، القارعة: 101/11-6) "وَاَسِرُّوۡا قَوۡلَكُمۡ اَوِ اجۡهَرُوۡا بِهٖؕ اِنَّهٗ عَلِيۡمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوۡرِ" (الملڪ: 67/13) اوهان پنهنجا راز لڪايو يا ظاهر ڪريو، اللہ اوهان جي سڀني ڪان بہ واقف آهي. "وَاِنۡ تُبۡدُوۡا مَا فِىۡۤ اَنۡفُسِكُمۡ اَوۡ تُخۡفُوۡهُ يُحَاسِبۡكُمۡ بِهِ اللّٰهُ" (البقره: 2/284) اوهان اندر جا راز ظاهر ڪريو، يا لڪايو، اللہ انهن جو احتساب ڪندو.

اَلَّذِيۡنَ قَالُوۡا لِاِخۡوَانِهِمۡ وَقَعَدُوۡا لَوۡ اَطَاعُوۡنَا مَا قُتِلُوۡا ؕ قُلۡ فَادۡرَءُوۡا
عَنۡ اَنۡفُسِكُمُ الۡمَوۡتَ اِنۡ كُنۡتُمۡ صٰدِقِيۡنَ ﴿۱۶۸﴾ وَلَا تَحۡسَبَنَّ الَّذِيۡنَ قُتِلُوۡا فِىۡ
سَبِيۡلِ اللّٰهِ اَمۡوَاتًا ؕ بَلۡ اَحۡيَآءٌ عِنۡدَ رَبِّهِمۡ يُرۡزَقُوۡنَ ۙ﴿۱۶۹﴾ فَرِحِيۡنَ بِمَاۤ اٰتٰهُمُ
اللّٰهُ مِنۡ فَضۡلِهٖ ۙ وَيَسۡتَبۡشِرُوۡنَ بِالَّذِيۡنَ لَمۡ يَلۡحَقُوۡا بِهِمۡ مِّنۡ خَلۡفِهِمۡ ۙ
اَلَّا خَوۡفٌ عَلَيۡهِمۡ وَلَا هُمۡ يَحۡزَنُوۡنَ ﴿۱۷۰﴾ ۘ يَسۡتَبۡشِرُوۡنَ بِنِعۡمَةٍ مِّنَ اللّٰهِ وَفَضۡلٍ ۙ وَّ (وقف لازم)
اَنَّ اللّٰهَ لَا يُضِيۡعُ اَجۡرَ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ ﴿۱۷۱﴾ ۛ (ع ۱۷/۶ ۸)

(هي) اهي ماڻهو آهن جيڪي هن جي باوجود جو هو پاڻ (گهرن ۾) ويٺل هئا پنهنجن ڀائرن لاءِ چيائون تہ جيڪڏهن هو اسان جو چوڻ مڃين ها تہ ماريا نہ وڃڻ ها. (پيارا حبيب خَاتَمُ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) تون هنن کي چئو جيڪڏهن واقعي سچا آهيو تہ پاڻ کي موت کان بچايو. (168) ۽ جيڪي بہ ماڻهو اللہ جي راهہ ۾ قتل ڪيا وڃن انهن کي هرگز مئل نہ سمجهو. پر هو اللہ جي بارگاهہ ۾ زندهہ آهن، انهن کي

**(جنت وارو) رزق ڏنو وڃي ٿو. (169) اهي الله جي فضل سان مليل انهن اڻ کٽ نعمتن تي خوش آهن، جيڪي هنن کي نصيب آهن ۽ پنهنجي پويان رهندڙن جيڪي (اجان تائين) هنن سان نہ مليا آهن، انهن کي (ايمان ۽ اطاعت واري رستي تي ڏسي) خوش ٿين ٿا تہ انهن کي بہ ڪو خوف ناهي ۽ نہ وري اڳتي ڏک ڏسندا. (170) هو الله جي فضل ۽ نعمتن جي (لازوال لذت) ڪري خوش رهن ٿا ۽ ان ڪري بہ تہ الله مومنن جو اجورو ضايع نٿو ڪري. (171)**

هنن ماڻهن جي منافقت جي اها حالت آهي جو هو پاڻ بہ جنگ تي ڪو نہ ويا ۽ پنهنجن گهرن ۾ وينا رهيا ۽ جيڪي ماڻهو جنگ ۾ شريڪ ٿيا، انهن لاءِ چون ٿا تہ هنن جنگ ۾ حصو وٺي خواهہ مخواهہ پنهنجو موت پاڻ ورتو آهي. جيڪڏهن هي اسان جو مشورو ۽ صلاح وٺن ها ۽ اسان جي ڳالهہ قبول ڪن ها تہ ڪڏهن بہ قتل نہ ٿين ها. توهان هنن عقل جي انڌن کي ٻڌايو تہ جيڪو ماڻهو جنگ ۾ شريڪ نٿو ٿئي، اهو نٿو مري ڇا؟ ۽ موت کان محفوظ رهي ٿو ڇا؟ جيڪڏهن اوهان جو موت اچي تہ ان کي ٻاهر ڌڪاري ڪڍو ۽ اهڙي طرح هميشہ زندهہ رهو. جيڪڏهن اوهان پنهنجي ڳالهہ ۾ سچا آهيو تہ ائين ڪري ڏيکاريو. هنن بي سمجهہ ماڻهن کي ڪهڙي خبر تہ موت يا زندگي ڇا کي ٿا چون. هنن کي ٻڌائي ڇڏ تہ جيڪي ماڻهو الله جي راهہ ۾ ان جي نظام کي قائم رکڻ خاطر جان جو نذرانو پيش ڪن ٿا، انهن جي اهڙي موت بابت اهو گمان بہ نہ ڪريو تہ اهي مري چڪا آهن. (البقره: 154/2) پر هو سدا زندهہ آهن. (آل عمران 157/3-156) الله تعالىٰ وٽ هنن جي زندهہ جاويد رهڻ لاءِ هر قسم جي رزق جو سامان ميسر آهي. اهڙن جان نثارن جي جاويد زندگي کي موت ختم نہ ڪندو آهي. (طٰهٰ: 76/20-75) طبعي موت تہ هر جاندار لاءِ آهي. (آل عمران 185/3) جنهن مان ڪنهن کي بہ ڇوٽڪارو ناهي. (الزمر : 30/39) اهڙي طرح موت کان پوءِ واري زندگي بہ هر انسان لاءِ آهي. (البقره: 28/2) پر هت خاص طور انهن خوشنصيب حضرات جو ذڪر آهي، جيڪي الله جي خوشنوديءَ خاطر پنهنجي جان جي قرباني ڏيندا آهن. هنن جي زندگي کان جهنمين جي زندگي الڳ آهي، جهنمي نہ زندهہ هوندا آهن تہ نہ

مرده. (طٰهٰ: 74/20) هنن کي هر طرف کان موت ۽ موت نظر ايندو آهي. هو انهيءَ کشمکش ۾ سدا رهندا آهن. ۽ مرندا بہ نہ آهن. (ابراهيم: 17/14) پر اهل جنت جي زندگي خوشخبري ۽بشارت واري آهي. (البقره: 154/2) هي انعام جنگ ۾ شهيد ٿيندڙن ۽ الله جي راهہ ۾ جان قربان کندڙن لاءِ آهي. اهي ٻيا سڀ ماڻهو بہ انهيءَ نعمت ۾ شامل آهن، جيکي الله جي راهہ ۾ جدوجهد کندي، راهِ اجل اختيار کن ٿا. (آل عمران: 156/3، النساءِ: 74/4، الانفال 12/8-11) اهي الله جي نعمتن سان پنهنجو امتيازي مقام ڏسي ڏاڍو خوش ٿين ٿا ۽ جيکي ماڻهو هنن کان بعد دنيا ۾ باقي رهجي ويا آهن ۽ اجان هنن سان نہ مليا آهن، انهن لاءِ بہ هو خوشيون ملهائي رهيا آهن تہ هنن جي قرباني جي کري هنن جي دنياوي زندگي ۾ هر خطري ۽ هر غم کان محفوظ ٿي وئي آهي. اهي الله جي فضل ۽ نعمتن سان خوش آهن. هنن کي يقين آهي تہ الله ايمان وارن جو اجر ۽ ثواب ضايع نٿو کري. (البقره 154/2) نيکو کار جڏهن جنت ۾ داخل ٿيندا تہ پوءِ هو دنيا ۾ واپس اچڻ کان انکار کندا پر شهيد تمنا کندو تہ هن کي بار بار دنيا ۾ موکليو وڃي ۽ هو شهادت جي سعادت حاصل کندو رهي.

مرڻا اڳي جي مئا سي مري ٿيا نہ مات
هوندا سي حيات جئڻا اڳي جي جيا (شاهہ)

مقام ان کا غازی یا شانِ شہید
اِدھر بھی ہے عید اور اُدھر بھی ہے عید

(مشتاق سچاروی)

اَلَّذِيْنَ اسْتَجَابُوْا لِلّٰهِ وَالرَّسُوْلِ مِنْۢ بَعْدِ مَآ اَصَابَهُمُ الْقَرْحُ ۛ لِلَّذِيْنَ مع
اَحْسَنُوْا مِنْهُمْ وَاتَّقَوْا اَجْرٌ عَظِيْمٌ ۚ ﴿۱۷۲﴾ اَلَّذِيْنَ قَالَ لَهُمُ النَّاسُ اِنَّ النَّاسَ
قَدْ جَمَعُوْا لَكُمْ فَاخْشَوْهُمْ فَزَادَهُمْ اِيْمَانًا ۖۗ وَّقَالُوْا حَسْبُنَا اللّٰهُ وَنِعْمَ
الْوَكِيْلُ ﴿۱۷۳﴾ فَانْقَلَبُوْا بِنِعْمَةٍ مِّنَ اللّٰهِ وَفَضْلٍ لَّمْ يَمْسَسْهُمْ سُوْٓءٌ ۙ وَّاتَّبَعُوْا

رِضْوَانَ اللّٰهِ ؕ وَاللّٰهُ ذُوْ فَضْلٍ عَظِيْمٍ ﴿۱۷۴﴾ اِنَّمَا ذٰلِكُمُ الشَّيْطٰنُ يُخَوِّفُ اَوْلِيَآءَهٗ ۪
فَلَا تَخَافُوْهُمْ وَ خَافُوْنِ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿۱۷۵﴾

جن ماڻهن بہ زخم (چوٽ) کائڻ کان پوءِ بہ الله ۽ رسول (خاتم النبيين ﷺ) جي حڪم تي لبيڪ چئي (قبول ڪيو) انهن ۾ جيڪي حسن سلوڪ جا ڌڻي ۽ پرهيزگار آهن انهن لاءِ تمام وڏو اجر آهي. (172) هي اهي (انسان) آهن جن کي ماڻهن چيو تہ دشمن ماڻهو اوهان جي مقابلي لاءِ تمام وڏي انگ ۾ گڏ ٿي چڪا آهن، سو انهن کان ڊڄو تہ (انهي ڳالهہ) هنن جي ايمان ۾ وڌيڪ اضافو آندو ۽ (کين) چوڻ لڳا تہ اسان جو الله اسان لاءِ ڪافي آهي ۽ اهو ڪهڙو نہ سنو ڪارساز آهي. (173) پوءِ اهي (مسلمان) الله جي فضل ۽ نوازش سان واپس وريا. هنن کي ڪا بہ تڪليف ڪا نہ ٿي ۽ انهن الله جي رضا جي پيروي ڪئي (بيشڪ) الله تمام وڏو فضل ڪرڻ وارو آهي. (174) بيشڪ هي (ورغلائيندڙ) شيطان ئي آهي جيڪو (توهان کي ) پنهنجن دوستن کان ڊيڄاري ٿو. پوءِ توهان هن کان هرگز نہ ڊڄو ۽ جيڪڏهن مومن آهيو تہ پوءِ مون (الله) کان ڊڄندا ڪيو. (175)

جن ماڻهن الله ۽ ان جي رسول خاتم النبيين ﷺ جي سڏ تي مثبت موٽ ڏني ۽ جنگ لاءِ تيار ٿي ويا ، حالانڪہ هڪ سال اڳ جنگ احد ۾ چوٽ ۽ زخم ڪائي چڪا هئا. هنن مان اهڙن ماڻهن لاءِ جيڪي نيڪوڪار ۽ متقي آهن، يقيناً الله وٽ وڏو اجر آهي. (الانفال: 24/8) هو الله ۽ ان جي رسول خاتم النبيين ﷺ سان وفاداريءَ جو حق بهتر کان بهتر طريقي سان ادا ڪري رهيا آهن، جنهن ۾ ريا ۽ نفاق جو ذرا پر بہ عنصر موجود نہ آهي. هي اهو وقت آهي جڏهن جنگ احد جي شڪست بعد کين چيو ويو تہ اچو ڪافرن جو تعاقب ڪريون، اگرچہ حالات ناساز هئا، پر پوءِ بہ سچن مؤمنن ساٿ ڏنو. نبي اڪرم خاتم النبيين ﷺ مديني کان 8 ميل دور حمراءُ الاسد تائين ڪافرن جو پيڇو ڪيو. جڏهن ابوسفيان کي معلوم ٿيو تہ مسلمان پيڇو ڪري رهيا آهن تہ اهي مقابلي ڪرڻ بدران مکي واپس ڀڄي ويا. هي اهي

مجاهد ماڻهو آهن جن کي ڪجهه ماڻهن ٻڌايو ته اوهان جي خلاف دشمنن جنگ ڪرڻ لاءِ وڏو محاذ تيار ڪيو آهي، اوهان کي گهر جي ته هنن کان خوف ڪريو ۽ خوامخواهه هنن سان جنگ جوٽي بي وقتي موت نه مرو، انهيءَ ۾ اوهان جو ئي نقصان آهي. دشمنن واتان اهڙو دپ وارو پيغام ٻڌي خوف ڪرڻ بدران هنن جو ايمان اڃان وڌيڪ مضبوط ٿي ويو ۽ بي خوف و خطر ٿي چوڻ لڳا ته ڪافرن جو وڏو لشڪر آهي ته پلي هجي. زندگي طبعي طور ساهه ڪڍڻ جو نالو ناهي، اهڙي زندگي حيواني سطح جي زندگي آهي. اصل زندگي اها آهي، جيڪا الله جي دين واري نظام لاءِ جيئڻ ۽ مرڻ آهي، باقي حيوانن واري زندگي، زندگي نه آهي، پر جان نثارن وارو موت سداحيات واري زندگي آهي. الله تي اسان کي وڏو ڀروسو آهي، هو اسان جو سهارو ۽ ڪارساز آهي، جنهن جو ڪارساز ۽ حمايتي الله هجي ته پوءِ هن کان وڌيڪ سنو ڪهڙو ڪارساز ٿي سگهي ٿو. خدا تي توڪل ڪري هن جي سهاري بي ڌڙڪ جنگ جي ميدان ۾ ڪڏي پيا ۽ خدا جي فضل ۽ ڪرم سان خوش خورم ڪامياب ٿي واپس آيا، ڪين ڪو به اهنج يا ايذاءُ نه رسيو، هو الله جي خوشنودي ۾ سربڪف رهيا. هي سڀ الله جي فضل جو نتيجو هو ۽ الله تمام گهڻي فضل ڪرڻ وارو آهي.

شہیدوں کے لہو سے جو زمیں سیراب ہوتی ہے
بہت زرخیز ہوتی ہے، بہت شاداب ہوتی ہے
جدھر سے غازیانِ ملّتِ بیضا گذر جائیں
وہاں کی کنکری بھی گوہرِ نایاب ہوتی ہے (اقبال)

ياد رکو ته هنن سرڪش ۽ نافرمان قومن جي اها به هڪڙي چال آهي ته هو اوهان جي دلين ۾ پنهنجي همنوا ساٿين جو خوف پيدا ڪري، اوهان کي جهاد في سبيل الله کان روڪڻ جي ڪوشش ڪن. (الزمر: 36/39) پر الله مؤمنن جي مدد لاءِ ڪافي آهي ۽ هنن کان ڊڄڻ جو ڪو به سبب نه آهي. ڊڄڻ ته انهن کي گهرجي جيڪي الله جي حڪمن جي نافرماني ڪن ٿا. (يونس: 62-65/10) اوهان مؤمنن کي الله جي مدد حاصل آهي. ان ڪري جڏهن به اهي شيطان ماڻهو اوهان کي شش و پنج ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ته اوهان پنهنجو رابطو الله سان رکو. چا الله پنهنجي ٻانهي جي حمايت لاءِ ڪافي ناهي. ”كَتَبَ اللّٰهُ لَاَغْلِبَنَّ اَنَا وَرُسُلِيْ“

(المجادله: 21/58) الله جو اهو فيصلو آهي تہ آءٌ (الله) ۽ رسول ﷺ غالب رهنداسون.
”اَلَيْسَ اللّٰهُ بِكَافٍ عَبْدَهٗ“ (الزمر: 36/39) ڇا الله مؤمن ٻانهن جي حمايت لاءِ ڪافي نہ آهي ؟ (آهي).

وَلَا يَحْزُنْكَ الَّذِيْنَ يُسَارِعُوْنَ فِي الْكُفْرِ ۚ اِنَّهُمْ لَنْ يَّضُرُّوا اللّٰهَ شَيْـًٔا ۗ
يُرِيْدُ اللّٰهُ اَلَّا يَجْعَلَ لَهُمْ حَظًّا فِي الْاٰخِرَةِ ۚ وَلَهُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿١٧٦﴾ اِنَّ
الَّذِيْنَ اشْتَرَوُا الْكُفْرَ بِالْاِيْمَانِ لَنْ يَّضُرُّوا اللّٰهَ شَيْـًٔا ۚ وَلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿١٧٧﴾
وَلَا يَحْسَبَنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اَنَّمَا نُمْلِيْ لَهُمْ خَيْرٌ لِّاَنْفُسِهِمْ ۗ اِنَّمَا نُمْلِيْ لَهُمْ
لِيَزْدَادُوْٓا اِثْمًا ۚ وَلَهُمْ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ ﴿١٧٨﴾

(اي حبيب ﷺ) جيڪي ماڻهو ڪفر جي مدد ڪرڻ ۾ اڳرا آهن، اهي تو کي ڏکارو نہ ڪن. اهي الله جي دين جو ڪجھ بگاڙي نٿا سگهن. الله گهري ٿو تہ آخرت ۾ انهن لاءِ ڪو حصو نہ هجي ۽ هنن لاءِ زبردست عذاب آهي. (176) بيشڪ جن ماڻهن ايمان جي عيوض ڪفر خريد ڪيو آهي( يعني ايمان تي ڪفر کي ترجيح ڏني آهي) اهي الله جو ڪو بہ نقصان ڪو نہ ڪري سگهندا. انهن لاءِ درد انگيز عذاب آهي. (177) ۽ ڪافر اهو گمان هرگز نہ ڪن تہ اسان جيڪا هنن کي مهلت ڏئي رهيا آهيون، (اها) هنن جي لاءِ بهتر آهي. اسان اها مهلت انهن کي رڳو انهيءَ لاءِ ڏئي رهيا آهيون تہ جيئن هو گناهن ۾ وڌيڪ اضافو آڻين ۽ انهن لاءِ (بالا آخر) ذلت ڀريو عذاب آهي. (178)

هن ۾ ڪو شڪ ناهي تہ هي صبر آزما، اعصاب شڪن ۽ جان ليوا مرحلا جن مان اسلام جي ابتدائي دور کي گذرڻو تي پيو، مشڪلات پيدا ڪرڻ ۾ گهٽ نہ هيا ۽ منافقن جو وقت تي ڏوڪو ڏئي وڃڻ بہ گهٽ فتنو نہ هيو. جنهن جو حساس قلب نبيءَ تي تاثر ڏيڻ تعجب خيز نہ هيو. انهن حالتن ۾ نبي محترم ﷺ ۽ سندس جماعت کي تسلي ڏيڻ

۽ همت برقرار رکڻ لاءِ هنن آيتن جو نزول ٿيو تہ اي رسول خدا ﷺ جيڪي ماڻهو ڪفر ۾ جنهن تيزي سان وڃي رهيا آهن، يا ڪفر جي مدد ڪرڻ ۾ تيزي ڪري رهيا آهن، توکي ان ۾ رنجيده دل هئڻ جي ضرورت ناهي. اهي ماڻهو پنهنجي ڪفر ۽ سرڪشي سبب الله جو ۽ الله جي نظام جو ڪجهہ بہ بگاڙي نٿا سگهن. اهڙي روش سبب هنن جو پنهنجو ئي نقصان هوندو. هو دنيا ۾ ڪجهہ عارضي فائده حاصل ڪري سگهن ٿا، پر آخرت جي نعمتن ۾ انهن جي حصي ۾ ڪجهہ نہ آهي، ڇو تہ الله جو قانون مڪافات اهڙو ئي آهي. انهن جي لاءِ دردناڪ عذاب آهي. جنهن ۾ هنن جو ذلت ۽ خواري ۾ مري وڃڻ ۽ تباهہ ٿي وڃڻ بہ شامل آهي. جن ماڻهن ايمان جي قيمتي موڙي ڏئي ڪفر جهڙي نقصانڪار عمل جو سودو ڪيو آهي تہ اهي خدا جو ڪجهہ بہ بگاڙي نٿا سگهن. خدا جو نظام دائم قائم رهندو. اهڙي روش اختيار ڪري هنن پنهنجو نقصان ڪيو آهي، جنهن جي ڪري ذلت ۽ خواريءَ وارو عذاب انهن جو مقدر آهي. هن دنيا ۾ نيڪي ۽ بدي، حق ۽ باطل، سچ ۽ ڪوڙ اختيار ڪندڙن کي مهلت ملي ٿي. ان ڪري سوچڻ گهرجي تہ آخرڪار ڪاميابي ۽ ڪامراني ڪنهن جي آهي، حق کي هميشہ ڪاميابي ۽ باطل جي حصي ۾ شڪست آهي، جن ماڻهن انهيءَ خدائي مهلت جو ناجائز فائدو وٺندي ايمان جي موڙي عوض ڪفر اختيار ڪيو تہ اهي الله جي نظام کي ڪو بہ نقصان پهچائي نٿا سگهن. اهڙن ماڻهن لاءِ سندن ڪڌن ڪرتوتن سبب دنيا ۽ آخرت ۾ دردناڪ عذاب آهي. هي جو ڪافرن کي اسان مهلت ڏئي زندگي جو سرو سامان مهيا ڪيون ٿا ۽ بظاهر هنن جون ضرورتون پوريون ٿينديون ٿيون رهن، هي خدا جي رحمت جو اظهار آهي، ان ڪري اهو سوچڻ غلط آهي تہ ڪافرن کي قانون شڪني ۽ حق کان انڪار تي يڪدم پڪڙ ڇو نہ ٿي ٿئي، ان ڪري تہ عمل ۽ نتيجي درميان مهلت جو قانون موجود آهي، جيڪو اتمام حجت جي صورت ۾ حرڪت ۾ اچي ٿو، پر جيڪڏهن هو پنهنجن بداعمالين کان باز اچڻ وارا نہ آهن تہ هو انهيءَ مهلت واري عرصي دوران وڌيڪ گناهن جا مرتڪب ٿيندا ۽ آخرڪار هنن کي پنهنجي عملن جو حساب ڏيڻو پوندو. جنهن ۾ هنن لاءِ ذليل ۽ رسوا ڪندڙ عذاب آهي.

موتي منجهہ انسان، عالم ڪنا اڳرو
اتاهون عرفان، جن ويترا سي وترا

هن بيت ۾ سلطان الاولياء خواجہ محمد زمان رحمة الله عليه لنواري شريف جن فرمائين ٿا تہ انسان جي اندر ۾ جيڪو بي بها موتي آهي، اهو هن پوري عالم کان قيمتي آهي، جنهن جي ڪري انسان حدِ ڪمال تي پهچي ٿو. پر ان کي ترڪ ڪرڻ سان ذلت جي آڙاهہ ۾ ڪري ٿو.

مَا كَانَ اللّٰهُ لِيَذَرَ الْمُؤْمِنِيْنَ عَلٰى مَآ اَنْتُمْ عَلَيْهِ حَتّٰى يَمِيْزَ الْخَبِيْثَ مِنَ الطَّيِّبِ ؕ وَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيُطْلِعَكُمْ عَلَى الْغَيْبِ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ يَجْتَبِيْ مِنْ رُّسُلِهٖ مَنْ يَّشَآءُ ۠ فَاٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَرُسُلِهٖ ۚ وَاِنْ تُؤْمِنُوْا وَتَتَّقُوْا فَلَكُمْ اَجْرٌ عَظِيْمٌ ﴿۱۷۹﴾ وَلَا يَحْسَبَنَّ الَّذِيْنَ يَبْخَلُوْنَ بِمَآ اٰتٰىهُمُ اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ هُوَ خَيْرًا لَّهُمْ ؕ بَلْ هُوَ شَرٌّ لَّهُمْ ؕ سَيُطَوَّقُوْنَ مَا بَخِلُوْا بِهٖ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ وَلِلّٰهِ مِيْرَاثُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ﴿۱۸۰﴾ ع ۱۸ ۹

۽ الله مسلمانن کي هرگز انهي حال ۾ ڪو نہ ڇڏيندو، جنهن حال ۾ (هن وقت) اوهان آهيو. جيستائين هو ناپاڪ کي پاڪ کان الڳ نہ ڪري ۽ اهو بہ الله جي شايان شان نہ آهي تہ توهان (عام الناس) کي غيب کان واقف ڪري پر الله پنهنجي رسولن مان جنهن کي گهري (غيب جو علم عطا ڪرڻ ) لاءِ منتخب ڪري ٿو. سو اوهان الله ۽ ان جي رسول سڳورن تي ايمان آڻيو ۽ جيڪڏهن اوهان مشرف بہ ايمان ٿيو ۽ تقوىٰ اختيار ڪريو تہ اوهان لاءِ اجر عظيم آهي. (179) ۽ جيڪي ماڻهو هن (مال و دولت) کي (الله جي راهہ ۾) خرچ ڪرڻ کان ڪنجوسي ڪن ٿا جيڪو (مال) الله هنن کي پنهنجي فضل سان عطا ڪيو آهي تہ اهي هن بخل کي پنهنجي حق ۾ هرگز سٺو نہ سمجهن. پر اهو هنن جي حق ۾ برو آهي. عنقريب قيامت واري ڏينهن اهو مال انهن جي ڳچي جو ڳٽ هوندو، جنهن جو اهي بخل ڪندا رهيا آهن ۽ الله ئي آسمانن ۽ زمين جو وارث

آهي. (يعني دنيا توڙي آخرت ۾ اهو ئي مالڪ آهي) ۽ الله توهان جي سمورن ڪمن ڪان بخوبي واقف آهي. (180)

---

ائين بہ ناهي جو الله ايمان وارن کي هميشہ انهيءَ حالت ۾ رهڻ ڏئي، جنهن حالت ۾ هو هينئر رهي رهيا آهن. هن وقت منافق ۽ مؤمن گڏ زندگيءَ گذاري رهيا آهن، پر ائين هميشہ نہ رهندو، الله آزمائش ذريعي ضرور ناپاڪ کي پاڪ کان الڳ ڪري ڇڏيندو. (البقره: 2/21-44-155، آل عمران: 3/ 186-142، التوبه: 9/ 116) تہ جيئن منافق ۽ مؤمن جي الڳ الڳ سڃاڻپ ٿئي. الله جو اهو دستور ناهي تہ جن ماڻهن جي دلين ۾ نفاق آهي، انهن جا نالا وٺي اوهان کي غيب جي هن خبر کان آگاهہ ڪري پر هو پنهنجي رسولن مان جنهن کي گهري تہ هو ان کي هن ڪم لاءِ چونڊي ٿو ۽ جيڪو انهن کي ٻڌائڻو هوندو آهي اهو ٻڌائيندو آهي. (الجن: 72/28-27-26) هينئر بہ جيتري خبر هن کي پنهنجي هن رسول خاتم النبيين صلی الله علیه وآله کي ڏيڻي هوندي اها ڏيندو. ان ڪري منافقن کي چيو ٿو وڃي تہ اي منافقو! اوهان کي آخري مهلت ڏجي ٿي، جنهن ۾ پنهنجي اصلاح ڪري الله ۽ ان جي رسول خاتم النبيين صلی الله علیه وآله تي سچي دل سان ايمان آڻيو، جيڪڏهن ماضيءَ جي غلطين ۽ گناهن باوجود هينئر بہ سچي دل سان ايمان قبول ڪيو ۽ اڳتي برائين کان پاڻ کي بچايو ۽ پرهيزگاريءَ جو رستو اختيار ڪريو تہ اوهان لاءِ الله پاران بي انتها اجر ۽ ثواب هوندو.

باز آ باز آ، هرچہ هستی باز آ

***

ڪافر آهين مشرڪ آهين، ايمان ڏانهن وري اچ.

الله جي هن ڪائناتي نظام ۾ تمام انسانن جي پرورش شامل آهي، ڇو تہ هو رب العالمين آهي، سو جيڪي ماڻهو الله طرفان ڪين مليل مال دولت ۽ معاش جو سامان ضرورتمند ماڻهن کي نٿا ڏين ۽ الله جي راهہ ۾ خرچ ڪرڻ بدران اهي بخل ۽ ڪنجوسي کن ٿا تہ سندن اهو رويو هنن لاءِ چڱو نہ آهي. (البقره: 2/ 261) اها روش هنن جي خرابي ۽ تباهيءَ جو سبب آهي، ڇو تہ جيڪا قوم قرآني نظام جي ابتڙ زندگي اختيار ڪري ٿي، ان جو وجود مٽجي وڃي ٿو. (محمد: 47 /38) عنقريب اهو مال متاع جيڪو بخل ڪري

ضرتمندن کي نتا ڏين حساب ڪتاب واري ڏينهن عذاب طور هنن جي ڳچي جو ڳٽ ڪري وڌو ويندو. (البقره: 2/ 268- 267- 254، التوبه: 9/ 35- 34، ابراهيم: 30/14) ياد رکو ته اهو مال متاع ۽ ڌن دولت سڀ الله تعالیٰ جي ملڪيت ۽ ميراث آهي، جنهن انسان کي تمام انسانن جي فائدي لاءِ پيدا ڪيو آهي. (الرحمٰن: 10/55) حديث مبارڪ آهي: ”خَيْرُ النَّاسِ مَنْ يَّنْفَعُ النَّاسَ“ ڀلو انسان اهو آهي، جنهن مان انسان کي فائدو پهچي. ان ڪري ڪنهن کي به رڳو پنهنجي لاءِ دولت جا ذخيرا مخصوص ڪري ٻين کي محروم ڪرڻ جو ڪو حق ناهي ۽ اهو رويو مشيت خداوندي جي خلاف آهي. ان ڪري ڪين ٻڌايو ته اوهان جيڪي ڪجهه ڪري رهيا آهيو، الله ان کان پوري طرح باخبر آهي ۽ ان جو بدلو اوهان کي ضرور ملندو. هن ڪان اڳ ربا جي لعنت کي الله ۽ ان جي رسول خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ ﷺ سان جنگ قرار ڏنو ويو هو. هاڻي بخل جي مذمت ڪئي وڃي ٿي. بخل به انساني معاشري لاءِ دولت جي ارتڪاز جو سبب هجي ٿو. (التوبه: 9/ 35- 34)

لَقَدْ سَمِعَ اللّٰهُ قَوْلَ الَّذِيْنَ قَالُوْٓا اِنَّ اللّٰهَ فَقِيْرٌ وَّنَحْنُ اَغْنِيَآءُ ۘ سَنَكْتُبُ مَا قَالُوْا وَقَتْلَهُمُ الْاَنْۢبِيَآءَ بِغَيْرِ حَقٍّ ۙ وَّنَقُوْلُ ذُوْقُوْا عَذَابَ الْحَرِيْقِ ﴿۱۸۱﴾ ذٰلِكَ بِمَا قَدَّمَتْ اَيْدِيْكُمْ وَاَنَّ اللّٰهَ لَيْسَ بِظَلَّامٍ لِّلْعَبِيْدِ ﴿۱۸۲﴾ ج

وقف لازم

بيشڪ الله انهن جي اها گفتگو ٻڌي ورتي آهي، جو هو چون ٿا ته الله محتاج آهي. ۽ اسان غني آهيون. هنن جون اهي سموريون ڳالهيون ۽ انبيا (ڪرام) کي هنن پاران ناحق قتل ڪرڻ به لکي رهيا آهيون ۽ (حساب ڪتاب واري ڏينهن) اسان ڪين چونداسون ته (هاڻي) ساڙيندڙ عذاب جو مزو چکو (181) هي (عذاب) انهن جي عمل جو بدلو آهي، جيڪو اوهان جا هٿ خود اڳتي موڪلي چڪا آهن. بيشڪ الله ظلم ڪرڻ وارو نه آهي. (182)

جڏهن سورة البقره جي هيءَ آيت نازل ٿي: ”مَنْ ذَا الَّذِيْ يُقْرِضُ اللّٰهَ قَرْضًا حَسَنًا“ اهو ڪير آهي، جيڪو الله کي قرضِ حسنه ڏئي ته يهودين چيو ته اوهان جو الله فقير آهي،

جو اسان کان قرض گھري ٿو. گويا هو پاڻ کي غني ۽ الله کي فقير ڄاڻ لڳا. هنن جي خيال ۾ الله فقير ۽ محتاج ٿي ويو آهي. ان جي مقابلي ۾ اسان غني ۽ مالدار آهيون، تڏهن ته الله اسان کان قرض گھري ٿو. نهايت ٿورڙي سمجھ وارو ماڻهو به اهو سمجهي سگھي ٿو ته زمين، آسمانن جي خزانن جو مالڪ خدا تعالىٰ آهي، جنهن به ماڻهوءَ وٽ مال دولت آهي، اها هن جي ربوبيت ۽ رحمت آهي، جو اهو مال حقيقت ۾ هن جي ئي عطا آهي، سو انسان کان الله جي راهه ۽ انسان جي بهبود ۾ خرچ ڪرڻ کي قرض سڏي. اها رقم ٻيڻي ٽيڻي ڪري، واپس ڪري ٿو. يهودين جو هي خيال باطل آهي ۽ جهالت تي مبني آهي. الله کي علم آهي ۽ هن منافقن جي اها ڳالهه ٻڌي ورتي آهي ته اسان غني آهيون ۽ ڪنهن جا به محتاج ناهيون، اسان وٽ ڪافي مال و دولت جا ذخيرا آهن، الله محتاج آهي جو بار بار ان جي نالي تي الله جي راهه ۾ اسان کان مال گھريو ٿو وڃي. (المزمل: 20/73) ڪڏهن چون ٿا ته اسان انهن غريب مسلمانن جي مدد ڇو ڪريون. جيڪڏهن خدا هنن کي خوشحال رکڻ گھري ها ته خوشحال رکي ها، پر الله نه گھريو، پوءِ اسان ڇو هنن جي مدد ڪريون. (يٰس: 47/36) اسان هنن جي هڪ هڪ ڳالهه کي نوٽ ڪري رهيا آهيون، هي جو انفاق في سبيل الله جو مذاق ڪري رهيا آهن، پاڻ کي غني ۽ الله کي محتاج فقير چئي رهيا آهن، عنقريب ان بداعماليءَ جي سزا طور هي محتاج ۽ بدحال ٿي ويندا. جنهن مال و دولت تي آڪڙجي رهيا آهن، اهو هنن جي هٿن مان نڪري ويندو ۽ سندن غرور مٽيءَ ۾ ملي ويندو. هي يهودي پنهنجي هن دولت جي نشي ۾ حق جي پيغمبرن جو پيغام ٻڌڻ بدران انهن کي ناحق قتل ڪرڻ جا ذميوار آهن. ان ڪري اسان ڪين نبين سڳورن کي ناحق قتل ڪرڻ جي سزا طور هنن کي چونداسون ته پنهنجي غلط بياني ۽ بداعمالي جي سزا طور جهنم جي عذاب جو مزو چکو. هي اهي منافق هئا جيڪي يهوديت سان ايمان جي دعوىٰ رکندا هئا، پر سندن دل ۽ عقيدي مان يهوديت ڪا نه نڪتي هئي ۽ سچي دل سان ايمان ڪونه آندو هو. ڪين چيو ويندو ته هي اهي ڪارناما آهن، جيڪي اوهان پاڻ اڳتي لاءِ موڪليا هئا. اوهان اهڙا بداعمال ڪري پاڻ سان پاڻ ظلم ڪيو آهي. الله هرگز پنهنجن ٻانهن تي ظلم نه ڪندو آهي. (النحل: 111/16، حٰم السجده: 46/41) الله تعالىٰ اوهان کي اختيار ۽ ارادي

جو مالڪ بنايو آهي تہ ان کي صحيح طور استعمال ڪريو، جنهن ۾ خود اوهان جي نشونما، ترقي ۽ خوشحاليءَ جي ضمانت آهي. خدا کي پورو اختيار ۽ قوت هئي تہ هو اوهان کي بہ باقي مخلوقات وانگر بجبر هڪ رستي تي لڳائي ڇڏي ها ۽ انسان کي قبول ڪرڻو پوي ها. (الانعام: 149/6، النحل: 135/16، الزخرف: 20/43)

اَلَّذِيْنَ قَالُوْٓا اِنَّ اللّٰهَ عَهِدَ اِلَيْنَآ اَلَّا نُؤْمِنَ لِرَسُوْلٍ حَتّٰى يَاْتِيَنَا
بِقُرْبَانٍ تَاْكُلُهُ النَّارُ ؕ قُلْ قَدْ جَآءَكُمْ رُسُلٌ مِّنْ قَبْلِيْ بِالْبَيِّنٰتِ وَبِالَّذِيْ
قُلْتُمْ فَلِمَ قَتَلْتُمُوْهُمْ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿١٨٣﴾ فَاِنْ كَذَّبُوْكَ فَقَدْ كُذِّبَ رُسُلٌ
مِّنْ قَبْلِكَ جَآءُوْ بِالْبَيِّنٰتِ وَالزُّبُرِ وَالْكِتٰبِ الْمُنِيْرِ ﴿١٨٤﴾ كُلُّ نَفْسٍ ذَآئِقَةُ
الْمَوْتِ ؕ وَاِنَّمَا تُوَفَّوْنَ اُجُوْرَكُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ فَمَنْ زُحْزِحَ عَنِ النَّارِ
وَاُدْخِلَ الْجَنَّةَ فَقَدْ فَازَ ؕ وَمَا الْحَيٰوةُ الدُّنْيَآ اِلَّا مَتَاعُ الْغُرُوْرِ ﴿١٨٥﴾

جيڪي ماڻهو (يهود) ائين چون ٿا تہ الله اسان کي اهو حڪم ڏنو آهي تہ اسان ڪنهن بہ پيغمبر تي تيستائين ايمان نہ آڻيون جيستائين هو (پنهنجي رسالت جي ثبوت ۾) اهڙي قرباني پيش نہ ڪري جنهن کي باهہ کائي وڃي. (اي حبيب ﷺ) تون هنن کي چئو تہ مون کان اڳ ڪيترائي رسول واضح نشانين سان آيا ۽ اها نشاني بہ کڻي آيا، جنهن جي اوهان گهر ڪري رهيا هيو پر ان جي باوجود توهان هنن کي ڇو شهيد ڪري ڇڏيو، جيڪڏهن اوهان (پنهنجي دعوىٰ ۾) سچا آهيو. (183) ان جي باوجود بہ جيڪڏهن هو توکي ڪوڙو سمجهن تہ (منهنجا محبوب غمگين نہ ٿيو) توکان اڳ بہ ڪيترن رسولن کي ڪوڙو قرار ڏنو ويو، توڙي هو چٽيون نشانيون، صحفيا ۽ روشن ڪتاب کڻي آيا. (184) هر جاندار کي موت جو مزو چکڻو آهي ۽ اوهان جو پوري جو پورو اجر تہ قيامت

ڏينهن اوهان کي ڏنو ويندو. پوءِ جيڪو دوزخ کان بچايو ويو ۽ جنت ۾ داخل ڪيو ويو ته اهو واقعي ڪامياب ٿي ويو، دنياوي زندگي ڏوکي جي سامان کان سواءِ ڪجهه به نه آهي. (185)

اهي منافق چون ٿا ته تورات ۾ الله اسان کان عهد اقرار ورتو آهي ته اسان ڪنهن به رسول تي تيستائين ايمان نه آڻيون، جيستائين هو اسان وٽ اهڙي قرباني پيش نه ڪري جنهن کي باهه کائي ختم نه ڪري. اهڙي جواب جي موٽ ۾ هنن کان پڇ ته جيڪڏهن حق قبول ڪرڻ لاءِ اوهان جو اهو شرط آهي ته پوءِ هن کان اڳ اوهان وٽ خدا جا رسول حق ۽ سچائي جو پيغام دليلن ذريعي کڻي آيا ۽ پنهنجي قرباني باهه جي حوالي ڪرڻ جا منظر به پيش ڪيا ته پوءِ اوهان هنن جي دعوت کي ڇو قبول نه ڪيو ۽ ڇو انهن تي ايمان آڻڻ بدران انهن کي ناحق قتل ڪيو. دراصل اوهان پنهنجي ڳالهه ۾ سچا ناهيو. حقيقت ۾ اهي سوال جواب هنن جا بهانا هئا. ايمان نه قبول ڪرڻ لاءِ اهڙا هٺ نوڪيا معجزا گهري رهيا هئا. ڪين پڌايو ته هابيل قابيل جي قصي ۾ به اهڙي باهه جو ذڪر آهي. (المائده: 27/5) اي پيغمبر حق خاتم النبيين ﷺ هي منافق تولو جيڪڏهن هينئر توکي نٿو مڃي ۽ ڪوڙو سمجهي ٿو ته رڳو تنهنجي تڪذيب نٿو ڪري، پر الله جي آيتن جي تڪذيب ڪري ٿو. (الانعام: 33/6- 34) هنن جو اهو رويو رڳو تو سان نه آهي، پر توکان اڳ ڪيترائي رسول آيا، جن ۾ حضرت الياس عليه السلام قرباني ڪري گوشت باهه ۾ ساڙڻ جهڙا مطالبا پورا ڪيا، روشن دليل حڪمت ۽ نصيحت سان ڀرپور شريعت ۽ صحيفا ڏنا پر پوءِ به هنن ايمان نه آندو ۽ پنهنجي ضد ۽ هٺ تي قائم رهيا، جنهن جي ڪري هو گمراهه ٿي ويا. هنن جو معاملو ختم ٿي نه چڪو آهي، پر عناد ڪندڙ هجن يا تصديق ڪندڙ هجن، انهن جي اعمال جو پورو حساب ٿيڻ وارو آهي. مرڻ سان ٻي زندگي شروع ٿي ويندي. هر هڪ کي پنهنجي ڪارڪردگيءَ جو بدلو ملندو، جنهن ۾ ڪو به شڪ ناهي. موت برحق آهي. "كُلُّ نَفْسٍ ذَآئِقَةُ الْمَوْتِ" حق اليقين آهي. "كُلُّ مَنْ عَلَيْهَا فَانٍ ۝ وَّيَبْقٰى وَجْهُ رَبِّكَ ذُو الْجَلٰلِ وَالْاِكْرَامِ ۝" (الرحمٰن: 55/ 26- 27) جو چٽو حڪم موجود آهي.

مسلمانو! ياد رکو تہ هر ساهہ واري کي ضرور مرڻو آهي ۽ موت جو مزو چکڻو آهي ۽ اوهان کي جيڪو اوهان جي عملن جو بدلو ملڻو آهي، اهو قيامت جي ڏينهن پورو پورو ملندو، ان ڏينهن جيڪو ماڻهو دوزخ جي باهہ کان بچايو ويو ۽ جنت ۾ داخل ڪيو ويو تہ اصل ڪاميابي انهي جي هوندي. (الزمر: 61/39) هي دنيا تہ ڌوکي ۽ فريب جو سامان آهي. (البقره 201/2، يونس 10/94-26) بلڪ دنيا ۾ رهي انهن نسبتن ۽ لاڳاپن باوجود پنهنجو دامن پاڪ صاف رکڻ ۽ دنياداري جي فريب ۽ ڌوکي ۾ نہ اچڻ ئي اصل ڪاميابي آهي، جنهن سان هن کي هن دنيا جون خوشگوار بهارون بہ ملنديون ۽ آخرت ۾ جنت جا سرسبز باغ، ميوا ۽ رزق ملندو. (البقره: 201/2، يونس: 10/63- 64، ابراهيم: 27/14)

چيست دنيا از خدا غافل بُدن

نے متاع و نقره و فرزند زن

الله کان درويءَ جو نالو دنيا داري آهي، باقي مال متاع سون چاندي زال اولاد دنيا نہ آهي.

جيڪڏهن انهن جي محبت بہ الله کان دور رکي، تہ پوءِ انهن کي بہ دنيا سڏبو. (المنافقون: 9/63، التغابن: 14/64)

لَتُبْلَوُنَّ فِيْٓ اَمْوَالِكُمْ وَاَنْفُسِكُمْ ۣ وَلَتَسْمَعُنَّ مِنَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ مِنْ قَبْلِكُمْ وَمِنَ الَّذِيْنَ اَشْرَكُوْٓا اَذًى كَثِيْرًا ۭ وَاِنْ تَصْبِرُوْا وَتَتَّقُوْا فَاِنَّ ذٰلِكَ مِنْ عَزْمِ الْاُمُوْرِ ۱۸٦ وَاِذْ اَخَذَ اللّٰهُ مِيْثَاقَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ لَتُبَيِّنُنَّهٗ لِلنَّاسِ وَلَا تَكْتُمُوْنَهٗ ۡ فَنَبَذُوْهُ وَرَاۗءَ ظُهُوْرِھِمْ وَاشْتَرَوْا بِهٖ ثَمَنًا قَلِيْلًا ۭ فَبِئْسَ مَا يَشْتَرُوْنَ ۱۸۷

اي مسلمانو! توهان کي ضرور بضرور توهان جي مال و متاع ۽ توهان جي جان بابت آزمايو ويندو ۽ اوهان کي هر حال ۾ انهن ماڻهن جن کي توهان کان اڳ

ڪتاب ڏنا ويا آهن، (يهود و نصاريٰ) ۽ انهن ماڻهن جيڪي مشرڪ آهن، جي
بي انداز ايذاء ۽ تڪليف سهڻي پوندي ۽ جيڪڏهن اوهان صبر اختيار ڪيو ۽
تقويٰ ڪندا رهيا ته اهو وڏي جرئت ۽ همت جو اظهار هوندو. (186) ۽ جڏهن الله
طرفان انهن ماڻهن کان پڪو وعدو ورتو ويو هيو، جن کي ڪتاب ڏنو ويو هيو،
ته توهان ضرور ان (ڪتاب جي احڪامن) کي صاف صاف بيان ڪندو ۽ ان کي
ڳجهو نه رکندو ته هنن انهي عهد کي پٺي پنيان اڇلائي ڇڏيو (پورو نه ڪيو)
جنهن جي عيوض ٿورڙي قيمت وصول ڪئي سو اها ان جي نهايت بري
خريداري (ترجيح) آهي. (187)

مسلمانن کي خطاب آهي ته هاڻي اوهان کي آگِ خليل مان گذرڻو پوندو. جان ۽ مال جي قرباني ڏيڻي پوندي. قيد و بند جون صعوبتون ڏسڻيون پونديون. اذيت ۽ آزمائش جا امتحان پاس ڪرڻا پوندا. اهڙين هولناڪ حالتن ۾ اوهان جي ثابت قدمي ۽ صبر جي قوت مطلوب آهي. نظام باطل خلاف نعرهِ تڪبير هڻي "الله اڪبر" چئي دينِ حق کي غالب ڪرڻو آهي. حق ۽ باطل جي جنگ ۾ اوهان جو هنن ماڻهن سان مقابلو رهندو. انهي دوران اهڙا به موقعا ايندا، جنهن ۾ اوهان کي مال ۽ جان جو نقصان به برداشت ڪرڻو پوي. (البقره: 2/57-55، الحجر: 15/96-99، المزمل 3/10) هنن اهل ڪتاب ۽ مشرڪن جي واتان اوهان کي ڏک ڏيندڙ ڳالهيون به ٻڌڻيون پونديون. اوهان کي جسماني ايذاء رسانيءَ ۾ به ڪمي نه ڪندا، پوءِ جيڪڏهن اوهان انهن سڀني مشڪلاتن جو عزم و همت ۽ صبر و استقامت سان ثابت قدم ٿي مقابلو ڪيو ۽ تقويٰ جو طريقو اختيار ڪندي خدا جي قانون ۽ حڪمت جي پابنديءَ سان بجا آوري ڪئي ته بلاشڪ هي اوهان جي عزم ۽ همت و جرئت جو دليل هوندي. (آل عمران: 3/179) دين انفرادي حيات جو نالو نه آهي، پر دين اجتماعي زندگيءَ جو نالو آهي، جنهن ۾ اجتماعي طور باطن جي قوتن سان ٽڪرائڻو پوي ٿو. (الصف: 9/61) باقي جو هينئر هي چئي رهيا آهن ته 'الله اسان کان هي عهد ورتو هيو' اهو غلط چون ٿا. دراصل هنن کان جيڪو عهد ورتو ويو هو، سو اهو هو ته جيڪو ڪجهه اوهان

ڪي وحيءَ جي ذريعي ڏنو ويو آهي، اهو لڪائي نہ رکجو پر ماڻهن ڪي پوري طرح کولي بيان ڪجو. پر هنن اهڙي چٽي عهد ڪي پنيءَ پٺيان اڇلائي ڇڏيو ۽ ان تي عمل نہ ڪيو پر هو پنهنجي جڙتو ۽ خود ساختہ شريعت تي عمل ڪرڻ لڳا ۽ قانون خداوندي ڪي پنهنجي ٿورن ٿورن ذاتي فائدن عيوض فروخت ڪيو ۽ هي ڪهڙو نہ حقير ملهہ ۽ خساري وارو سودو آهي. (البقره: 16/2) حديث شريف ۾ آهي: "مَنْ كَتَمَ عِلْمًا أُلْجِمَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ بِلِجَامِ النَّارِ" جنهن علم ڪي لڪايو، ان ڪي دوزخ ۾ باهہ جو لغام پارايو ويندو. جنهن تي هو حق فروشي ڪري رهيا آهن. جنهن جي نتيجي ۾ هنن لاءِ دنيا ۾ ذلت ۽ خواري ۽ آخرت ۾ سخت عذاب جي خوشخبري آهي. (البقره 16/2)

قريا ڏسي ڦيڻ ڪرين ڪير نہ چڪيو
دنيا ڪارڻ دين وڃائي ولها ٿيا. (شاهہ)

لَا تَحْسَبَنَّ الَّذِيْنَ يَفْرَحُوْنَ بِمَآ اَتَوْا وَّيُحِبُّوْنَ اَنْ يُّحْمَدُوْا بِمَا لَمْ يَفْعَلُوْا
فَلَا تَحْسَبَنَّهُمْ بِمَفَازَةٍ مِّنَ الْعَذَابِ ۚ وَلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿۱۸۸﴾ وَلِلّٰهِ مُلْكُ ع ١٩ ١٠
السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ وَاللّٰهُ عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿۱۸۹﴾ اِنَّ فِيْ خَلْقِ السَّمٰوٰتِ
وَالْاَرْضِ وَاخْتِلَافِ الَّيْلِ وَالنَّهَارِ لَاٰيٰتٍ لِّاُولِي الْاَلْبَابِ ﴿۱۹۰﴾

تون اهڙن ماڻهن ڪي هرگز (ڪامياب) خيال نہ ڪر جو هو پنهنجي ڪارنامن تي خوش ٿي رهيا آهن. هنن جي خواهش آهي تہ هو ڪجهہ بہ نہ ڪن تہ بہ هنن جي تعريف ڪئي وڃي. پوءِ تون هنن ڪي عذاب کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ وارو نہ سمجهجانءِ. هنن جي لاءِ درد ناڪ عذاب آهي. (188) سمورن آسمانن ۽ زمين تي خدا جي بادشاهي آهي ۽ الله هر شيءِ تي قدرت رکي ٿو (سو تون يقين ڪر تہ هنن جو نهايت برو انجام ٿيڻ وارو آهي). (189) بيشڪ آسمانن ۽ زمين جي

**تخليق ۾ ۽ رات ۽ ڏينهن جي گردش ۾ عقل و دانش رکڻ وارن لاءِ (الله جي بي انتها قانون، قدرت) جون نشانيون موجود آهن. (190)**

هي اهل ڪتاب جا مذهبي اڳواڻ پنهنجي انهيءَ حق فروشي ۽ مفادپرستي واري روش تي ڏاڍو خوش آهن ۽ گهرن ٿا ته هي جيڪو وعظ نصيحت بين ڪي ڪن ٿا ۽ پاڻ ان تي عمل پيرا نه هجن، ان تي هنن جي تعريف ڪئي وڃي ته هي وڏا متقي، ديندار ۽ پارسا ماڻهو آهن، دين جا سچا خادم ۽ ان جا نگهبان آهن، حالانڪ اندر ۾ شيطان پليد آهن، پر ظاهري طرح دلآويز ۽ لُچي دار ڳالهيون ڪري، ماڻهن کي ڌوڪو ڏيڻ گهرن ٿا. (البقره: 2/ 9، المنافقون: 4/63) هنن جو سارو زور هن ڳالهه تي آهي ته هنن جي فريب کي ماڻهو حقيقت سمجهن.

اڇي پڳ مپس        اندر مڙيوئي اگڙيون

هي سمجهن ٿا ته جهڙي طرح هو ماڻهن کي ڌوڪو ڏئي رهيا آهن، ته خدا کي به ڌوڪو ڏئي سگهندا، پر اها هنن جي خام خيالي آهي، هي الله جي عذاب کان ڪڏهن به بچي نٿا سگهن. هنن لاءِ سندن بداعمالين جي مڪافات عمل ۾ سخت عذاب آهي، جنهن ۾ هو ذليل و خوار ٿي ويندا. (البقره: 2/188-9) هن ڪائنات تي نظر وجهو ته زمين ۽ آسمان ۾ اقتدار ۽ اختيار صرف الله کي آهي ۽ الله جي قدرت سان هن ڪائنات جو سارو نظام روان دوان آهي ۽ هر شيءِ تي الله جو پورو پورو ڪنٽرول آهي. (يونس: 6/10) هي حقيقت غور و فڪر ڪرڻ سان ئي معلوم ٿي سگهي ٿي. پوءِ جيڪي عقل ۽ دانش کان ڪم وٺن ٿا، انهن لاءِ ڪائنات جي تخليق زمين و آسمان جي وجود ۽ رات ڏينهن جي گردش ۾ الله جي حاڪميت ۽ قدرت جون وڏيون وڏيون نشانيون ۽ دليل موجودآهن. (البقره: 164/2، يونس: 3/10،4، سبا: 34/ 3،4) النجم: 31/53) جن مطابق پوري ڪائنات جو اقتدار ۽ اختيار الله عزوجل جي حڪم هيٺ آهي ۽ ان جي آيتن ۽ نشانين کي سمجهڻ لاءِ اصحاب علم و بصيرت جي ضرورت آهي. هن کان اڳ تحقيق ۾ مسلمان اڳرا هيا، هاڻي مغربي قوتون اڳتي آهن، ڇوته هت ”اُولُوا الۡاَلۡبَابِ“ آهي ۽ ”اُولُوا الۡاَلۡبَابِ“ اهي مسلمانن ۽ غيرمسلمن ۾ ٿي سگهن ٿا.

الَّذِيْنَ يَذْكُرُوْنَ اللّٰهَ قِيٰمًا وَّقُعُوْدًا وَّعَلٰى جُنُوْبِهِمْ وَيَتَفَكَّرُوْنَ فِيْ خَلْقِ
السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۚ رَبَّنَا مَا خَلَقْتَ هٰذَا بَاطِلًا ۚ سُبْحٰنَكَ فَقِنَا عَذَابَ
النَّارِ ﴿١٩١﴾ رَبَّنَآ اِنَّكَ مَنْ تُدْخِلِ النَّارَ فَقَدْ اَخْزَيْتَهٗ ۭ وَمَا لِلظّٰلِمِيْنَ مِنْ
اَنْصَارٍ ﴿١٩٢﴾ رَبَّنَآ اِنَّنَا سَمِعْنَا مُنَادِيًا يُّنَادِيْ لِلْاِيْمَانِ اَنْ اٰمِنُوْا بِرَبِّكُمْ
فَاٰمَنَّا ۖ رَبَّنَا فَاغْفِرْ لَنَا ذُنُوْبَنَا وَكَفِّرْ عَنَّا سَيِّاٰتِنَا وَتَوَفَّنَا مَعَ
الْاَبْرَارِ ﴿١٩٣﴾ رَبَّنَا وَاٰتِنَا مَا وَعَدْتَّنَا عَلٰى رُسُلِكَ وَلَا تُخْزِنَا يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ۭ
اِنَّكَ لَا تُخْلِفُ الْمِيْعَادَ ﴿١٩٤﴾

هي اهي (نيڪ بخت) انسان آهن، جيڪي نهايت خشوع ۽ خضوع سان قيام وقعود (بيٺي ويٺي) ۽ ليٽي (هر حال ۾) الله جي يادگيري ۾ رڌل رهن ٿا ۽ زمين ۽ آسمانن جي تخليق ۾ (الله جي عظمت قدرت ۽ حڪمت جي جلون بابت) غور و فڪر ڪندا رهن ٿا ۽ (ڪمال ۽ جلال خداوندي کان متاثر ٿي بي اختيار) چون ٿا تہ اي اسان جا الله تو هي (ڪائنات) بيڪار ۽ بي فائده نہ بڻائي آهي. تنهنجو هر ڪم نقص ۽ عيب کان پاڪ آهي پوءِ اسان کي دوزخ جي باھ کان بچائي رک. (191) اي اسان جا رب بيشڪ تون جنهن کي دوزخ داخل ڪرين تہ سچ پچ تو هن کي رسوا ڪري ڇڏيو ۽ (برابر) ظالمن جو ڪو بہ مدد ڪرڻ وارو ناهي. (192) اي اسان جا رب اسان هڪ منادي (دعوت ڏيندڙ) کي ايمان جي دعوت ڏيندي ٻڌو تہ (پڪاري پڪاري چئي رهيو هو تہ) پنهنجي رب تي ايمان آڻيو تہ اسان ايمان آندو. اي اسان جا رب هاڻي اسان جا گناھ بخش ڪر ۽ اسان جي گناهن کي ميساري ڇڏ ۽ اسان جو موت ابرار (نهايت نيڪ ماڻهن) سان گڏ ڪر. (193) اي اسان جا رب اسان کي اهو سڀ ڪجھ عطا ڪرڻ

فرما ۽ جنهن جو تو اسان سان پنهنجي رسولن جي معرفت وعدو ڪيو آهي ۽ اسان کي قيامت جي ڏينهن رسوا ۽ خوار نہ ڪر. بيشڪ تون وعده خلافي نٿو ڪرين. (194)

هي اولوا الالباب يا عقل و دانش وارا اهي ماڻهو آهن، جيڪي ڪنهن بہ حالت ۾ الله جي ياد کان غافل نہ هوندا آهن، ۽ هميشہ الله جي ياد ۾ رهندا آهن. ڇو تہ الله جو ذڪر انساني غفلت کي دور ڪري ٿو ۽ انسان الله جي صفات ياد ڪري ان صفات جو حد بشريت تائين حامل ٿئي ٿو ان ڪري هو هر حال ۾ قيام هجي، رڪوع هجي، يا پاسيرو ليٽيل هجي هنن جي هر ساعت الله جي ياد ۾ گذرندي آهي. هنن جو پورو توجه الله جي ڪائنات جي عجائب تي غور ڪندي گذرندو آهي. زندگيءَ جي هر گوشي ۾ هو خدا جي ڪائنات تي غور و فڪر ۾ رڌل رهن ٿا. اهوئي الله جو حقيقي ذڪر آهي. الله طرف ڌيان رهڻ زمين و آسمان جي حقائق کي سمجهڻ ۽ ان مان انساني بهبود ۽ ڀلائيءَ جو نتيجو ڪڍڻ ئي الله جي حقيقي ياد آهي. هو هن ڪائنات جي پٺيان ڪائنات جي خالق جي قدرت جا پارکو آهن.

سجدوں کے عوض فردوس ملے یہ بات مجھے منظور نہیں
بے لوث عبادت کرتا ہوں، بندہ ہوں تیرا، مزدور نہیں

***

عارف ۽ عشاق پسڻ گهرن پرينءَ جو
جنت جا مشتاق اجان اورانهان ٿيا

(خواجہ محمد زمان لنواري شريف)

آل عمران جو هي آخري رڪوع وڏي اهميت وارو آهي. هن جون پهريون 6 آيتون جنهن رات نازل ٿيون، اها پوري رات حضور خاتم النبيين ﷺ تي رقت طاري رهي. پاڻ قيام وقعود ۽ سجدي ۾ رئندا رهيا. صبح جو حضرت بلال رضي الله تعالیٰ عنہ جي پڇڻ تي پاڻ فرمايائون تہ اي بلال! مان ڇو نہ رئان جڏهن منهنجي رب مون تي هي آيتون نازل ڪيون آهن ۽ پوءِ پاڻ

انهن آيتن جي تلاوت ڪئي. (بيان القرآن) هو زمين ۽ آسمان جي تخليق ۾ غور و فڪر ڪندا آهن. فڪر ڪرڻ سان حقيقت جي معرفت جا دروازا کلن ٿا. الله جي ذڪر ۽ ڪائنات جي غور و فڪر بعد هو بي اختيار چئي ويهندا آهن ته اسان جا رب! هي جيڪي اشياءِ عالم تو پيدا ڪيون آهن، اهي بي فائده، بيڪار ۽ عبث نه آهن، پر حڪمت ۽ خوبيءَ سان ٽمٽار آهن. اسان جا رب تنهنجي ذات ان ڳالهه کان پاڪ ۽ مقدس آهي ته هو ڪا عبث ۽ بيڪار شيءِ پيدا ڪري. جڏهن هو غور سان ڪائنات جو مشاهدو ڪن ٿا ته هنن کي معلوم ٿي وڃي ٿو ته هي الله عزو جل جو اهڙو حڪيماڻو نظام آهي، جنهن ۾ ڪو به نقص ۽ عيب ناهي. (المائده: 5/ 67-6 کان3)

فکرِ قرآن اختلاطِ ذکر و فکر
فکر را کامل نہ دیدم جز بہ ذکر

قرآن جنهن فڪر جو درس ڏئي ٿو اهو فڪر ذڪر سان ڳنڍ آهي، چو ته ذڪر يعني الله جي ياد کان سواءِ فڪر ڪنهن ڪم جو ناهي.

ياد رهي ته هي سورت آل عمران جي 20 هين رڪوع جي شروعات آهي. اهو ساڳيو مضمون سورت البقره جي ويهين رڪوع ۾ آيو آهي. اي اسان جا الله! اسان کي غفلت ۽ گمراهيءَ کان بچائي رک ته جيئن جهنم جي باهه واري عذاب کان بچيل هجون. اي اسان جا الله! تون جنهن کي دوزخ ۾ پيهڙو ڪرين ته يقينًا اهو ذليل ۽ خوار ٿي ويو. ان حساب ڪتاب واري ڏينهن ظالمن جو ڪو به معاون ۽ مددگار نه هوندو. اي الله اسان هڪ منادي ڪندڙ جو سڏ ٻڌو جيڪو ايمان جي دعوت ڏئي رهيو هو ۽ چئي رهيو هو ته خدا جا بندا پنهنجي پروردگار تي ايمان آڻيو ته اسان هن جي اها پڪار ٻڌي ورتي ۽ ان تي ايمان آندوسون. اي اسان جا رب! اسان جا گناهه بخش ڪر ۽ اسان جي براين کي ميٽي ڇڏ ۽ پنهنجي فضل و ڪرم سان اسان جو موت به نيڪو ڪار ۽ ابرار انسانن سان ڳنڍ ٿئي. خدايا! اسان کي اهو سڀ ڪجهه عطا ڪر، جيڪو تو پنهنجي رسولن جي معرفت وعدو ڪيو آهي. اسان کي قيامت جي ڏينهن واري ذلت ۽ خواريءَ کان محفوظ رکجانءِ، بلاشڪ تون وعدي خلافي نٿو ڪرين. پنهنجي شانِ ستاري ۽ غفاريءَ سان اسان جا عيب ڍڪجانءِ.

ستر كر ستار آءُ اگھاڙي آهيان
ڍكين ڍكڻ هار ڏئي پاند پناهہ جو (شاھ)

***

منهنجي مداين جي كل پريان پيئي
كڏهن كوسا نہ ٿيا ڏوراپو ڏيئي
ساجن سيوئي ڍكيون ڍول ڍلائيون. (شاھ)

ياد رهي تہ سورت البقره جي پڇاڙي بہ ربنا لاتؤاخذنا جي دعا سان ٿي هئي ۽ سورت آل عمران بہ دعا سان ختم ٿي رهي آهي.

فَاسْتَجَابَ لَهُمْ رَبُّهُمْ اَنِّیْ لَاۤ اُضِیْعُ عَمَلَ عَامِلٍ مِّنْكُمْ مِّنْ ذَكَرٍ
اَوْ اُنْثٰی ۚ بَعْضُكُمْ مِّنْۢ بَعْضٍ ۚ فَالَّذِیْنَ هَاجَرُوْا وَ اُخْرِجُوْا مِنْ دِیَارِهِمْ
وَاُوْذُوْا فِیْ سَبِیْلِیْ وَقٰتَلُوْا وَقُتِلُوْا لَاُكَفِّرَنَّ عَنْهُمْ سَیِّاٰتِهِمْ وَلَاُدْخِلَنَّهُمْ
جَنّٰتٍ تَجْرِیْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ۚ ثَوَابًا مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ ؕ وَاللّٰهُ عِنْدَهٗ حُسْنُ
الثَّوَابِ ﴿۱۹۵﴾ لَا یَغُرَّنَّكَ تَقَلُّبُ الَّذِیْنَ كَفَرُوْا فِی الْبِلَادِ ﴿۱۹۶﴾ مَتَاعٌ قَلِیْلٌ ۫
ثُمَّ مَاْوٰىهُمْ جَهَنَّمُ ؕ وَبِئْسَ الْمِهَادُ ﴿۱۹۷﴾

پوءِ سندن رب هنن جي دعا قبول كرڻ فرمائي (۽ چيو) تہ مان اوهان مان كنهن بہ محنت كش (عامل) جي محنت (عمل) جو اجر ضايع نہ ٿو كريان ها اهو خواهہ مرد هجي يا عورت اوهان هك ٻئي مان آهيو (جزا سزا ۾ برابر آهيو) پوءِ جن ماڻهن بہ (الله جي رضا خاطر) هجرت كئي ۽ پنهنجي گهرن مان نيكالي ڏنا ويا ۽ منهنجي راهہ (دين) خاطر كين ايذاء رسايو ويو ۽ (دين جي دشمنن سان) جنگ جوٽي ۽ قتل (شهيد) كيا ويا تہ مان ضرور سندن گناهہ مٽائي ڇڏيندس ۽

ڪين يقينًا انهن جنتن ۾ داخل ڪندس جن جي دامن ۾ نهرون جاري هونديون. اهو سندن (مهربان) الله پاران اجر آهي ۽ الله وٽ ڀلي کان ڀلو اجر آهي(195) (اي پيغمبر خَاتَمُ النَّبِيِّينَ صَلَّى اللهُ تَعَالَى عَلَيْهِ وَسَلَّمَ!) ڪافرن جون ملڪن ۾ خوشحالي واريون سرگرميون توکي ڪنهن ڏوکي (غلط فهمي) ۾ نه وجهن (196) هي ٿورڙو (چند ڏينهن جو) سازوسامان آهي پوءِ هنن جي رهائش دوزخ هوندي ۽ اهو نهايت برو ٺڪاڻو آهي. (197)

---

جڏهن خدا جي سچن ۽ نيڪوڪار ٻانهن کان فڪر ۽ عمل جون اهي صدائون آيون ته پروردگار هنن جون دعائون قبول ڪندي فرمايو ته مان ڪڏهن به ڪنهن نيڪ عمل ڪرڻ واري جي عمل کي ضايع نه ڪندو آهيان. هو مرد هجي خواهه عورت (النساءِ: 124/4) اوهان سڀ مرد توڙي عورتون هڪ ٻئي مان آهيو ۽ اعمالن جي نتيجي ۾ سڀ برابر آهيو. (النحل: 97/16، المؤمن: 40/44) ڪنهن کي به ڪنهن تي فوقيت ناهي. اوهان مان جنهن به الله جي دين خاطر هجرت ڪئي ۽ پنهنجن گهرن مان بيدخل ڪيا ويا، دين جي راهه ۾ ستايا ويا ۽ راهه حق ۾ جهاد ۾ شامل ٿيا ۽ دشمنن سان وڙهندي وڙهندي قتل ٿي ويا ته انهن جا اهي نيڪ عمل ڪڏهن به رائگان نه ويندا. انهيءَ جي بدلي ۾ مان هنن جون خطائون معاف ڪري ڇڏيندس ۽ انهن کي جنت الفردوس جي باغن ۾ رکندس، جنهن جي هيٺان دامن ۾ نهرون وهي رهيون هونديون. الله جي پاران هي هنن جي نيڪ عملن جو اجورو هوندو. ۽ الله وٽ ئي نيڪ عملن جي بدلي ۾ بهترين ثواب ۽ اجر آهي. (البقره: 2/ 189)

اي پيغمبر خَاتَمُ النَّبِيِّينَ صَلَّى اللهُ تَعَالَى عَلَيْهِ وَسَلَّمَ! هنن ڪافرن جي هن دنيا ۾ عيش و عشرت ۽ خوشحالي واري زندگي سير سپاٽا يا سازشون ۽ دشمني تنهنجي ڏوکي جو سبب نه بڻجن، هي هن دنيا جو ٿورڙو فائدو آهي، پر آخرت ۾ هنن جو جهنم ۾ ئي رهڻ هوندو ۽ جهنم جهڙو برو ٺڪاڻو ٻيو ڪونهي. هي دنياداريءَ جي فريب ۾ قاتل آهن، هنن کي سندن برن ڪمن جو ۽ اوهان کي نيڪ عملن جو پورو پورو بدلو ملندو. (البقره: 2/162-161، آل عمران: 14/3، الشوريٰ: 20/42)

متو آهين مڇ تلها تو توٽا هٽين
جو تو يائين اڇ تنهن پاٽي پڄندا ڏينهڙا (شاهہ)

***

عمل سے زندگی بنتی ہے جنّت بھی جہنم بھی
یہ خاکی اپنی فطرت میں نہ نوری ہے نہ ناری (اقبال)

لٰكِنِ الَّذِيْنَ اتَّقَوْا رَبَّهُمْ لَهُمْ جَنّٰتٌ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا
نُزُلًا مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ ؕ وَمَا عِنْدَ اللّٰهِ خَيْرٌ لِّلْاَبْرَارِ ﴿۱۹۸﴾ وَاِنَّ مِنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ
لَمَنْ يُّؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَمَآ اُنْزِلَ اِلَيْكُمْ وَمَآ اُنْزِلَ اِلَيْهِمْ خٰشِعِيْنَ لِلّٰهِ ۙ
لَا يَشْتَرُوْنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ ثَمَنًا قَلِيْلًا ؕ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ اَجْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ ؕ اِنَّ
اللّٰهَ سَرِيْعُ الْحِسَابِ ﴿۱۹۹﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اصْبِرُوْا وَصَابِرُوْا وَرَابِطُوْا ۫
وَاتَّقُوا اللّٰهَ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿۲۰۰﴾ ع

الثلٰثة

ع ۲۰

پر جيڪي ماڻهو پنهنجي رب کان ڊڄندا رهيا، انهن لاءِ جنت جا باغ آهن، جن جي دامن ۾ نهرون وهندڙ آهن. اهي هنن ۾ هميشہ رهڻ وارا آهن. الله پاران ڪين ميزباني ملي تي ۽ الله وٽ جيڪو (انعام اڪرام) آهي اهو نيڪوڪارن لاءِ نهايت سٺو آهي. (198) ۽ يقينًا ڪجهہ اهل ڪتاب اهڙا بہ آهن جيڪي الله تي ايمان رکن ٿا ۽ ان ڪتاب تي بہ (ايمان رکن ٿا) جيڪو توتي نازل ٿيو آهي ۽ جيڪو هنن تي نازل ڪيو ويو آهي. ۽ هنن جا دل الله جي حضور (هميشہ) جهڪيل رهن ٿا ۽ الله جي آيتن عيوض ٿورڙي قيمت (دنيا جي هر شيءِ دين جي مقابلي ۾ ٿورڙي آهي) وصول نٿا ڪن (يعني دنيا کي دين تي ترجيح نٿا

ڏين) هي اهي (خوشبخت) انسان آهن جن جو اجورو سندن رب وٽ آهي. بيشڪ الله حساب ۾ جلدي ڪرڻ وارو آهي. (199) مومنو! صبر کان ڪم وٺو ۽ هڪ ٻئي جا پرجهلا ٿيو ۽ جهاد دوران رابطي ۾ رهو ۽ هميشه الله جي حڪمن جي نگهداشت ڪريو ته اوهان ڪاميابي حاصل ڪريو. (200)

هنن ڪافرن ۽ منافقن جي برخلاف جيڪي ماڻهو خوف خدا دل ۾ رکي پرهيزگاري واري محتاط زندگي بسر ڪن ٿا ته انهن لاءِ سدابهار واري جنت جون خوشگوار نعمتون ۽ باغ آهن، جن کي تروتازه رکڻ لاءِ انهن هيٺان دامن ۾ هميشه نهرون وهي رهيون آهن. خدا طرفان هنن کي وڏي قدر و منزلت واري مهماني ملندي. يقينًا راست باز ۽ پاڪ صفت ماڻهن لاءِ خدا وٽ جيڪو ڪجهه عطا ٿيندو، اهو خير ئي خير ۽ ڀلائي هوندو. هنن اهل ڪتاب مان ڪجهه اهڙا به ماڻهو آهن، جيڪي الله تعالىٰ تي سچو ايمان رکن ٿا، جيڪي ڪجهه توتي (قرآن) نازل ٿيو آهي، يا هن کان اڳ هنن تي تورات نازل ٿي چڪو آهي، انهن سيني ڪتابن ۽ صحيفن تي يقين رکن ٿا، ته اهي الله جي طرفان انسانن جي هدايت لاءِ آيل آهن، هنن جون دليون الله جي خوف کان ڏڙڪن ٿيون، اهي ماڻهو اهل ڪتاب جي گمراهه ٽولي وانگر الله جون آيتون ۽ احڪام ٿوري رقم جي لالچ تي وڪڻڻ وارا نه آهن. اهڙن صاف سٿرن ماڻهن کي ڪنهن به قسم جو خوف خطرو ناهي. (آل عمران: 113/3-114) اهڙن ئي ماڻهن لاءِ سندن رب وٽ وڏو اجر ۽ ثواب آهي. يقينًا الله جو قانون اعمال جي بدلي ۾ ان جو پورو پورو حساب ڏيڻ ۾ ڪا به دير نٿو لڳائي. پر سڀ کي پنهنجن عملن جو معاوضو ملي وڃي ٿو. مسلمانو! جيڪڏهن پنهنجي زندگيءَ کي ڪامياب بنائڻ گهرو ٿا ته پوءِ اوهان کي هنن سنهري آيات الاهي جي روشني ۾ ڏک هجي يا سک، هر حال ۾ صبر اختيار ڪرڻو ۽ ثابت قدميءَ سان رهڻو پوندو ۽ هڪ ٻئي جي استقامت جو ڪارڻ ٿي ترغيب ڏيندا رهو ۽ هڪ ٻئي سان مضبوط رابطي ۾ رهو. صبر، استقلال ۽ اتحاد ڪاميابيءَ جي ڪنجي آهن. الله جي قانون جي نگهباني ڪندا رهو ۽ ان جي انحرافيءَ کان پاڻ کي بچائي رکو. الله جوخوف هميشه دل ۾ رکو، اوهان جيڪڏهن

ائين ڪيو تہ پوءِ ڪاميابي اوهان جا قدم چمندي. حديث شريف ۾ آهي: ”رِبَاطُ يَوْمٍ فِيْ سَبِيْلِ اللهِ خَيْرٌ مِّنَ الدُّنْيَا وَمَا عَلَيْهَا“ (صحيح بخاري) الله جي رضا لاءِ جهاد ۾ اسلامي رياست جي سرحد تي هڪ ڏينهن پهرو ڏيڻ دنيا وما فيها کان بهتر آهي. هڪ حديث شريف ۾ جنت جي نعمتن جو ذڪر حضرت ابو هريره رضي الله تعالیٰ عنه جي روايت سان حضور خاتم النبيين صلی الله تعالیٰ عليه وسلم جو ارشاد مبارڪ آهي: ”قَالَ اللهُ تَبَارَكَ وَتَعَالىٰ اَعْدَدْتُ لِعِبَادِيَ الصَّالِحِيْنَ مَالَا عَيْنٌ رَاَتْ وَلَا اُذُنٌ سَمِعَتْ وَلَا خَطَرَ عَلىٰ قَلْبٍ“ الله تعالیٰ جو ارشاد گرامي آهي تہ مون پنهنجي نيڪ ۽ صالح ٻانهن لاءِ (جنت ۾) اهو ڪجهہ تيار ڪري رکيو آهي جو نہ ڪنهن اک ڏٺو آهي، نہ وري ڪنهن ڪن ٻڌو آهي ۽ نہ وري ڪنهن انسان جي دل ۾ ان جو خيال بہ اچي سگهي ٿو. هي الله جون نعمتون الله جي شان مطابق نيڪ ۽ صالح ٻانهن لاءِ تيار آهن.

جيڏو تنهنجو نانءُ، ٻاجهہ بہ اوڏائي مڱانءِ
رئُ ٿنيين، رئُ ٿوٽئيين تون ڇپر تون ڇانءُ
ڪجاڙو ڪهانءِ، توکي معلوم سيڪا (شاهہ)

***

الله جيئن نالو، تيئن مون وڏو آسرو
خالق تنهنجي ڪاند جو پرو پاند نہ ڪو
نالو رب سندوءِ، رهيو آهہ روح ۾ (شاهہ)

بَارَكَ اللهُ لِيْ وَلَكُمْ فِي الْقُرْآنِ الْكَرِيْمِ وَنَفَعَنِيْ وَإِيَّاكُمْ بِالْآيَاتِ وَالذِّكْرِ الْحَكِيْمِ سُبْحَانَ رَبِّكَ رَبِّ الْعِزَّةِ عَمَّا يَصِفُوْنَ وَسَلَامٌ عَلَى الْمُرْسَلِيْنَ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ - رَبَّنَا تَقَبَّلْ مِنَّا اِنَّكَ اَنْتَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ وَتُبْ عَلَيْنَا اِنَّكَ اَنْتَ التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ

# سُورةُ النِّسآءِ

سورة النساءِ مدني سورت آهي. غالبًا 3 هجريءَ کان 5 هجريءَ جي ابتدائي مهينن ۾ متعدد خطبن جي صورت ۾ نازل ٿيندي رهي. هي سورة المائده جو جوڙ آهي. سورة البقره ۽ سورت آل عمران جي شروعات حروف مقطعات سان ٿي هئي. هت سورة النساءِ جي شروعات ”يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا“ سان ۽ سورة المائده ”يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ“ سان شروع ڪئي وئي آهي. هن سورت ۾ سورة البقره جي ڪجهه مضامين جي تڪميل آهي. هيءَ قرآن ڪريم جي چوٿين سورت آهي، پر نزول جي لحاظ سان 100 نمبر سورة آهي. هن کان اڳ 99 سورتون نازل ٿي چڪيون هيون. هن کان پوءِ 14 سورتون آيون. انساني تمدن ۽ معاشرت جي بنيادي سطح جا معاملا ۽ احڪام هن سورت ۾ آيا آهن. جڏهن ته اعلىٰ رياستي ۽ حڪومتي سطح جا مسئلا ۽ هدايتون سورة المائده ۾ آيون آهن. جهڙيءَ طرح سورة البقره ۽ سورت آل عمران هڪٻئي جوجوڙ آهن، اهڙيءَ طرح سورة النساءِ ۽ سورة المائده هڪٻئي جو جوڙ آهن. مدني دور جي شروعات ئي اسلامي قوانين تي عمل درآمد ڪرڻ ۽ رياستي قانون جي نفاذ کي قائم رکڻ هيو. ان ڪري ان وقت جي رائج سرداري نظام خلاف اعلان جنگ هيو. جنگ بدر ۽ جنگ احد ۾ شهيدن جي بيواهه عورتن ۽ يتيمن جا مسئلا، ميراث ۽ وصيت جا احڪام، صلواةِ خوف، وضو، تيمم لاءِ هدايتون، نڪاح، طلاق، مهر جو بيان، سود جي حرمت جهڙا معاشرتي ۽ معاشي مسئلا نه رڳو بيان ڪيا ويا آهن، پر انهن کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ رياستي رٽ (Rit) به قائم ڪئي وئي. يهودين جي سازشن ۽ منافقن جي ڏوڪن ۽ دغابازين کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪين آخري تنبيه به ڪئي وئي. شراب نوشيءَ جي علت کي روڪڻ ۽ معاشري ۾ مذموم قرار ڏيڻ جا حڪم آيا. مسلمانن جي اصلاح، انفاق، اتحاد ۽ نظم و ضبط تي خاص توجه ڏنو ويو، جنهن جي ڪري هڪ اسلامي رياست ۽ حڪومت جو وجود مضبوط بنيادن تي قائم ٿي چڪو هيو، پر پوءِ به اسلام دشمن جون سازشون ۽ لڙايون جاري رهيون، جن کي منهن ڏيڻ ۽ رياست کي قائم رکڻ لاءِ حضور اڪرم خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَسَلَّمَ جي قيادت ۾ اصحاب سڳورا هميشه سربڪف رهيا ۽ جزيرهِ عرب تي حڪومت قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا.

آيتون ۱۷۶ سورة النّساءِ (مدني سورت) رکوع ۲۴

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اتَّقُوۡا رَبَّكُمُ الَّذِىۡ خَلَقَكُمۡ مِّنۡ نَّفۡسٍ وَّاحِدَةٍ وَّخَلَقَ مِنۡهَا
زَوۡجَهَا وَبَثَّ مِنۡهُمَا رِجَالًا كَثِيۡرًا وَّنِسَآءً ۚ وَاتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِىۡ تَسَآءَلُوۡنَ بِهٖ
وَالۡاَرۡحَامَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلَيۡكُمۡ رَقِيۡبًا ①

الله جي (بابرڪت) نالي سان شروع جيڪو تمام گھڻو مهربان ۽ لڳاتار رحم ڪرڻ وارو آهي.

اي نوع انسان! تقوىٰ اختيار ڪيو، (يعني پنهنجي پروردگار جي حڪمن جي حفاظت ڪريو ۽ نهايت نگهداشت رکي محتاط زندگي گذاريو) جنهن (ابتدا ۾) اوهان جي پيدائش هڪ نفس (جان) مان ڪئي آهي ۽ انهيءَ مان ئي سندس جوڙو ٺاهيو ۽ انهن ٻنهي مان ڪثرت سان مرد ۽ عورتون پکيڙي ڇڏيائين ۽ ان قانون جي خلاف ورزي سبب الله جي عذاب کان ڊڄو ۽ ان جي پوري طرح حفاظت ڪريو، جنهن جي ذريعي اوهان هڪ ٻئي جي تعاون جا محتاج آهيو. (جنهن جي ابتدا) قريبي رشتيدارن ۽ پنهنجي خاندان سان ڪريو. اوهان خدا جي قانون جي پابندي ڪئي ته پوءِ هو توهان جي هر طرح نگهباني ڪندو رهندو.

اي انسانو احڪام الاهي جي نافرمانيءَ وارن نتيجن کان ڊڄو ۽ پاڻ کي عذاب الاهي کان بچايو، جنهن الله اوهان سيني انسانن کي شروع ۾ هڪ اڪيلي جان (نفس) مان پيدا ڪيو (الانعام: 98/6-الزمر: 6/39) ۽ انهي مان ئي انهيءَ جو جوڙو به پيدا ڪيائين.

(النحل:72/16) پوءِ ان هڪ جوڙي (مرد ۽ عورت) جي نسل مان مردن ۽ عورتن جو وڏو انگ پيدا ڪيائين. جيڪو هينئر خاندانن قبيلن، قومن ۽ رياست جي صورت ۾ پکڙجي ويو آهي. گويا پوري انسان ذات هڪ فرد جو اولاد آهي ۽ اوهان سڀ انسان ڪارا، گورا، عربي، عجمي، مشرقي ۽ مغربي هڪ خاندان آهيو، جو هڪ انساني رشتي سان وجود ۾ اچي ويو. ساڳي آيت ۾ "اِتَّقُوْا" جو لفظ ٻيو دفعو آيو آهي، جنهن ۾ وري تاڪيد ڪيو ويو آهي ته جنهن الله جي نالي سان پنهنجون حاجتون ۽ معاملا حل ڪيو ٿا ۽ ان جي نالي تي رشتن کي قائم رکو ٿا ته ان جي حڪمن کي به دل و جان سان قبول ڪيو ۽ نيايو ۽ خلاف ورزيءَ جي عذاب کان پاڻ کي بچايو. الله اوهان تي نظر رکي رهيو آهي. ان الله کان ڊڄو جنهن جو واسطو ڏئي ان جي نانءُ تي معاملات ۽ مشڪلاتون حل ڪيو ٿا، ان ڪري پنهنجي اصل کي نه وساريو ۽ انساني رشتن ۽ قرابتداري جي معاملن ۾ بي پرواهه نه ٿيو ۽ ذاتي مفادن ۾ انساني رشتن کي نقصان نه پهچايو، ۽ ياد رکو ته الله اوهان جي قول و فعل تي پوري طرح نظر رکي ٿو ۽ نگران آهي "وَلَا تَتَّخِذُوْٓا اٰيٰتِ اللّٰهِ هُزُوًا" (البقره: 231/2) الله جي حڪمن کي مذاق نه سمجهو. "وَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ" (البقره: 231/2) الله جي فرمان جي حڪم شڪنيءَ کان بچو. الله اوهان جي هر عمل کان واقف آهي. سورة النساءِ سورة المائده جو جوڙ آهي. سورة المائده جي شروعات ۾ "يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا" مؤمنن کي خطاب آهي، پر سورة النساءِ ۾ "يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ" بني نوع انسان کي خطاب آهي. ڇوته هن سورت ۾ اڳتي انسانن جي باهمي حقن، خاص طرح خانداني نظام جي بهتري ۽ استواريءَ لاءِ ضروري قانون ارشاد فرمايا ويندا، جن جي ڪري انهن جو پورو پورو ادا ڪرڻ لازم آهي. ٻي صورت ۾ خدا جي ناراضگي ٿيندي، جنهن کان بچو. ۽ تمام انسان هڪ اصل مان آهن، باقي ذات، رنگ، نسل، مذهب سڀ بعد ۾ آهن. (الحجرات: 13/49) هت انسان جي پيدائش جون ٽي سورتون ٻڌايون ويون آهن: (1) عدم کان وجود ۾ آڻڻ، جيئن حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَامُ (2) ان مان حوا عَلَيْهَا السَّلَامُ جي تخليق ۽ توليد، جيڪو عام طريقي کان الڳ هيو. (3) توليدي طريقو. اهو به ٻڌايو ويو آهي ته الله هڪ آهي ته بني بشر جو اصل به هڪ آهي. الله پنهنجي وحدت چاهي ٿو ۽ الله انساني وحدت به گهري ٿو.

"اَلرَّحِمُ مُعَلَّقَةٌ بِالْعَرْشِ تَقُوْلُ مَنْ وَصَلَنِيْ وَصَلَهُ اللّٰهُ وَمَنْ قَطَعَنِيْ قَطَعَهُ اللّٰهُ" (صحيح

مسلم) يعني (رشتيداري) عرشِ الٰهي وٽ آويزان آهي ۽ چئي ٿي تہ جنهن مون کي جوڙي رکيو تہ الله بہ ان کي جوڙي رکي ٿو، پر جنهن مون کي ٽوڙيو، الله ان کي ٽوڙي ڇڏيندو. معاشري جو بنياد خاندان آهي، ان ڪري خاندان جو ميلاپ قومي اتحاد جو بنياد آهي.

وَاٰتُوا الْيَتٰمٰۤى اَمْوَالَهُمْ وَلَا تَتَبَدَّلُوا الْخَبِيْثَ بِالطَّيِّبِ ۪ وَلَا تَاْكُلُوْۤا اَمْوَالَهُمْ
اِلٰۤى اَمْوَالِكُمْ ؕ اِنَّهٗ كَانَ حُوْبًا كَبِيْرًا ۲ وَاِنْ خِفْتُمْ اَلَّا تُقْسِطُوْا فِى الْيَتٰمٰى
فَانْكِحُوْا مَا طَابَ لَكُمْ مِّنَ النِّسَآءِ مَثْنٰى وَثُلٰثَ وَرُبٰعَ ۚ فَاِنْ خِفْتُمْ
اَلَّا تَعْدِلُوْا فَوَاحِدَةً اَوْ مَا مَلَكَتْ اَيْمَانُكُمْ ؕ ذٰلِكَ اَدْنٰۤى اَلَّا تَعُوْلُوْا ؕ ۳

(پنهنجي خاندان کان پوءِ معاشري جي ان ڪمزور طبقي جو حق آهي جنهن جي واهر ڪرڻ وارو ڪونہ آهي) يتيمن کي سندن مال ڏئي ڇڏيو ۽ پنهنجي خراب مال کي هنن جي سٺي مال سان تبديل نہ ڪريو ۽ نہ وري هنن جو مال پنهنجي مال سان ملائي هڙپ ڪرڻ گهرو. يقيناً هي نهايت وڏو گناهہ آهي. (2) (جيڪڏهن معاشري ۾ يتيم ڇوڪريون ۽ بيواهہ عورتون زياده تعداد ۾ ٿي وڃن (النساء: 127/4) ۽ اوهان يتيم نياڻين بابت انصاف نہ ڪري سگهو تہ پوءِ اوهان کي اجازت آهي تہ انهن بيواهہ رنڙ عورتن سان جن کي اوهان پسند ڪريو ٽا بہ بہ ۽ ٽي ٽي ۽ چار چار تائين شادي ڪريو (جنهن ۾ يتيم ڇوڪرين ۽ بيواهہ، رنڙ عورتن جو مسئلو حل ٿي ويندو) پر جيڪڏهن اوهان هڪ کان وڌيڪ زالون نڪاح ۾ رکي انصاف ڪو نہ ڪري سگهندو تہ پوءِ رکو هڪ عورت کي نڪاح ۾ رکو يا اهي ٻانهيون جيڪي اوهان جي (شرعي طور) ملڪيت ۾ آيون آهن، ائين ڪرڻ سان اوهان ظلم (بي انصافي) يا ڪثرت اولاد جي ڏپ کان بچي ويندا. (3)

اوهان جي انهن انساني رشتن ۾ سڀ کان ڪمزور طبقو جيڪو زياده حفاظت ۽ نگراني جو مستحق آهي، اهو يتيم ٻارڙن جو آهي، جن جي والدين جي وفات کان پوءِ

سندن ڪير بہ سرپرست ناهي. ان ڪري سڀ ڪان اڳ ۾ انهن جو ذڪر ڪيو ويو تہ ياد رکو تہ يتيمن جو مال ايمانداريءَ ۽ ديانتداري سان انهن جي حوالي ڪريو، ان ۾ ڪنهن بہ قسم جي خيانت نہ ڪريو. (النساء 4-6) ائين بہ نہ ڪريو، جو انهن جو سٺو سٺو مال پنهنجي خراب ۽ ناڪاره مال سان بدلي هنن جي سٺي قيمتي مال عيوض هن کي خراب قسم جو مال ڏيو ائين ڪرڻ هڪ معمولي جرم نہ، پر الله وٽ تمام وڏو گناهہ ليکيو ويندو ۽ اوهان کي ان جو دنيا توڙي آخرت ۾ حساب ڏيڻو پوندو. هڪ حديث شريف ۾ انسان کي ستن هلاڪ ڪندڙ شين کان بچڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي، جن مان هڪ "اَكْلِ مَالَ الْيَتِيْمِ" يتيم جو مال هڙپ ڪرڻ جو آهي. خدا جي رسول خاتم النبيين صلی اللہ علیہ وسلم جي طريقي جي اتباع ڪريو.

فقیروں کا ملجا، ضعیفوں کا ماویٰ
یتیموں کا والی، غریبوں کا مولیٰ (مسدّس حالی)

ايئن بہ نہ ٿئي تہ اوهان پنهنجي حفاظت ۾ ورتل يتيم نياڻين جي مال تي ناحق قبضو ڪرڻ لاءِ انهن سان نڪاح ڪري هنن جو مال هڙپ ڪريو. بالغ ٿيڻ کان پوءِ ڇوڪرو يتيم نہ سڏبو، پر نياڻي جيستائين شادي نہ ڪري، يتيم سڏبي. ياد رکو تہ اوهان سمجهو ٿا تہ هنن بيوس يتيم نياڻين سان انصاف ڪو نہ ڪري سگهندو تہ پوءِ انهن سان نڪاح جو ارادو ئي نہ ڪريو. (البقره: 220/2، النساء: 6/4، بني اسرائيل: 34/17، الدهر: 76/8-9، البلد: 14/90، الماعون: 107/2-3) خَيْرُ مَتَاعِ الدُّنْيَا الْمَرْاَةُ الصَّالِحَةُ (صحيح مسلم) دنيا جي شين ۾ سٺي شيءِ نيڪ ۽ صالح زال آهي. تہ پوءِ اوهان کي اجازت آهي تہ يتيم نياڻين کي ڇڏي سندن بيواهہ رنڙ ماءُ سان جيڪي اوهان کي پسندا چن يا موزن لڳن، نيڪ بخت ۽ سٺيون هجن، انهن سان بہ بہ ٽي ٽي چار چار تائين شادي ڪريو. (النساء: 127/4) تہ جيئن انهن بيواهہ عورتن سان شادي ڪرڻ ۾ سندن يتيم ٻارن کي بہ سهارو ملي وڃي. هڪ کان وڌيڪ شاديون ڪرڻ جي رخصت آهي، حڪم نہ آهي. رخصت بہ مشروط آهي، جنهن ۾ معاشي، سماجي ضرورتن ۾ برابري رکڻي آهي. اهڙي ضرورت گهٽوڪري تڏهن پيش ايندي آهي، جڏهن جنگين ۾ گهڻا مرد شهيد ٿي وڃن تہ عورتون بيواهہ (يتيم) ٿي وينديون آهن يا پيدائشي طور عورتن جو انگ مردن جي مقابلي ۾ گهٽو ٿي وڃي تہ پوءِ

عورتن کي نڪاح ۾ آڻڻ لاءِ اتساهه ڏنو ويو آهي، پر ذاتي شهوت، عيش عشرت لاءِ اجازت ناهي. معاشري جي اهڙي ضرورت ڪري اوهان کي هڪ کان وڌيڪ شاديءَ جي اجازت آهي. بشرطيڪ انهن ۾ انصاف ڪري سگهو. يعني سيني جا حق پوريءَ طرح ادا ڪري سگهو ۽ سيني سان ساڳيو هڪجهڙو سلوڪ روا رکي سگهو. زالن ۾ بي انصافي ڪري خدا سان دغابازي يا عهدشڪني نہ ڪريو. پر جيڪڏهن اوهان محسوس ڪريو تہ اوهان هڪ کان وڌيڪ زالن ۾ انصاف ڪري ڪو نہ سگهندو تہ پوءِ اوهان کي هڪ زال کان وڌيڪ رکڻ جي اجازت نہ آهي. (النساءِ: 127/4) رنڙ ۽ بيواهه عورتن کان سواءِ بہ چار شادين جي مشروط اجازت آهي. عياشيءَ لاءِ نہ، پر معاشرتي ضرورت سبب هجن.

برابريءَ مان مراد آهي تہ معاشي معاشرتي سڀ حق جن ۾ گهر، رهائش، خرچ پکو، ڪپڙو لٽو، کاڌ خوراڪ، معاشي ۽ سماجي حقن جي برابري ضروري آهي. اها برابري رڳو انساني سلوڪ ۾ آهي انساني جذبات ۽ دل لڳيءَ ۾ نہ آهي. (النساء 129/4) يا جيڪي عورتون جنگي قيدي ٿي آيون آهن تہ انهن جي مالڪن جي اجازت سان انهن کي جائز طريقي سان نڪاح ۾ آڻي زال بڻايو. بي انصافي ڪرڻ يا يتيم نياڻي سان شادي ڪري انهن سان زيادتي ڪرڻ واري پچاڻي يا ڪثرت اولاد جي ڏپ کان بچو. تَعُوْلُوْا زياده اولاد پيدا ڪرڻ جي معنىٰ ۾ بہ آيو آهي. (منهاج القرآن) قرآن مجيد جي نزول وقت غلاميءَ کي معيشت ۽ مشاورت ۾ ناگزير سمجهيو ويندو هيو. مردن ۽ عورتن جي باقاعده خريد و فروخت ٿيندي هئي. قرآن مجيد ان کي بتدريج ختم ڪيو. سورة النور:33/24 ۾ مڪاتبت جو حڪم آيو ۽ ”فَاِمَّا مَنًّۢا بَعْدُ وَاِمَّا فِدَآءً حَتّٰى تَضَعَ الْحَرْبُ اَوْزَارَهَا ۛ“ (سوره محمد: 4/47) ۾ ان کي روڪيو ويو. ۽ احسان ڪري ڇڏي ڏيو يا فديو وٺي ڇڏي ڏيو، پر غلام ڪري رکڻ جي اجازت ناهي.

وَاٰتُوا النِّسَآءَ صَدُقٰتِهِنَّ نِحْلَةً ؕ فَاِنْ طِبْنَ لَكُمْ عَنْ شَيْءٍ مِّنْهُ نَفْسًا فَكُلُوْهُ هَنِيْٓـًٔا مَّرِيْٓـًٔا ۝۴ وَلَا تُؤْتُوا السُّفَهَآءَ اَمْوَالَكُمُ الَّتِيْ جَعَلَ اللّٰهُ لَكُمْ قِيٰمًا وَّارْزُقُوْهُمْ فِيْهَا وَاكْسُوْهُمْ وَقُوْلُوْا لَهُمْ قَوْلًا مَّعْرُوْفًا ۝۵

**۽ عورتن کي سندن مهر خوش دلي سان ادا ڪريو (مهر تحفو آهي، ڪنهن شيءِ جو بدلو ناهي) پوءِ جيڪڏهن هو انهي شيءِ مان پنهنجي رضا خوشيءَ سان ڪجهه ڇڏي ڏين ته پوءِ ان کي پنهنجي لاءِ خوشگوار سمجهي خوشيءَ سان کائو.(4) ۽ ياد رکو ته مال توهان جي قومي معيشت جو ذريعو آهي، اهو گهٽ سمجهه وارن (ناسمجهه) ماڻهن جي حوالي نه ڪريو. ها ان مان هنن کي کاڌو پيتو ڪپڙو لٽو (ضروريات زندگي ڏيندا رهو) ۽ هنن سان ڀلائيءَ واري گفتگو ڪريو. (5)**

عورتن جو مهر خوشي خوشي رضا مندي سان انهن کي ڏيو. اهو مهر ڪنهن به شيءِ جو بدل نه آهي، پر عورت جي عظمت لاءِ تحفو آهي، جنهن کي ڪنهن به صورت ۾ هضم ڪرڻ يا ان ۾ ڪمي پيشي ڪرڻ جو نه سوچيو. هي خدا جو فرمان آهي ۽ عورتن جو مردن تي حق آهي. ان ڪري حق ادائگي ڪرڻ لازمي آهي. پر جيڪڏهن عورت پنهنجي رضا خوشيءَ سان، بغير ڪنهن زور زبردستي دٻ يا لالچ مقرر ٿيل مهر مان ڪجهه ڇڏي ٿي ڏئي ته ان ۾ ڪو به حرج يا خرابي ناهي. حضرت ٿانوي رحمة الله عليه ”طيب نفس“ مان مراد ورتي آهي ته پهريان مال مهر عورت جي قبضي ۾ ڏنو ويندو ۽ ان بعد هوءَ واپس ڏئي ته پوءِ بيشڪ اهو اوهان بنا ڏڙڪ پنهنجي ڪتب آڻي سگهو ٿا. حضرت عمر رضي الله تعالیٰ عنه ۽ قاضي شريح جو فيصلو آهي ته جيڪڏهن ڪنهن عورت پنهنجي مهر مان ڪجهه يا سمورو معاف ڪيو آهي ۽ بعد ۾ ان جو مطالبو ڪري ته ڪيس پورو مهر ڏياريو ويندو. ائين سمجهبو ته عورت هن ڪان اڳ ڪنهن مجبوريءَ ڪان اهڙو فيصلو ڪيو هو. ياد رکو دنيا ۾ مال متاع اوهان جي معيشت کي قائم رکڻ جو ذريعو آهي، اهو مال قومي امانت آهي، ان ڪري اوهان پنهنجي انهيءَ مال کي (جيڪو اصل ۾ يتيمن جو مال آهي، پر پوري معاشري جي اجتماعي ضرورت آهي، ان ڪري اهو سمجهو ته اهو مال اوهان جو آهي) ڪم عقلن ۽ بي سمجهن جي حوالي نه ڪريو (يعني بي سمجهه ننڍن يتيم ٻارن جي حوالي نه ڪريو، جيستائين اهي وڏا نٿا ٿين ۽ سمجهدار نٿا بڻجن، تيستائين انهن جي کاڌي پيتي ڪپڙي لٽي رهائش ۽ زندگيءَ جي ضرورتن، دوا درمل تعليم وغيره جو انتظام ڪندا رهو ۽ انهن سان نيڪ ورتاءُ رکو ۽ نيڪي ۽ ڀلائي جو سمجهائيندا رهو. اَمۡوَالَکُمۡ مان مراد اوهان جو

پنهنجو مال يا هنن جو مال سڀ قومي معيشت جو ذريعو آهي.

ياد رکو ته مال زندگيءَ جي قيام جو ذريعو آهي. ان ڪري نادان ۽ نااهل ماڻهن جي حوالي ڪرڻ يا انهن جي تصرّف ۽ اختيار ۾ ڏيڻ ۽ غلط ۽ بيجا استعمال ڪرڻ نه ڏجي. حقوق ملڪيت غيرمحدود ناهن، پر صحيح استعمال ڪرڻ سان مشروط آهن. مال جو غلط استعمال اجتماعي فساد پيدا ڪندو، ان ڪري حڪومت اهڙي املاڪ کي خود سنڀالي ۽ ان جي نگراني ڪري. برطانوي دور حڪومت ۾ Courcs of wards جو انتظام هيو.

هت "وَلَا تُؤْتُوا السُّفَهَآءَ اَمْوَالَكُمُ" ۾ يتيمن جي مال کي "توهان جو مال" چيو ويو آهي، ڇوته مال قومي دولت آهي، ان ڪري "اَمْوَالَهُمْ" يعني يتيمن جو مال نه چيو ويو آهي. اسلام ۾ مال انفرادي ملڪيت هوندي به قومي اجتماعي اثاثو آهي، ان ڪري يتيم جي مال جي سار سنڀال پنهنجي مال وانگر ڪريو. اسراف ۾ فضول خرچيءَ کان بچو.

وَابْتَلُوا الْيَتٰمٰى حَتّٰٓى اِذَا بَلَغُوا النِّكَاحَ ۚ فَاِنْ اٰنَسْتُمْ مِّنْهُمْ رُشْدًا فَادْفَعُوْٓا
اِلَيْهِمْ اَمْوَالَهُمْ ۚ وَلَا تَاْكُلُوْهَآ اِسْرَافًا وَّبِدَارًا اَنْ يَّكْبَرُوْا ۭ وَمَنْ كَانَ غَنِيًّا
فَلْيَسْتَعْفِفْ ۚ وَمَنْ كَانَ فَقِيْرًا فَلْيَاْكُلْ بِالْمَعْرُوْفِ ۭ فَاِذَا دَفَعْتُمْ اِلَيْهِمْ
اَمْوَالَهُمْ فَاَشْهِدُوْا عَلَيْهِمْ ۭ وَكَفٰى بِاللّٰهِ حَسِيْبًا ۝٦

۽ يتيمن جي جاچ ۽ پرک ڪندا ڪريو جيستائين هو نڪاح جي عمر (بالغ ٿيڻ) تي پهچي وڃن پوءِ جيڪڏهن اوهان هنن ۾ هوشياري (معاملا فهمي) ڏسو ته سندن مال انهن جي حوالي ڪري ڇڏيو ۽ هن انديشي سبب هنن جو مال تڪڙ ۽ فضول خرچيءَ ۾ نه کائو ته هو هاڻ (جلد) وڏا ٿيڻ وارا آهن. (مال واپس وٺندا) جيڪو رکوالو خوشحال هجي ته اهو يتيم جو مال بچائي رکي، پاڻ نه کائي پر جيڪڏهن نادار آهي ته نهايت مناسب حد تائين استعمال ڪري (کائي) جڏهن توهان هنن جا مال کين حوالي ڪرڻ گهرو ته پوءِ شاهدن آڏو ڏيو ۽ (اوهان کان) حساب وٺڻ لاءِ الله ڪافي آهي.(6)

يتيم ٻارن جي تربيت سان گڏوگڏ انهن جي جاچ پڙتال ٻه رکندا رهو ته هنن ۾ ڪيتري صلاحيت اچي وئي آهي ۽ هو پنهنجو مال متاع سنڀالڻ جي لائق ٿي ويا آهن، ان ڪري صغر سني (ننڍيءَ عمر) ۾ ڪين خريد و فروخت جي تربيت ڏيو. پوءِ جڏهن نڪاح جي عمر يعني بلوغت کي پهچن ته انهن جو مال انهن جي حوالي ڪريو. ان ڪري ياد رکو ته جنسي بلوغت ۾ عقلي بلوغت ٻه هجي، اهو لازمي ناهي. بالغ هجي، پر هو پورڙو يعني ذهني مريض يا اڏمغزي هجي. (الانعام: 153/6، بني اسرائيل: 34/17، المؤمن: 67/40) صغير يتيم جو مال سندس حوالي ڪرڻ لاءِ ٻه شرط آهن: هڪ بلوغ، ٻيو رشد، يعني معامله فهمي، سمجهداري. صغير يا سمجهه سوچ کان عاريءَ کي مال حوالي نه ڪيو ويندو. پر جيڪڏهن هو اهڙي صلاحيت کان محروم آهن ته پوءِ اوهان ساڳي طرح سنڀال جاري رکو. ضروريات زندگي کاڌ خوراڪ، ڪپڙو لٽو، صحت ۽ تعليم وغيرها مهيا ڪندا رهو. ڪين تسلي ڏيندا رهو ته هي تنهنجو مال مون وٽ امانت آهي، سنڀالڻ لائق ٿيندين ته تنهنجي حوالي ڪندس. ياد رکو انهيءَ ڊپ يا خيال کان ته هو بالغ ٿيڻ وارا آهن ۽ هنن جو مال هن کي واپس ڪرڻو پوندو ان ڪري فضول خرچي ۽ جلدبازي ۾ هنن جو مال هڙپ نه ڪريو. جيڪڏهن اوهان مالي طور پاڻ پرا آهيو ۽ ضرورتمند نه آهيو ته پوءِ يتيمن جي پرورش ۽ مال جي حفاظت جو معاوضو نه وٺو، پر جيڪڏهن ضرورتمندا هيو ۽ هنن جي مال جي نگهباني ڪري مصروف رهو ٿا ته پوءِ پلي ضرورت آهر سٺي طريقي سان سندن مال مان وٺي سگهو ٿا. جڏهن هو سمجهدار ۽ جوان ٿي وڃن ته پوءِ هنن جو مال پوري جو پورو هنن جي حوالي ڪريو ۽ حوالگيءَ وقت گواهه ضرور ڪريو ۽ حساب ڪتاب ڏيڻ وقت اهو ڌيان ۾ رکو ته اوهان خدا کي حساب ڪتاب ڏئي رهيا آهيو جيڪو اوهان جي ارادن ۽ عمل کان پوري طرح آگاهه آهي، ان ڪري حساب ڪتاب نيڪ نيڪ طريقي سان ڪجو. اوهان ماڻهن کي ته ٺڳي سگهو ٿا، پر الله کي ڏوڪو نٿا ڏئي سگهو.

لِلرِّجَالِ نَصِيْبٌ مِّمَّا تَرَكَ الْوَالِدٰنِ وَالْاَقْرَبُوْنَ ۪ وَلِلنِّسَآءِ نَصِيْبٌ مِّمَّا تَرَكَ
الْوَالِدٰنِ وَالْاَقْرَبُوْنَ مِمَّا قَلَّ مِنْهُ اَوْ كَثُرَ ؕ نَصِيْبًا مَّفْرُوْضًا ۝ وَاِذَا
حَضَرَ الْقِسْمَةَ اُولُوا الْقُرْبٰى وَالْيَتٰمٰى وَالْمَسٰكِيْنُ فَارْزُقُوْهُمْ مِّنْهُ وَقُوْلُوْا لَهُمْ

قَوْلًا مَّعْرُوْفًا ۝٨ وَلْيَخْشَ الَّذِيْنَ لَوْ تَرَكُوْا مِنْ خَلْفِهِمْ ذُرِّيَّةً ضِعٰفًا خَافُوْا
عَلَيْهِمْ ۖ فَلْيَتَّقُوا اللّٰهَ وَلْيَقُوْلُوْا قَوْلًا سَدِيْدًا ۝٩ اِنَّ الَّذِيْنَ يَاْكُلُوْنَ اَمْوَالَ
الْيَتٰمٰى ظُلْمًا اِنَّمَا يَاْكُلُوْنَ فِيْ بُطُوْنِهِمْ نَارًا ۭ وَسَيَصْلَوْنَ سَعِيْرًا ۝١٠ ع

ع ۱ / ۱۲

(خاندان، اَلاَرحَام) جي حقن جي حفاظت جو حڪم پهرين آيت ۾ آيل آهي، هاڻي ان خاندان جي مال وراثت جو قانون اچي ٿو تہ ) جيڪو مال ماءُ پيءُ يا قريبي رشتيدارن (وراثت ۾) ڇڏيو آهي، ان مال مان مردن جو بہ حصو آهي تہ عورتن جو بہ اهو ترڪه (ڇڏيل مال يا مالِ وراثت) ٿورو هجي يا گهڻو (الله پاران) هر هڪ جو مقرر ڪيل حصو آهي(7) ۽ جيڪڏهن مال وراثت جي تقسيم وقت (غير وارث) رشتيدار ۽ يتيم ۽ محتاج موجود هجن تہ ان مان ڪجھ انهن کي بہ ڏيو ۽ انهن سان خوشخلقي سان ڳالهايو. (دڙڪا نہ ڏيو)(8) ترڪي جي وراثت ۾ يا يتيمن ۽ غريبن کي ڏيڻ ۾ وارثن کي هميشہ اهو خيال رکڻ گهرجي تہ جيڪڏهن اوهان پنهنجي پوئنرن ۾ ڪمزور اولاد ڇڏي وڃو تہ توهان ڪڏهن بہ اهو نہ پسند ڪندا تہ انهن سان بي رخي يا تلخي ٿئي، جنهن لاءِ اوهان ڪيترا خوف زده (فڪرمند ) رهندا. خدا جي حڪمن جي پيچڪڙي ڪان ڊڄو ۽ صحيح سڌي گفتگو ڪريو(9) بيشڪ جيڪي ماڻهو يتيمن جو مال ناحق طريقي سان کائين ٿا اهي پنهنجن پيٽن ۾ باھ پري رهيا آهن، اهي جلد پڙڪندڙ باھ ۾ پهچي ويندا.(10)

اسلام کان اڳ يتيم ۽ بيواھ تہ ڇڏيو، پر ڪمزور طبقو بہ پنهنجن حقن کان محروم رهندو هيو. قرآن مجيد ئي هن ڪمزور طبقي يعني يتيمن ۽ بيواھ عورتن جا حق مقرر ڪيا آهن. "وَتَاْكُلُوْنَ التُّرَاثَ اَكْلًا لَّمًّا" (الفجر: 19/89) توهان وراثت جي مال مان گهڻو حصو هضم ڪريو ٿا. هاڻي وراثت جي مال بابت احڪام ٻڌو. مردن لاءِ ان مال ۾ حصو

مقرر آهي، جيڪو سندن والدين يا ٻيا وڏ مان وڏ ويجها رشتيدار ڇڏي مري وڃن. اهڙي طرح عورتن جو ان مال ۾ حصو آهي، جيڪو انهن جا ماءُ پيءُ يا وڌيڪ ويجها رشتيدار ڇڏي مري وڃن. اهو ٿورو مال هجي يا گهڻو، هر هڪ جو حصو مقرر آهي، جن جو اڳتي تفصيلي ذڪر اچي ٿو. هتان ثابت ٿيو ته مردن وانگر عورتون به حق رکن ٿيون، جن کي سندن حق کان محروم ڪرڻ ظلم ۽ زيادتي آهي. مردن وانگر عورتون به مال جون مالڪ آهن. عورت توڙي مرد جي مال مان وراثت ٿيندي، جهڙي طرح عورت ۽ مرد وراثت مان حصو وٺي سگهندا. (النساء: 32/4) جيڪڏهن مال جي تقسيم ۾ اهڙا رشتيدار به اچي وڃن، جن جو وراثت جي مال ۾ حصو ناهي يا يتيم ۽ مسڪين ماڻهو اچي وڃن ته انهن کي به ان وراثت جي مال مان ڪجهه نه ڪجهه ڏيو (البقره 180/2-215) ۽ هنن کي سهڻي نموني ٻڌايو ته وراثت جي مال جي تقسيم ته الله جي مقرر قانون مطابق ٿيندي، پر اوهان کي دلجوئيءَ لاءِ ڪجهه ڏيون ٿا. ائين نه ٿئي ته اوهان هنن کي دڙڪا ڏيو يا گهٽ وڌ ڳالهائي بي عزتو ڪريو. ياد رکو ته وراثت جي مال جي تقسيم صحيح قاعدي مطابق ڪري، حقدارن کي سندن حق پوري طرح ڏيو. اهو خدا جو خوف دل ۾ رکو ته جيڪڏهن اوهان پاڻ پٺيان ڪمزور اولاد ڇڏي وڃو ۽ انهن سان بي انصافي ٿئي ته اوهان کي ڪيترو ڏک محسوس ٿيندو، ان ڪري تقوىٰ جو دامن مضبوط پڪڙي رکو ته هي ڪمزور يا يتيم ٻار به ڪنهن جو اولاد آهن، اهو به ذهن نشين ڪريو ته جيڪي ماڻهو ظلم ۽ زيادتي ڪري يتيمن ۽ ڪمزورن جو مال هڙپ ڪن ٿا، اهي پنهنجي پيٽ ۾ دوزخ جي باهه ڀرين ٿا يا سمجهو ته هنن جي حرص ۽ لالچ جي باهه اجان وڌيڪ ٿيندي ٿي وڃي ۽ هو ان ۾ سڙندا رهندا. افسوس جو ماڻهو نياڻين کي يا يتيم ٻارن کي سندن حق ڏيڻ کان انڪاري آهن، حالانڪ ميت جي مرڻ سان هنن جو حصو الله وٽ هنن جي ڪاتي ۾ اچي ٿو وڃي.

يُوْصِيْكُمُ اللّٰهُ فِيْٓ اَوْلَادِكُمْ ۤ لِلذَّكَرِ مِثْلُ حَظِّ الْاُنْثَيَيْنِ ۚ فَاِنْ كُنَّ
نِسَآءً فَوْقَ اثْنَتَيْنِ فَلَهُنَّ ثُلُثَا مَا تَرَكَ ۚ وَاِنْ كَانَتْ وَاحِدَةً فَلَهَا النِّصْفُ ۭ
وَلِاَبَوَيْهِ لِكُلِّ وَاحِدٍ مِّنْهُمَا السُّدُسُ مِمَّا تَرَكَ اِنْ كَانَ لَهٗ وَلَدٌ ۚ فَاِنْ
لَّمْ يَكُنْ لَّهٗ وَلَدٌ وَّوَرِثَهٗٓ اَبَوٰهُ فَلِاُمِّهِ الثُّلُثُ ۚ فَاِنْ كَانَ لَهٗٓ اِخْوَةٌ فَلِاُمِّهِ

السُّدُسُ مِنۢ بَعۡدِ وَصِيَّةٍ يُّوۡصِيۡ بِهَاۤ اَوۡ دَيۡنٍ ؕ اٰبَآؤُكُمۡ وَ اَبۡنَآؤُكُمۡ لَا تَدۡرُوۡنَ اَيُّهُمۡ اَقۡرَبُ لَكُمۡ نَفۡعًا ؕ فَرِيۡضَةً مِّنَ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلِيۡمًا حَكِيۡمًا ﴿۱۱﴾

**خانداني معاملي جو اهم مسئلو قانوني وراثت هتان شروع ٿي رهيو آهي، جيڪو هڪ رڪوع ۽ چار آيتن تي مشتمل آهي، جنهن جو تفسير ۽ ترجمو لڳ ڀڳ هڪ جهڙو آهي، ان ڪري هن آيت جو تفسير ڏسو.**

سورت النساء جي هنن چئن آيتن (11 کان 14 تائين) ۾ اسلام جو پورو وراثت جو قانون پيش ڪيو ويو آهي، جنهن مطابق اولاد بابت خداوند ڪريم جو حڪم آهي ته ڇوڪري (مرد) جو حصو ٻن ڇوڪرين جي برابر آهي. يعني ڇوڪريءَ (عورت) جو حصو ڇوڪري (مرد) جي اڌ برابر آهي. ڇو ته ڪٽنب جو ڪفيل مرد آهي، عورت ناهي. (النساء 34/4) پر جيڪڏهن اولاد ۾ رڳو نياڻيون ٻه يا ٻن کان وڌيڪ هجن ته انهن لاءِ ترڪي ۾ ٻه ٽهايون يعني $\frac{2}{3}$ حصو آهي، پر جيڪڏهن هڪ نياڻي هجي ته ان جو ترڪي ۾ اڌ حصو آهي (پر جيڪڏهن رڳو هڪڙو پٽ هجي ته پوءِ سمورو ترڪو ان جو آهي) جيڪڏهن ميت جي اولاد ٻه آهي ته ان جي ماءُ پيءُ کي ڇهون ڇهون حصو ملندو (يعني ٽيون حصو ماءُ پيءُ کي ۽ باقي ٻه ٽهايون $\frac{2}{3}$ ٻي اولاد کي ملندا.) پر جيڪڏهن ميت کي اولاد ناهي ۽ ماءُ پيءُ آهن ته ماءُ کي ٽيون حصو ۽ پيءُ کي ٻه ٽهايون $\frac{2}{3}$ ملندو. پر جيڪڏهن ميت جا ڀاءُ ڀيڻون هجن (مرحوم جي اولاد نه هجي) ته پوءِ ماءُ جو ڇهون حصو آهي (باقي $\frac{5}{6}$ حصا پيءُ کي ملندا ۽ ڀيڻ ڀائرن کي ڪجهه نه ملندو، اهي رڳو پنهنجي پيءُ جي ميراث مان ونندا) پر انهيءَ وراثت کان اڳ ۾ ميت تي قرض يا ميت جي وصيت کي پورو ڪري پوءِ ترڪو تقسيم ڪيو) اها خبر صرف الله کي آهي ۽ اوهان کي بلڪل خبر ناهي ته پيءُ ۽ پٽن مان اوهان لاءِ ڪير وڌيڪ اهم ۽ سودمندا هي. هي حصا الله پاران مقرر ڪيا ويا آهن. ان ڪري اوهان پنهنجي عقل سان انهن ۾ ڦير ڦار نه ڪريو ڇو ته الله تعالى هر شيءِ جي پوري پوري ڄاڻ رکڻ وارو آهي ۽ ان جو هر حڪم حڪمت ڀريو آهي. گهر جي اخراجات جي ذميداري

مرد تي آهي عورت تي نہ آهي. (النساءِ: 34/4) دور جهالت ۾ اولاد ۾ بہ رڳو اهو وارث هيو، جيڪو دشمن سان مقابلو ڪرڻ لائق آهي، باقي ٻيا سڀ وارث محروم هيا، پر قرآن حڪيم سيني جا حصا مقرر ڪري هن ظلم جو دروازو هميشہ لاءِ بند ڪري ڇڏيو. الله ئي بهتر ڄاڻي ٿو تہ ڪنهن کي ڪيترو ڏجي.

وَلَكُمْ نِصْفُ مَا تَرَكَ اَزْوَاجُكُمْ اِنْ لَّمْ يَكُنْ لَّهُنَّ وَلَدٌ ۚ فَاِنْ كَانَ لَهُنَّ
وَلَدٌ فَلَكُمُ الرُّبُعُ مِمَّا تَرَكْنَ مِنْۢ بَعْدِ وَصِيَّةٍ يُّوْصِيْنَ بِهَآ اَوْ دَيْنٍ ؕ
وَلَهُنَّ الرُّبُعُ مِمَّا تَرَكْتُمْ اِنْ لَّمْ يَكُنْ لَّكُمْ وَلَدٌ ۚ فَاِنْ كَانَ لَكُمْ وَلَدٌ فَلَهُنَّ
الثُّمُنُ مِمَّا تَرَكْتُمْ مِّنْۢ بَعْدِ وَصِيَّةٍ تُوْصُوْنَ بِهَآ اَوْ دَيْنٍ ؕ وَاِنْ كَانَ رَجُلٌ
يُّوْرَثُ كَلٰلَةً اَوِ امْرَاَةٌ وَّلَهٗٓ اَخٌ اَوْ اُخْتٌ فَلِكُلِّ وَاحِدٍ مِّنْهُمَا السُّدُسُ ۚ
فَاِنْ كَانُوْٓا اَكْثَرَ مِنْ ذٰلِكَ فَهُمْ شُرَكَآءُ فِي الثُّلُثِ مِنْۢ بَعْدِ وَصِيَّةٍ يُّوْصٰى
بِهَآ اَوْ دَيْنٍ ۙ غَيْرَ مُضَآرٍّ ۚ وَصِيَّةً مِّنَ اللّٰهِ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَلِيْمٌ ؕ ﴿۱۲﴾ تِلْكَ
حُدُوْدُ اللّٰهِ ؕ وَمَنْ يُّطِعِ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ يُدْخِلْهُ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ
خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ؕ وَذٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿۱۳﴾ وَمَنْ يَّعْصِ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ وَيَتَعَدَّ
حُدُوْدَهٗ يُدْخِلْهُ نَارًا خَالِدًا فِيْهَا ۪ وَلَهٗ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ ﴿۱۴﴾ ع ۲ ۱۳

مٿين آيتن جو تفسير ۽ ترجمو لڳ ڀڳ هڪ جهڙو آهي، ان ڪري آيت 12 کان آيت 14 تائين ڏسو تفسير.

اوهان جو اوهان جي زالن جي ترڪي مان اڌ حصو آهي، بشرطيڪ ان جي اولاد نہ آهي (باقي اڌ مرحومہ جي والدين ڀيڻ ڀائرن ۾ ويندو) پر جيڪڏهن ميت عورت جو اولاد آهي تہ پوءِ مڙس کي ترڪي مان چوٿون حصو ملندو، پر جيڪڏهن مڙس مري ٿو ۽ ان کي

اولاد نہ آهي تہ زال جو چوٿون حصو آهي، پر جيڪڏهن ميت مرد کي اولاد آهي تہ پوءِ سندس زال کي اٺون حصو ملندو. (النساء: 33/4) اهو تقسيم جو قانون ميت جي قرض ۽ وصيت جي ادائگيءَ ۽ ميت جي ڪفن دفن جي اخراجات بعد ڪيو ويندو (پر جي هڪ کان وڌيڪ زالون آهن تہ انهن ۾ اهو هڪ زال وارو حصو برابر تقسيم ٿيندو) جيڪڏهن ميت مرد هجي يا عورت ”ڪلالہ“ يعني اهڙو مرد ۽ عورت، جنهن جو نہ ماءُ پيءُ زنده هجي ۽ نہ وري ڪو اولاد هجي ۽ ان جو هڪ ڀاءُ يا ڀيڻ هجي تہ پوءِ هر هڪ کي ڇهون ڇهون حصو ملندو پر جي اهي ان عدد کان وڌيڪ هجن تہ پوءِ اهي سڀ ٽئين حصي جا گڏيل شريڪ آهن. اهو مائٽو ڀاءُ (اخياتي ڀاءُ) واري ڀاءُ کي چوندا آهن، جنهن جي ماءُ هڪ هجي پر پيءُ الڳ الڳ هجن. عربن وٽ اهڙن ڀاءُ ڀيڻ کي ”اخياتي“ سڏبو آهي، ماءُ پيءُ هڪ هجي تہ اهو عيني (حقيقي) سڳو ڀاءُ ڀيڻ سڏبو. جيڪڏهن ماءُ الڳ هجي پر پيءُ ساڳيو هجي ان کي علاتي ڀاءُ يا پيئٽو ڀاءُ ڀيڻ چوندا آهن. علاتي ڀاءُ ڪلالہ هجي تہ ان جو ذڪر هن سورت جي آخري آيت 172 ۾ اچي ٿو.

هي قرآن حڪيم جو اعجاز آهي جنهن ڇئن آيتن ۾ ميراث (ترڪي) جو سمورو نظام بيان ڪيو آهي، جنهن جي تشريح ۾ علم ميراث تي وڏا وڏا ڪتاب لکيل آهن. ترڪي جي اها تقسيم قرض جي ادائگي ۽ وصيت جي تعميل بعد ڪئي ويندي. جنهن ۾ ڪنهن کي بہ ڪو نقصان نہ پهچايو ويندو. سيني کي سندن حق مطابق حصو ڏنو ويندو. هي الله جو نهايت تاڪيد ڪيل حڪم آهي. حضور اڪرم خاتم النبيين ﷺ جن جو فرمان مبارڪ آهي تہ فرائض يعني علم ميراث ۽ ترڪه سکو ۽ هڪ ٻئي کي سيکاريو. هڪ ٻي حديث آهي تہ ميراث جو علم سکو، اهو شرعي علمن جو اڌ آهي. منهنجي امت ۾ پهريان جيڪو علم ختم ٿيندو، اهو ميراث جو علم آهي. واقعي مسلمان وراثت جي معاملي ۾ نهايت غافل آهن. بيشڪ الله کي سڀ ڪجهہ معلوم آهي ۽ هو حليم ۽ برد بار آهي. جذبات ۾ اچي پڪڙ ڪرڻ وارو ناهي، پر جڏهن پڪڙ ڪندو تہ ڪوئي بچائي نہ سگهندو. اِنَّ بَطْشَ رَبِّكَ لَشَدِيْدٌ (البروج: 12/85) يقينًا الله جي گرفت نهايت سخت آهي. ياد رکو هي الله جون مقرر ڪيل حدون آهن. ڪڏهن بہ حدون پار نہ ڪريو، جهڙيءَ طرح بادشاهہ يا رياست جا سخت فرمان هوندا آهن، اهڙيءَ طرح هي مالڪ الملڪ جو فرمان آهي، جنهن جي بجاآوري

لازم آهي. پر جيڪو بہ ماڻهو الله جي انهي مقرر ڪيل حدن ۽ حڪمن جي پيروي اهڙيءَ طرح ڪندو، جهڙيءَ طرح رسول الله ﷺ جو ارشاد گرامي آهي تہ پوءِ الله ان کي اهڙي جنت نصيب ڪندو جنهن جو شادابيون سدا بهار هونديون، جن جي هيٺان پاڻيءَ جون نهرون وهندڙ هونديون ۽ هو اهڙن باغ بهارن ۾ سدائين رهندا. دراصل انسان جي لاءِ اها ئي وڏي ڪاميابي آهي. پر جيڪڏهن ڪو الله ۽ ان جي رسول گرامي ﷺ جي حڪمن ۽ هدايت جي پيڪڙي ڪندو ۽ الله جي حدن کي اورانگهي ويندو تہ الله اهڙي نافرمان بانهي کي باهہ ۾ پيڙو ڪندو، جنهن ۾ هو هميشہ لاءِ جلندو ۽ سڙندو رهندو. ڪيس موت بہ ڪونہ ايندو. اهڙي نافرمان ۽ ناشڪري انسان لاءِ نهايت ذلت وارو عذاب آهي.

وَالّٰتِیْ یَاْتِیْنَ الْفَاحِشَةَ مِنْ نِّسَآىِٕكُمْ فَاسْتَشْهِدُوْا عَلَیْهِنَّ اَرْبَعَةً مِّنْكُمْ ۚ
فَاِنْ شَهِدُوْا فَاَمْسِكُوْهُنَّ فِی الْبُیُوْتِ حَتّٰی یَتَوَفّٰىهُنَّ الْمَوْتُ اَوْ یَجْعَلَ اللّٰهُ
لَهُنَّ سَبِیْلًا ﴿۱۵﴾ وَالَّذٰنِ یَاْتِیٰنِهَا مِنْكُمْ فَاٰذُوْهُمَا ۚ فَاِنْ تَابَا وَاَصْلَحَا فَاَعْرِضُوْا
عَنْهُمَا ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ تَوَّابًا رَّحِیْمًا ﴿۱۶﴾

(حفاظت مال يعني مال جي وراثت کان پوءِ تحفظ عصمت بابت بيان آهي، جيڪو معاشرتي زندگي جو اهم عنصر آهي، جنهن جي نگهداشت ڪرڻ نهايت ضروري آهي.) جيڪڏهن اوهان جي عورتن مان ڪا بدڪاريءَ جي مرتڪب ٿئي تہ اوهان پاڻ (مسلمانن مان) چار مردن جي شاهدي وٺو. پوءِ جيڪڏهن اهي شاهدي ڏين تا تہ پوءِ انهن عورتن کي گهرن ۾ بند ڪريو، جيستائين موت انهن جو معاملو پورو ڪري يا الله انهن جي لاءِ ڪا راهہ (نئون حڪم) جاري ڪري. (15) ۽ توهان (مان اگر بہ (مرد) انهيءَ بدڪاري جا مرتڪب ٿين تہ انهن کي مناسب سزا ڏيو. پر جيڪڏهن هو پنهنجي هن بري ڪم کان توبه ڪن ۽ ان کي ترڪ ڪري پنهنجي اصلاح ڪن تہ پوءِ انهن سان درگذر جو معاملو ڪريو. الله جي قانون ۾ معافي جي بہ گنجائش آهي، جيڪا الله جي رحمت جو اظهار آهي. (16)

اسلامي معاشري ۾ عورت ۽ مرد جي عفت ۽ عصمت کي بنيادي اهميت حاصل آهي، ان ڪري معاشري ۾ جنسي بي راهه روي جو سد باب ڪرڻ لاءِ ڪجهه ابتدائي احڪام هت ڏجن ٿا. هن کان پوءِ سورة المائده: 33/3، سورة النور: 12/24 ۽ سورة الاحزاب ۾ بتدريج آيا آهن. اوهان مسلمانن جي عورتن مان جيڪي عورتون فحاشي (زنا)، بيحيائي، بدڪاريءَ جون مرتڪب ٿين ته پوءِ اهڙي عورت بابت پاڻ مان (مسلمانن مان) چار شاهدن کان شاهدي وٺو، جيڪڏهن چار مسلمان گواهه اها شاهدي ڏين ته هي عورت بيحيائي، بدڪاري ۽ فحاشي ڪري رهي آهي ته پوءِ اهڙين بدنام عورتن کي چوٽ نه ڇڏي ڏيو، پر هنن کي پنهنجن گهرن ۾ عمر ڀر بند رکو. نظرداري ڪريو، جيستائين هو حيات آهن، يا مري وڃن يا الله انهن جي لاءِ ڪا ٻي آسانيءَ واري واٽ پيدا ڪري، جنهن سان هو بدڪاريءَ کان رڪجي وڃن يا ڪو ٻيو حڪم نازل ڪري. هت هڪ اهڙي مسلمان عورت جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جيڪا بدڪاري ۽ فحاشي ۾ رذل هجي ۽ ان جي فحاشي ۽ بدڪاريءَ جي شهرت هجي، پر زنا ڪندي پڪڙي نه وئي آهي، اهڙي بدڪار، بدنام عورت مراد آهي. پر گهڻن تفسيرن ۾ آهي ته هي زنا جو پهريون حڪم هيو ۽ بعد ۾ سورة النور جي ابتدا ۾ ئي زاني مرد ۽ زاني عورت ٻنهي جي سزا آهي. منهنجي خيال ۾ هت "فاحشه" مان مراد زنا يعني "مرد ۽ عورت جو جماع ڪندي ڪين چار شاهد ڏسن" نه آهي، پر هت زنا ڪندڙ مرد جو ذڪر ناهي، ان ڪري منهنجي سمجهه ۾ بدڪار، بدنام قحبه خانه هلائيندڙ عورت مراد آهي، جنهن جي بدڪاري، فحاشي ۽ بدپيشي جي شهرت هجي، اهڙي بدنام عورت کي بي لغام ناهي ڇڏي ڏيڻو، رڳو معاشري جا چار معتبر ماڻهو هن جي بدڪاريءَ واري شهرت جي گواهي ڏين ٿا، پر جيڪڏهن چار شاهد زنا جو فعل ڪندي اکين سان ڏسن ٿا ته پوءِ اهو سورة النور: 2/24 ۾ واضح آهي. والله اعلم بالصواب.

هنن آيتن تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته سورة النور: 2/24 ۾ مرد ۽ عورت کي چار شاهد اکين سان ڏسن ۽ اهڙي گواهي ڏين ته پوءِ اها زنا آهي. سزا به زنا ۽ رجم واري آهي، يعني شادي شده کي رجم ۽ غيرشادي شده کي زنا جي سزا سؤ ڪوڙا هڻڻ آهي، جنهن ۾ ڪابه نرمي ناهي ڪرڻي، پر جيڪڏهن اکين ڏٺا گواهه نه آهن، مرد پنهنجي زال کي ڪنهن شخص سان زنا ڪندي ڏٺو آهي ته پوءِ مڙس چار دفعا قسم کڻي شاهدي ڏيندو

۽ پنجون پيرو خدا جي غضب ۽ قهر جو قسم کڻي الزام هٽندو ته عورت کي سزا ملندي، پر جيڪڏهن عورت ساڳيءَ طرح چار دفعا قسم کڻي مڙس جي الزام کي رد ڪندي ۽ پنجون پيرو چوندي ته جيڪڏهن منهنجو مڙس پنهنجي ڳالهه ۾ سچو هجي ته مون تي الله جو ڏمر نازل ٿئي. ان صورت ۾ هوءَ سزا کان بچي ويندي. پر جيڪڏهن ڪا بدپيشه عورت لڪي ڇپي قحبه خانو هلائي ٿي، جنهن جي معاشري ۾ بري شهرت ٿي وئي آهي ۽ چار معتبر ماڻهو چون ٿا ته اهڙي عورت بدڪار ۽ بدنام آهي، پر ڪيس چار اکين ڏٺا شاهد نه آهن، پر سندس بد شهرت جي تصديق ڪن ٿا ته اهڙي عورت کي به آزاد نه ڇڏي ڏبو، پر هن کي سندس گهر ۾ اهڙيءَ طرح بند رکبو جو هوءَ کلي عام اهو بڇڙو فعل نه ڪري سگهي، يا اڳتي هلي سندس شادي ٿي وڃي ۽ پوءِ بري ڪم کان رڪجي وڃي.

ڪجهه تفسيرن ۾ آهي ته عورت مسلمان هئي، پر ان سان جماع (زنا) ڪندڙ ڪافر هيو ۽ هوءَ لڪي ڇپي قحبه خانو هلائي رهي هئي. پر مسلمان زاني مرد ۽ زاني عورت جي سزا جو ذڪر سورت النور 2/24 ۾ آيو آهي ۽ بهتان ۽ تهمت جو ذڪر النور (4/24) ۾ آهي ۽ هيءَ حديث مبارڪ ”وَمَنْ وَجَدْتُّمُوْهُ يَعْمَلُ عَمَلَ قَوْمِ لُوْطٍ فَاقْتُلُوا الْفَاعِلَ وَالْمَفْعُوْلَ“ يعني جيڪو لواطت (مرد مرد سان) ڪري، انهن مان فاعل ۽ مفعول ٻنهي کي قتل ڪريو. ڪجهه تفسيرن (البيان وغيره) هن مان مراد مرد ۽ عورت جي زنا ورتي آهي. جن کي سزا ڏني ويندي. بعد ۾ سورة النور ۾ سؤ ڪوڙا مقرر ٿي. شادي شده عورت لاءِ حديث ۾ رجم به آيو آهي. اَلشَّيْخُ وَالشَّيْخَةُ اِذَا زَنَيَا فَارْجُمُوْهُمَا اَلْبَتَّةَ (ترمذي، مؤطا امام مالڪ، نسائي، ابوداؤد، ابن ماجه) جيڪڏهن اوهان مان به شخص انهي بدڪاري ۽ بي حيائيءَ جا مرتڪب ٿين ته انهن ٻنهي کي مناسب سزا ڏيو جنهن سان هنن کي اذيت پهچي. پر جيڪڏهن هو توبه تائب ٿين ۽ پنهنجي ڪڌي ڪم کان باز اچن ۽ انهن ۾ اصلاح نظر اچي ته پوءِ هنن کي ڇڏي ڏيو. ياد رکو ته الله جي قانون ۾ معافيءَ جي گنجائش آهي هو معاف ڪرڻ وارو ۽ رحم ڪرڻ وارو آهي.

ياد رهي ته آيت ”وَالَّذٰنِ يَاْتِيٰنِهَا مِنْكُمْ“ توهان مان به مرد عمل قومِ لوط ڪن ٿا يا ٻه عورتون هم جنس پرستيءَ ۾ ڏٺيون وڃن ٿيون ته انهن هم جنس پرست لاءِ جدا سزا آهي. زنا ۾ ته ولدالزنا جهڙو نسل پيدا ٿيندو، جيڪو معاشري جو وڏو ناسور هوندو، پر هم جنس پرستيءَ ۾ اهڙو خطرو ناهي، پر فعل شنيع يعني برو عمل ضرور آهي. والله اعلم بالصواب.

اِنَّمَا التَّوْبَةُ عَلَى اللّٰهِ لِلَّذِيْنَ يَعْمَلُوْنَ السُّوْٓءَ بِجَهَالَةٍ ثُمَّ يَتُوْبُوْنَ مِنْ
قَرِيْبٍ فَاُولٰٓئِكَ يَتُوْبُ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ﴿١٧﴾ وَلَيْسَتِ
التَّوْبَةُ لِلَّذِيْنَ يَعْمَلُوْنَ السَّيِّاٰتِ ۚ حَتّٰٓى اِذَا حَضَرَ اَحَدَهُمُ الْمَوْتُ قَالَ اِنِّيْ
تُبْتُ الْـٰٔنَ وَلَا الَّذِيْنَ يَمُوْتُوْنَ وَهُمْ كُفَّارٌ ؕ اُولٰٓئِكَ اَعْتَدْنَا لَهُمْ عَذَابًا
اَلِيْمًا ﴿١٨﴾

چڱيءَ طرح معلوم هئڻ گهرجي، اها معافي انهن لاءِ آهي جيڪي غلطيءَ سان ڪوئي گناهه ڪري وجهن ۽ ان جي احساس ٿيڻ بعد فورًا پنهنجي اصلاح ڪري وٺن. الله تعالىٰ وٽ معافي اهڙن ماڻهن لاءِ آهي. الله هر شيءِ جو پورو پورو علم رکي ٿو ۽ هن جو هر حڪم حڪمت وارو آهي (17) انهن لاءِ هي معافيءَ جو قانون نہ آهي، جيڪي عادي مجرم آهن ۽ پنهنجي ان روش تي موت اچڻ تائين قائم آهن ۽ مرڻ وقت چون تہ اسان توبه تائب آهيون ۽ نہ وري انهن ماڻهن لاءِ معافي آهي، جيڪي ڪفر جي زندگي ۾ مري وڃن. اهڙن ماڻهن لاءِ اسان دردناڪ عذاب تيار رکيو آهي(18)

پهرين آيت ۾ مرد ۽ عورتن جي سزا جو ذڪر هيو ۽ آخر ۾ توبه جو بيان آيو آهي، ان ڪري هت توبه بابت حڪم آهي. ياد رهي تہ اها معافيءَ جي سهولت عادي مجرمن لاءِ نہ آهي. الله وٽ توبه جي قبوليت اهڙي شخص لاءِ آهي، جيڪو غلطيءَ سان گناهہ ڪري وجهي، پر پوءِ جلد هن کي ان جو احساس ٿئي ۽ يڪدم پنهنجي اصلاح ڪري ۽ توبه تائب ٿئي تہ الله اهڙن ماڻهن جي توبه قبول ڪري رحمت سان نوازي ٿو. (آل عمران: 135/3، النساء: 112/4، النور: 23/24، الاحزاب: 58/33، البروج: 10/85) ’جهالت‘ جو لفظ نہ ڄاڻڻ يا لاعلم هجڻ لاءِ بہ ايندو آهي، پر هتي ’جهل‘ علم جو ضد نہ، پر حلم جو ضد يعني جذبات جو غلبو آهي. يعني بيخبريءَ ۾ نٿو ڪري، پر جذبات ۾ اچي ڪري ٿو. بيشڪ الله هر

شيءِ کان باخبر آهي ۽ ان جو هر حڪم حڪمت تي شامل آهي، پر جيڪڏهن بي حيائي ۽ بي شرمي ڪندڙ ماڻهو عادي مجرم آهن ته انهن لاءِ الله وٽ معافي نه آهي. جيڪي مرڻ مهل چون ته هاڻي توبه ڪريون ٿا ۽ نه وري اهڙن ماڻهن لاءِ معافي آهي، جيڪي خدا جي هن حڪم کي تسليم ڪرڻ لاءِ تيار ناهن. اهڙن سرڪشن ۽ عادي مجرمن لاءِ الله پاران دردناڪ عذاب آهي، جيڪو هنن کي سزا طور ضرور ملندو. حديث شريف ۾ آهي: اِنَّ اللهَ يَقْبَلُ تَوْبَةَ الْعَبْدِ مَا لَمْ يُغَرْغِرْ (جامع ترمذي، مسندا حمد، صحيح جامع الصغير) الله ٻانهي جي تيستائين توبه قبول ڪري ٿو جيستائين هو نزع جي حالت ۾ نه هجي.

در جوانی توبه کردن شیوهِ پیغمبریست
وقت پیری گرگ ظالم میشود پرہیزگار

جوانيءَ ۾ توبه ڪرڻ نبين جي سنت ۽ طريقو آهي. پيريءَ ۾ ظالم بگهڙ به پرهيزگار ٿي ويندو آهي.

امام غزالي رحمه الله جوقول آهي ته جيستائين سگهه ۽ توانائي آهي، سجدا ڪري وٺ. اهو وقت به ايندو، جو (پيري ۽ ڪمزوريءَ جي ڪري) سجدي ڪرڻ لاءِ سڪندين. ٻئي هنڌ ”احياءُ العلوم“ ۾ فرمائين ٿا ته گناهه جا ٽي درجا آهن: (1) گناهه نه ٿئي، جيڪا انبياء عليهم السلام ۽ فرشتن جي صفت آهي. (2) گناهه ٿئي، پر ندامت ۽ شرمساري نه ٿئي، پر گناهه تي قائم رهي. اها شيطان جي حقيقت آهي. (3) گناهه ٿئي، پر يڪدم توبه ڪري، اها انسان جي خصلت آهي، جيڪو انسان گناهه ڪرڻ بعد توبه نٿو ڪري، پر گناهه جي زندگيءَ کي قائم رکي ٿو، اهو شيطان جو ساٿي آهي.

ياد رهي ته توبه، تابَ تَوبًا توبَةً جي معنىٰ آهي ’واپس اچڻ‘. جهڙيءَ طرح ڪو راهگير غلط رستي تي هليو وڃي ۽ ڪيس معلوم ٿئي ته غلط آيو آهي، هو اڳتي وڃڻ بند ڪري، وري ساڳئي هنڌ موٽي ايندو ۽ اتان وري صحيح رستو اختيار ڪندو، اهڙيءَ طرح ’توبه‘ ۾ گناهگار گناهه ڪرڻ وارو سفر بند ڪري، وري معتدل زندگيءَ ڏانهن واپس ايندو ۽ اتان وري صراط مستقيم ڏانهن سفر ڪندو. ”اِنَّ الْحَسَنٰتِ يُذْهِبْنَ السَّيِّاٰتِ“ (هود: 114/11) نيڪيون برائين جا اثر ختم ڪن ٿيون. ”اِنَّ اللهَ يُحِبُّ التَّوَّابِيْنَ“ (البقره: 222/2) الله

توبه ڪندڙن کي پسند ڪري ٿو. ”اِنَّهٗ كَانَ تَوَّابًا“ (النصر: 3/110) الله گناهه کان موٽ ڪائيندڙ کي قبول ڪري ٿو. توبه ۽ استغفار ۾ اهو فرق آهي ته ’توبه‘ گناهه کان پشيمانيءَ جو اظهار ۽ ترڪِ معاصي ڪرڻ بعد صراط مستقيم اختيار ڪرڻ آهي، جڏهن ته استغفار جي معنىٰ آهي ’پرده پوشي ڪرڻ، حفاظت ڪرڻ‘. يعني گناهه ڪرڻ بعد ان جي سزا جا نتيجا نڪرڻ کان اڳ انهن نتيجن کان حفاظت ۾ اچڻ ’استغفار‘ آهي. (آل عمران: 125/3، النساءِ: 64/4، الزمر: 39/54- 53). (وڌيڪ ڏسو سورة البقره: 286/2 جو تفسير)

”توبه“ مان مراد توبة النصوح آهي. سورة التحريم: 8/66 ۾ آهي: ”يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا تُوْبُوْۤا اِلَى اللّٰهِ تَوْبَةً نَّصُوْحًا ؕ عَسٰى رَبُّكُمْ اَنْ يُّكَفِّرَ عَنْكُمْ سَيِّاٰتِكُمْ وَيُدْخِلَكُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ۙ“ اي ايمان وارؤ! الله وٽ توبه ڪريو، پر سچي توبه ڪريو. اميد آهي ته اوهان جو پروردگار اوهان جون مدايون اوهان کان ميٽيندو ۽ اوهان کي اهڙن باغن ۾ داخل ڪندو، جن جي دامن ۾ نهرون وهندڙ آهن.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا يَحِلُّ لَكُمْ اَنْ تَرِثُوا النِّسَآءَ كَرْهًا ؕ وَلَا تَعْضُلُوْهُنَّ
لِتَذْهَبُوْا بِبَعْضِ مَاۤ اٰتَيْتُمُوْهُنَّ اِلَّاۤ اَنْ يَّاْتِيْنَ بِفَاحِشَةٍ مُّبَيِّنَةٍ ۚ وَ
عَاشِرُوْهُنَّ بِالْمَعْرُوْفِ ۚ فَاِنْ كَرِهْتُمُوْهُنَّ فَعَسٰۤى اَنْ تَكْرَهُوْا شَيْـًٔا وَّيَجْعَلَ
اللّٰهُ فِيْهِ خَيْرًا كَثِيْرًا ﴿١٩﴾ وَاِنْ اَرَدْتُّمُ اسْتِبْدَالَ زَوْجٍ مَّكَانَ زَوْجٍ ۙ وَّ اٰتَيْتُمْ
اِحْدٰىهُنَّ قِنْطَارًا فَلَا تَاْخُذُوْا مِنْهُ شَيْـًٔا ؕ اَتَاْخُذُوْنَهٗ بُهْتَانًا وَّاِثْمًا
مُّبِيْنًا ﴿٢٠﴾ وَكَيْفَ تَاْخُذُوْنَهٗ وَقَدْ اَفْضٰى بَعْضُكُمْ اِلٰى بَعْضٍ وَّاَخَذْنَ مِنْكُمْ
مِّيْثَاقًا غَلِيْظًا ﴿٢١﴾

مؤمنؤ! اوهان لاءِ جائز نه آهي ته اوهان عورتن جا وارث بڻجي وڃو ۽ انهن کي هن مقصد لاءِ نه روڪي رکو ته جيڪو مال اوهان هنن کي (شادي دوران) ڏنو آهي، ان مان (طلاق کان بعد) ڪجهه واپس وٺو سواءِ اهڙي روش جي، جو اهي

(مطلقہ) ڪنهن ڪلي بدڪاريءَ جون مرتڪب ٿين ۽ انهن سان سٺو ورتاءُ رکو، جيڪڏهن اهي اوهان کي پسند نہ آهن تہ ممڪن آهي تہ اوهان ڪنهن شيءِ کي ناپسند ڪندا هجو پر الله ان ۾ وڏي ڀلائي رکي هجي(19) ۽ جيڪڏهن توهان کي هڪ زال جي عيوض (بدلي ۾) ٻي زال آڻڻ جو خيال هجي ۽ توهان هن کي گهڻو مال ڏئي چڪا آهيو تہ انهيءَ مال مان ڪائنس ڪجهہ بہ واپس نہ وٺو. ڇا توهان غلط الزام هڻي صريحًا گناهہ جي ذريعي اهو مال واپس وٺڻ گهرو ٿا(20) اوهان اهو (مال) واپس ڪيئن وٺي سگهو ٿا، حالانڪہ اوهان هڪ ٻئي سان صحبت ڪري چڪا آهيو ۽ هو اوهان کان (نڪاح وقت) اهڙو عهد اقرار بہ وٺي چڪيون آهن(21)

هن کان اڳ توبہ جو ذڪر ضمنًا اچي ويو. هن کان اڳ عورتن بابت احڪام هيا. هاڻي انهن کي وڌيڪ بيان ڪيو وڃي ٿو. مسلمانؤ! اوهان لاءِ هرگز جائز ناهي تہ عورتن کي ميت جو مالِ ميراث سمجهي انهن کي زبردستي پنهنجي قبضي ۾ رکو. هت "كَرْهًا" مان مراد آهي عورت کي ميراث سمجهي، ان جو مالڪ ٿيڻ. نہ وري ائين ڪجو جو انهن کي زبردستي روڪي رکو تہ جيئن جيڪو مال متاع مهر يا ٻيو سامان اوهان هنن کي ڏنو آهي، اهو سختي ڪري انهن کان واپس وٺي سگهو. (البقره: 229/2) سواءِ اهڙي غلطيءَ جي جنهن ۾ هنن جي چٽي بدڪاري ۽ بدچالي معلوم ٿئي. اهو مال واپس وٺڻ ناجائز قرلٽ ڪرڻ لاءِ نہ، پر بدچاليءَ جي سزا يا اصلاح احوال طور وٺبو. (النساء: 192/4) ڪجهہ تفسيرن ۾ هن کي بہ زنا (مرد ۽ عورت کي جماع ڪندي ڏسڻ) سڏيو ويو آهي ۽ هن حڪم کي بہ منسوخ چيو ويو آهي، پر هي بہ اهڙي فاحشہ جو ذڪر آهي، جنهن ۾ مرد پاڻ عورت کي زنا ڪندي نہ ڏٺو آهي، رڳو ڪيس عورت جي فحاشي (بدڪاري) معلوم ٿي وڃي تہ لڪي ڇپي فحاشي ڪري ٿي. هي اهڙي عورت لاءِ آهي تہ ان کي مال مهر کان سواءِ ٻيو جيڪو ڪجهہ مال ڏنو ويو آهي، اهو واپس وٺي. باقي جيڪڏهن پنهنجي زال کي ڪنهن مرد سان زنا ڪندي ڏسي ٿو ۽ چار شاهد نہ آهن، تہ پوءِ ان جي سزا سورة النور ۾ وضاحت سان بيان ٿيل آهي. پر جيڪڏهن اهڙي صورتحال ناهي تہ پوءِ عورتن سان سٺو سماجي سلوڪ اختيار ڪيو. حديث شريف ۾ آهي: "خَيْرُكُمْ خَيْرُكُمْ بِأَهْلِهٖ" توهان مان سڀ کان ڀلو

اهو ماڻهو آهي، جيڪو پنهنجي اهل و عيال سان ڀلو هلي. جيڪڏهن هو ڪنهن هڪ اڌ ڳالھ جي ڪري اوهان کي پسند نه آهن ته جھٽ پٽ آپي کان ٻاهر نه نڪرو، صبر ڪريو، ممڪن آهي ته ڪا شيءِ اوهان کي پسند نه آهي، ان ڪري اوهان هنگامي قدم کڻو. (البقره: 216/2) ان کان اڳ سوچيو ته الله تعالىٰ انهيءَ عورت ۾ ئي اوهان جي ڀلائي رکي هجي. لَا يُنَفِّرُ مُؤْمِنٌ مُّؤْمِنَةً اِنْ كَرِهَ مِنْهَا خُلُقًا رَضِيَ مِنْهَا آخَرَ (صحيح مسلم) مومن مرد (مڙس) مؤمن عورت (زال) سان بغض نه رکي. جيڪڏهن هڪ عادت پسند ناهي ته ٻي عادت پسندا يندي. پر اهو تڏهن ٿي سگھي ٿو، جڏهن مرد صبر کان ڪم وٺي ۽ ان عورت جون سڀ صلاحيتون ڏسي. جيڪڏهن هن جون ٻيون خوبيون سنيون آهن ته طلاق نه ڏئي. نبي اڪرم ﷺ جن جو ارشاد مبارڪ آهي: "اَبْغَضُ الْحَلَالِ اِلَى اللهِ الطَّلَاقُ" الله وٽ جائز شين ۾ سڀ کان خراب شيءِ طلاق آهي. ٻي حديث ۾ آهي: "تَزَوَّجُوْا وَلَا تُطَلِّقُوْا فَاِنَّ اللهَ لَا يُحِبُّ الذَّوَّاقِيْنَ وَالذَّوَّاقَاتِ" نڪاح ضرور ڪريو، پر طلاق نه ڏيو. مرد ۽ عورت جو مزي وٺڻ لاءِ طلاق ڏيڻ کي الله تعالىٰ پسند نٿو ڪري.

ياد رهي ته جهالت واري دور ۾ عورتن سان بي حد ناانصافي ۽ ظلم ڪيو ويندو هو. مرد جي مرڻ بعد عورت کي به اهڙي طرح ميراث جو مال سمجهندا هيا، جهڙيءَ طرح ترڪي ۾ ڇڏيل ٻيو مال. ان کي روڪي رکندا هئا ته جيئن هن کان مهر جو مال ۽ هن جي حصي ۾ ترڪي ۾ آيل سندس ذاتي ملڪيت تي قبضو ڪري سگھن. حالانڪ مڙس جي وفات بعد زال آزاد آهي. عدت گذاري جتي گهري، اتي وڃي يا جنهن سان به نڪاح ڪرڻ گهري نڪاح ڪري ڇڏي. پر جيڪڏهن اوهان عورت سان سٺي نموني گڏ رهڻ ۽ ان سان سنو سلوڪ ڪرڻ جو خيال نٿا رکو، حالانڪ اوهان کي حڪم آهي ته "عَاشِرُوْهُنَّ بِالْمَعْرُوْفِ" انهن سان سٺي نموني ورتاءُ ڪريو، پر جيڪڏهن ان کي ڇڏي ان جي بدلي ٻيءَ عورت سان نڪاح ڪرڻ گهرو ٿا ته پهرئين زال کي جيڪو ڪجھ سون چاندي جي وڏي موڙي مهر ۾ ڏئي چڪا آهيو يا جيڪا هن جي ملڪيت آهي ان مان ڪجھ به هن کان واپس نه وٺو. ڇا اوهان هن عورت تي بهتان مڙهي، ڪوڙا الزام لڳائي، ظلم ۽ زيادتي ڪري هن جو مال هٿايو ٿا. اهو مال اوهان ان عوت کان ڪيئن واپس وٺي سگھو ٿا، جنهن سان اوهان جي ازدواجي صحبت به ٿي چڪي آهي. يا اڪيلائيءَ ۾ گڏ رهي چڪا آهيو،

پر جي عورت پاڻ طلاق گهري ٿي ته پوءِ ڪجهه حصو ونئي سگهو ٿا. (البقره: 229/2) يا هن کان بدچالي ۽ بي حيائي جو صريح ثبوت ملي. (النساء 19/4) جڏهن ته نڪاح جي وقت اوهان هن سان اهڙا پڪا قول اقرار به ڪيا هيا. نڪاح عهد آهي ۽ عهد ٽوڙڻ ڏوهه آهي. هت به اهي ٽي اهم نڪتا آهن: (1) ته اوهان بهتان جا مرتڪب ٿا ٿيو. (2) ازدواجي حقوق ادا ڪرڻ يا ڪم از ڪم تنهائي ۾ رهڻ سان اڪيلو رهڻ کان پوءِ به ڏنل مال ونڻ گهرو ٿا. (3) شادي ڪرڻ وقت ڪيل عهد جي ڀڃڪڙي ڪيو ٿا. انهن ٽنهي ڏوهن کان پاڻ بچايو.

وَلَا تَنْكِحُوْا مَا نَكَحَ اٰبَآؤُكُمْ مِّنَ النِّسَآءِ اِلَّا مَا قَدْ سَلَفَ ؕ اِنَّهٗ كَانَ فَاحِشَةً وَّمَقْتًا ؕ وَسَآءَ سَبِيْلًا ﴿۲۲﴾ ع ۳ ۱۴

۽ انهن عورتن سان نڪاح نه ڪريو جن سان اوهان جا پيءُ ڏاڏا نڪاح ڪري چڪا آهن، مگر هن حڪم کان اڳ ۾ جو ٿي چڪو (معاف آهي) بيشڪ هي وڏي بيحيائي جي ڳالهه ۽ الله تعالىٰ جي غضب کي دعوت ڏيڻ برابر آهي ۽ نهايت خراب روش آهي(22)

جن عورتن سان اوهان جي پيءُ نڪاح ڪيو هجي انهن کي پنهنجي نڪاح ۾ نه آڻيو. هن حڪم ۾ بندش وڌي وئي آهي. ان کان اڳ جو ڪجهه ٿي چڪو سو ٿي ويو، هن سان ماضيءَ جو اطلاق نه ٿيندو. ان وقت جو ٿيو، اهو قبول ڪيو ويندو. اهڙو اولاد حرام اولاد نه سڏبو. پر اڳتي ٿيو ته سڀ ڪجهه حرام ٿي ويندو. پر اڳتي لاءِ ياد رکو ته اها وڏي بي حيائي ۽ بي شرمي وارو نڪرايل ۽ بچڙو رستو هيو، جنهن کي نهايت برن لفظن ۾ بيان ڪيو ويو آهي ته اهو عمل "فَاحِشَةً"، "مَقْتًا" ۽ "سَآءَ سَبِيْلًا" آهي. عربن ۾ دور جهالت وقت اها به بچڙي رسم هئي ته هو پنهنجن ويڳي مائرن سان به نڪاح ڪري ڇڏيندا هئا. يا انهن کي بغير نڪاح جي گهر ۾ سريت ڪري ويهاري ڇڏيندا هئا. حالانڪ ان جهالت واري دور ۾ به اهڙي بچڙي نڪاح کي "نڪاح مقت" يعني برو نڪاح سمجهيو ويندو هو. جنهن کان سختي سان روڪيو ويو آهي. اسلامي شرعي قانون موجب محرم عورت سان جماع ڪرڻ فوجداري جرم آهي. "مَنْ وَقَعَ عَلٰى ذَاتِ مُحَرَّمٍ فَاقْتُلُوْهُ" جيڪو محرمات سان زنا

ڪري (نڪاح بہ زنا هوندو) ان کي قتل ڪريو. (تفهيم القرآن) امام ابوحنيفه، امام مالڪ ۽ امام شافعي رحمۃ اللہ علیہما جي راءِ آهي تہ انهن تي زنا جي حد جاري ٿيندي، پر جي نڪاح ڪيو اٿس تہ پوءِ سخت سزا هوندي. حديث شريف ۾ آهي: ”مَنْ نَّظَرَ اِلٰى فَرْجِ اِمْرَاَةٍ حُرِّمَتْ عَلَيْهِ اُمُّهَا وَابْنَتُهَا “ جنهن عورت جي فرج (زناڻو خاص عضوو) تي نظر وڌي، ان لاءِ سندس ماءُ ۽ ڌيءُ حرام ٿي ويون. ”لَا يَنْظُرُ اللّٰهُ اِلٰى رَجُلٍ نَظَرَ اِلٰى فَرْجِ اِمْرَاَةٍ وَابْنَتِهَا“ اللّٰه ان ماڻهوءَ جي شڪل ڏسڻ بہ پسند نٿو ڪري، جيڪو هڪ عورت ۽ ان جي ڌيءُ جي فرج تي نظر وجهي. (منهاج القرآن) ايندڙ آيتن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ هڪ شخص ويجهن رشتيدار عورتن مان ڪنهن ڪنهن سان نڪاح ڪري نٿو سگهي.

---

حُرِّمَتْ عَلَيْكُمْ اُمَّهٰتُكُمْ وَ بَنٰتُكُمْ وَ اَخَوٰتُكُمْ وَعَمّٰتُكُمْ وَخٰلٰتُكُمْ وَبَنٰتُ
الْاَخِ وَبَنٰتُ الْاُخْتِ وَ اُمَّهٰتُكُمُ الّٰتِيْٓ اَرْضَعْنَكُمْ وَ اَخَوٰتُكُمْ مِّنَ الرَّضَاعَةِ
وَ اُمَّهٰتُ نِسَآىِٕكُمْ وَرَبَآىِٕبُكُمُ الّٰتِيْ فِيْ حُجُوْرِكُمْ مِّنْ نِّسَآىِٕكُمُ الّٰتِيْ دَخَلْتُمْ
بِهِنَّ ز فَاِنْ لَّمْ تَكُوْنُوْا دَخَلْتُمْ بِهِنَّ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ ز وَحَلَاۤىِٕلُ اَبْنَاۤىِٕكُمُ
الَّذِيْنَ مِنْ اَصْلَابِكُمْ لا وَاَنْ تَجْمَعُوْا بَيْنَ الْاُخْتَيْنِ اِلَّا مَا قَدْ سَلَفَ ط اِنَّ اللّٰهَ
كَانَ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿۲۳﴾ لا

---

توهان جون مائرون، توهان جون ڌيئرون ۽ ڀينرون توهان تي حرام آهن ۽ اوهان جون ڦڦيون ۽ ماسيون ۽ اوهان جون ڀائيٽيون ۽ ڀاڻيجون ۽ اوهان جون رضاعي (ٿڃ پيارڻ واريون) مائرون ۽ اوهان جون ٿڃ شريڪ ڀينرون توهان جي زال جون مائرون (سس) ۽ اڳ ڄايون جيڪي اوهان جي هنج ۾ پليون جن جي مائرن سان اوهان صحبت ڪري چڪا آهيو، پر جيڪڏهن اوهان زال سان صحبت نہ ڪئي آهي تہ پوءِ انهن سان نڪاح ڪرڻ ۾ ڪو گناهہ ڪونهي ۽ اوهان جي سڳن پٽن جون زالون يا ٻن ڀيڻ سان هڪ وقت نڪاح ڪريو. ها هن

**ڪان اڳ جو ٿي چڪو (معاف آهي) بيشڪ الله بخشڻهار ۽ هميشه رحم ڪرڻ وارو آهي.(23)**

اوهان تي حرام ڪيون ويون آهن، اوهان جون مائر، ڏيئر ۽ ڀينر. مائرن ۾ سڀئي ماءُ ۽ ويجهي ماءُ بہ شامل آهن. ڌيءَ جي حڪم ۾ پوٽي ۽ ڏوهٽي بہ شامل آهي ۽ ڀيڻ جي حڪم ۾ سڀئي ڀيڻ، پئٽي ڀيڻ ۽ مائٽي ڀيڻ سڀ شامل آهن. سڳيون ماسيون، پاڻٽيون، پاڻيجيون، هن ۾ بہ ساڳي طرح سڳا ۽ ويڳا سڀ رشتا شامل آهن. ۽ اوهان جون رضاعي مائرون جن جو اوهان تي ورتو آهي ۽ تي شريڪ ڀينرون ۽ جيڪي رشتا سڳي ماءُ پيءُ جي ڪري حرام ٿين ٿا اهي سمورا رشتا بہ رضاعي ماءُ ۾ شامل آهن. يَحْرُمُ مِنَ الرِّضَاعِ مَا يَحْرُمُ مِنَ النَّسَبِ (صحيح بخاري) رضاعي رشتو بہ اهڙيءَ طرح حرام آهي، جهڙيءَ طرح نسبي رشتو حرام آهي. لَا يُحَرِّمُ مِنَ الرِّضَاعِ إِلَّا مَا فَتَقَ الْأَمْعَاءَ فِي الثَّدْيِ وَكَانَ قَبْلَ الْعِظَامِ (جامع ترمذي) اهو رضاع (کير پيارڻ) حرمت ثابت ڪري ٿو، جيڪو ڇاتي مان نڪري اچي پر کير ڇڏائڻ کان اڳ هجي پوءِ نہ هجي. اوهان جي زالن جون مائر يعني سس ۽ انهن زالن جون ڌيئرون جيڪي هينئر اوهان جي گود ۾ آهن يعني اوهان جو اڳ ڄايون، جن جي مائرن سان اوهان جي صحبت وارو فعل ٿي چڪو آهي. پرجيڪڏهن مجامعت وارو رشتو قائم نہ ٿيو آهي، رڳو نڪاح ٿيل آهي تہ پوءِ انهن زالن کي ڇڏي سندن ڌيئرن (اڳ ڄاين) سان نڪاح ڪري سگهو ٿا، پر جيڪڏهن جماع ٿي ويو آهي، پوءِ اها نڪاح ۾ هجي يا طلاق شده هجي تہ بہ ربيبه (اڳ ڄائي) سان نڪاح ڪري نٿو سگهجي. (بيان القرآن) ۽ توهان جي انهن پٽن جون زالون جيڪي پٽ اوهان جي پٺيءَ مان آهن، يعني سڳا پٽ آهن. جو تہ گود ۾ ورتل ويجهي پٽ جي زال سان شادي رچائي سگهجي ٿي ۽ ٻن ڀينرن کي هڪ وقت ۾ نڪاح ۾ رکڻ حرام آهي. نبي ڪريم خَاتَمُ النَّبِيِّينَ ﷺ جو حڪم آهي تہ زال جي ماسي ۽ ڀاڻيجي، ڦڦي ۽ ڀائٽي کي هڪ وقت گڏ نڪاح ۾ رکڻ جائز نہ آهي. هن کان اڳ جيڪو بہ غلط ڪم ٿيو سو ٿيو، ان جو فڪر نہ ڪريو. اڳتي لاءِ الله ۽ ان جي رسول خَاتَمُ النَّبِيِّينَ ﷺ جي حڪمن ۽ قانون تي پوري پوري طرح عمل ڪريو. هت ٽن قسمن جا محرمات بيان ڪيا ويا آهن: (1) نسبي محرمات (2) رضاعي محرمات (3) صهري (سهري) زال جي رشتن جا محرمات بہ آهن.